پکي پرواز ڪري ويا!

ڊاڪٽر ديال


آچاريہ سوامي گڏيشداس مهاراج


سنت گوبندرام شداڻي


سنت ميهروان سنگهہ

دادا لعلچند ماکيجا


شري آتم واسواڻي


شري منگهارام سپاهيملاڻي

دادا ٽيڪمداس ڪلناڻي

سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر

سردار ڪشنسنگهہ

دادا نيوندرام لوڪواڻي

سنت ٻلرام

سنت لڇيرام

سنت برهمداس


شري ٺاڪر چاولا


شري پريو وفا


شري رام لعلچنداڻي

شري منگهارام پنجابي

ڀيڻ چتري منگهارام


شري ماڌوداس اجڙا


شري امرلعل ڦيرواڻي

Ash A-4 (89)

پکي پرواز ڪري ويا!

ليکڪ :

ڊاڪٽر ديال ڪوتومل ڏاميجا ”آشا“

جون ٢٠١٥

قيمت : سٺ روپيا

پرڪاشڪا :

مينا هرديال اتلاڻي (بي.ڪام، ايم.اي)

ڪمل ڪنج، الهاسنگر-٥.

RGS ENGLISH HIGH SCHOOL Library Section 13 AUG Ulhasnagar - 421 00

آچاريہ سوامي گڻيشداس مهاراج

سنڌ جي تيرٿ آستان شري ساڌو ٻيلا جا مهنت گاديءَنشين مهرشي آچاريہ سوامي گڻيشداس مهاراج ٨٢ سالن جي عمر ۾ ٢١ جنوري سنڌيا جو هردوار ۾ پنهنجي جيون ليلا سماپت ڪئي. هو مهان ودوان گيانوان ڪرم يوگي سنت هئا. هنن ستگرو سوامي هرناماداس مهاراجن جي ڀارت جي جدا جدا شهرن ۾ جوتي جڳائي، آستان برپا ڪيا.

راج رشي سوامي گڻيشداس مهاراجن جو جنم ١٤ فيبروري سنہ ١٩٢٩ع ۾ سکر سنڌ ۾ ٿيو. هن سنت سنہ ١٩٤١ع ۾ شري ساڌ ٻيلا جي گادي نشين سوامي هرناماداس مهاراجن کان گرو منتر جي ديکشا ورتي. ان بعد هن گروءَ جي آگيا انوسار برنداٻن، بنارس ۾ هندي ۽ سنسڪرت ڀاشائن جو ابياس ڪري پراچين سنسڪرت ساهتيہ، ڀارتيہ درشن ۽ شريمد ڀڳوت گيتا جو خاص ابياس ڪيو. هن صاحب ڏاڍي شرڌا ۽ چاهہ سان سوامي هرناماداس مهاراجن جي شيوا ڪئي. ديش جي ورهاڱي بعد هو صاحب سکر ساڌ ٻيلا جي سُرکشا ۽ شيوا ڪندا رهيا.

سنہ ١٩٤٩ع ۾ مهان ڪرم يوگي سنت سوامي هرناماداس مهاراج برهملين ٿيا. سندن گاديءَ تي سنت گڻيشداس مهاراج کي براجمان ڪيو ويو. آچاريہ سوامي گڻيشداس مهاراج ڪرمٺ، پرتڀيا سمپن سنت هئا. سندن ئي پرشارٿ سان ممبئي مهالڪشمي مندر پرسان شري ساڌ ٻيلا آشرم جڙي راس ٿيو. سوامي جن بنارس، هردوار، ديرادون، اُتر ڪاشي، بندراٻن، پٽيالا، رائپور، اندور ۽ ٻين شهرن ۾ پڻ شري ساڌ ٻيلا

فهرست

آچاريہ سوامي گنيشداس مهاراج ١
سنت گوبندرام صاحب ٥
سنت مهروان سنگهہ ٨
سنت گيلارام ١٠
دادا لعلچند ماکيجاڻي ١١
شري آتم واسواڻي ١۴
شري منگهارام سپاهيملاڻي ١٨
دادا ٽيڪمداس ڪلناڻي ٢٢
شري موهنلعل منسکاڻي ٢۴
شري ڊولومل واڌوا ٢۵
سنگيت آچاريہ ماستر چندر ٢٦
شري رام واڌوا ٣٦
سردار ڪشنسنگهہ ۴٠
دادا نيوندرام لوکواڻي ۴١
سنت ٻلرام ۴٣
سنت لڇيرام ۴۵
سنت برهمداس ۴٧
شري ٺاکر چاولا ۵٠
شاعر پريو وفا ۵۴
پروفيسر ايشوري جوتواڻي ۵٨
ڊاڪٽر ارجن سکايل ٦١
شري لکميچند للا ٦٦
شري رام لعلچنداڻي ٦٩
شري سندر منگهناڻي ٧٢
شري آسودومل موهناڻي ٧٦
شاعر ميارام درد ٧٩
پينٽ چتري منگهارام ٨٢
شري سندرداس ٻنيجا ٨٣
شري امرلعل ڦيرواڻي ٨۵
شري نارائڻ پوپٽاڻي ٨٦
شري نندلعل هندوجا ٨٧
شري موهن ڀهراڻي ٨٩
شري گورڌن گدواڻي ٩٢
شري رمڻ راجپال ٩٣
شري دليپ لعلواڻي ٩۵
شري رام چنچلاڻي ٩٧
ماستر ماڌوداس اڇڙا ٩٨
شري ڪمل پارواڻي ٩٩
شري فتحچند نکربابا ١٠١
شري آسومل شهاڻي ١٠٢
ڊاڪٽر ياوَن واڌواڻي ١٠۴

سوامي گنيشداس مهاراجن ساهتيہ سرجن بہ ڪيو. هنن هندي ۽ انگريزي ۾ ڪيترائي اُپيوگي پستڪ لکيا جي اڄ بہ اسانجي رهنمائي ڪن ٿا. سندن هنديءَ ۾ رچيل 'ويدانت ۽ ادوئت واد' پرسڌ پستڪ آهي جنهن ۾ سوامي جن ويدانت جا ويچار سرل ڀاشا ۾ سليا آهن. سوامي جن ڪوي هرديہ بہ هئا. سوامي جن آچاريہ سريچندر ڀڳوان جو جيون هندي ڪنڊ ڪاويہ ۾ لکيو آهي.

سوامي گنيشداس مهاراج منهنجا ڏاڍا قدردان هئا. سنہ ١٩٥١ ۾ هي صاحب سنت بالڪرام مڙهي سنڌونگر-١ ۾ پڌاريا. تڏهن مان اسڪولي وديارٿي هوس. سوامي جن جو پويہ سواگت ڪيو ويو. مون اُن موقعي تي هنديءَ ۾ ڳالهايو، سوامي جن اُن وقت پنهنجي گلي مان گلن جو هار لاهي مونکي وڌو. شري ساڌ ٻيلا جو چانديءَ جو ميڊل مونکي ڏنو. جڏهن هوُ ممبئي ساڌ ٻيلا ۾ رهندا هئا تہ داس سندن درشن لاءِ ويندو هو. هوُ مونکي ڏاڍو ڀائيندا هئا. هوُ جڏهن نوڀارت ٽائيمس يا ٻين هندي اخبارن ۾ مونکي مليل انعامن جي پڌرائي پڙهندا هئا تہ هڪدم اُتساهت ڪرڻ لاءِ واڌاين جو خط لکندا هئا. دهلي هردوار ۾ بہ داس وٽن ويندو هو. ڇهہ سال اڳہ داس دهلي ويو. اُتي آشرم جو نيم آهي منجهند ١٢ بجي دروازو بند ڪندا آهن. اُتي آمدرفت جي ڪري مان ساڌ ٻيلا ۾ ساڍي ١٢ بجي پهتس، سوامي جن خاص داس لاءِ هيٺ ترسيا ۽ داس کي درشن ڏيو. پوءِ تہ هوُ اڌ ڪلاڪ ڪن داس سان روح رهاڻ ڪندا رهيا. داس سان گڏ ڀاڄ نند هندوجا ۽ سندس پتني ساوتري بہ هئي. اُن موقعي تي داس کي سوامي جن

آستان برپا ڪيا. دهليءَ ۾ پڻ سوامي جن شري ساڌ ٻيلا آشرم ٺهرايو. جنهن جو مهورت ڀارت جي راشٽرپتي سردار زائلسنگهہ ڪيو. جنهن ۾ ڀڳوان ساڪي گوپل جو سندر مندر آهي. وديارٿين جي وشيش اڀياس لاءِ سوامي گڻيشداس مهاراجن ڪاشيءَ ۾ 'ساڌ ٻيلا سنسڪرت مها وديالیہ' برپا ڪيو. جتي نہ صرف وديارٿين کي مفت سکيا وديا ڏني وڃي ٿي. پر سندن رهڻ ۽ کاڌي پيتي جو پڻ مفت بندوبست ڪيل آهي. سندن جوڙايل هردوار ۾ 'آتٿيم' آڌنڪ نموني جو آشرم آهي.

سوامي گڻيشداس مهاراجن وديا جي کيتر ۾ يوگدان ڏنو. هنن الهاسنگر- ا ۾ نياڻين جي خاص پڙهائيءَ لاءِ جي. ايم. ساڌ ٻيلا هاءِ اسڪول، جونيئر ڪاليج، شري واڌومل ڪنيا مها وديالیہ برپا ڪري اُتم ڪاريہ ڪيو. اُن اسڪول ۽ ڪاليج لاءِ پلاٽ وني ڏيڻ ۾ ڀاءُ سريچند صابلاڻيءَ ڪافي پاڻ پتوڙيو. ڀاءُ هيرو ماڪيجاڻي، ڀاءُ چندرو ٻڌراڻي ۽ ٻين دان داتائن پڻ آرٿڪ سهيوگ ڏنو. ممبئيءَ ۾ بيمارن جي سهوليت لاءِ سوامي جن ائمبولينس جي ويوستا رکي.

پريمين جي پياس پوري ڪرڻ لاءِ سوامي گڻيشداس مهاراج ايشيا ۽ آميريڪا جي جدا جدا شهرن ۾ ويا. اُتي سوامي جن ڀارتيہ سنسڪرتي، سڀيتا ۽ هندو سناتن ڌرم جو سنديش ڏنو، شرڌالن کي ست مارگ ٻڌايو. سوامي جن ايشور ڀڳت بہ هئا تہ ديش ڀڳت بہ هئا. سوامي جن چين-پاڪستان جي چڙهائيءَ وقت پرڌان منتري شري لعل بهادر شاستريءَ کي راشٽريہ رکشا ڪوش لاءِ مايا ڀيٽ ڪئي. هوُ درياهہ دل سنت هئا، پر اُپڪاري پٽيہ آتما هئا.

...٢...

پوڄيہ پتا سنت راجارام صاحب کين شري گرو گرنٿ صاحب جي باڻيءَ جي سمجهاڻي ڏيندا هئا ۽ ارٿ ٻڌائيندا هئا. جوان گوبندرام ڳائين جي بہ شيوا ڪندا هئا. گرميءَ جي ڏينهن ۾ پوڄيہ پتاجن ۽ ماتاجن جي وشرام وقت جهلي لوڏائيندا هئا.

سنت راجارام صاحب اپريل سنہ ١٩٦٠ ع ۾ برهملين ٿيا. پريمين سنت راجارام صاحب جي سپاتر شري گوبندرام کي شداڻيءَ دربار جي گاديءَ تي براجمان ڪيو. سنت گوبندرام صاحب پنهنجي پوڄيہ پتا صاحب جي نقش قدمن تي هلندي شرڌالو پريمين کي نام جپائيندا رهيا. هڪ هڪ سان پيار پريو ورتاءُ ڪندا هئا. هنن نام سمرڻ سان گڏ شيوا جي جوت بہ جڳائي سائين گوبندرام صاحب نہ صرف حيات پتاڻيءَ پرسکر جي ٻين ڳوٺن ۾ بہ پاٺشالائون برپا ڪيون جٿي نئين ٽهي وديا کان ونچت نہ رهي. وديارٿين کي مفت وديا ڏني ويندي هئي. وديارٿين کي نہ صرف پستڪ پاڙهيا ويندا هئا پر کين نئتڪ ۽ ڌارمڪ سکيا بہ ڏني ويندي هئي. سنت گوبندرام صاحب دکين دريدرن جي شيوا جا ڪاريہ بہ شروع ڪيا.

پريمين جي قرب پري ڪوٽ تي سنہ ١٩٦٩ ع ۾ سنت گوبندرام صاحب ڀارت ۾ آيا. پريمين جي آگرهہ تي هنن رائپور ۾ شاهي پلاٽ وٺي شداڻي دربار برپا ڪئي. هو دوانديش سنت هئا. هنن پريمين کي بہ ٿانئيڪو ڪرڻ لاءِ دربار صاحب پرسان پريمين لاءِ جايون جوڙايون. دڪان ٺهرائي ڪيترن کي روزگار تي لڳايو. ٿوري عرصي ۾ سنت گوبندرام صاحب جي ساڌنا پرشارٿ سبب چوڌاري وسنوَ ٿي وئي. برپٽ مان باغ ٿي پيو. هي آستان سائين گوبندرام صاحب جو ساڌنا استل بہ آهي تہ ڪرم ڀومي بہ آهي. سائين گوبندرام صاحب

...٥...

ڪيڏو نہ پيار ڏنو ۽ پوڄن پرساد ورتائڻ جي آگيا ڪئي. هڪ دفعي ممبئيءِ ۾ رام لعلچندائيءَ کي پاڻ سان ساڌ ٻيلا وٺي ويس. سوامي جن هڪدم پاڻ وٽ مٽي گهرايو. حال احوال وٺندي ٻنهي کي چانورن جون ٿيلهيون ڏيندي چيو تہ ساڌ ٻيلا کيت جا چانورکائي ڏسو. سوامي جن ندرنشکام برهمگياني سنت هئا. اهڙا سنت ملڻ مشڪل آهن. هوُ فراخ دل سنت داس کي سدائين همٿائيندا رهيا. سندن گاديءَ تي ساڌو ٻيلا جي ڪوٺاري سنت هرچنداس مهاراج کي براجمان ڪيو ويو. هوُ بہ برهملين ٿيا.

ڪرميوگي سنت گوبندرام صاحب شداڻي

شداڻي دربار صاحب جا مهنت سنت گوبندرام صاحب ڪرم يوگي ڪرمٺ پر اُپڪاري پٽيہ آتما هئا. سندن جيون ۾ ڀڳتي گيان ۽ ڪرم جو سندر سمنويہ هو. هوُ محبت جي مورت ۽ سڪ جي صورت هئا. سپاتر سنتان پنهنجي وڏڙن جي ورثي کي نہ صرف سُرڪشت رکندي آهي پر اُن جو وڪاس ڪنديِ آهي. سائين گوبند پنهنجي وڏڙن جي ورثي کي وڌايو. هند سنڌ ۾ شداڻي دربار صاحب جو نالو روشن ڪيو ۽ شيوا ڪارين جو وڪاس ڪيوء. سندن جنم ٢٥ آڪٽوبر سنہ ١٩٤٤ع شداڻي دربار صاحب جي گادي نشين سنت راجارام صاحب جي گهر حيات پتافي سنڌ ۾ ٿيو. گهر جي ڌارمڪ واتاورڻ ۾ ٻالڪ شري گوبندرام جي پالنا ٿي. گهر ۾ ڪين گرمکي اکر سيکاريا ويا ۽ اسڪول ۾ پڻ داخلا ورتي. هوُ پنهنجي پڙهائيءَ سان گڏ دربار صاحب جي شيوا بہ ڪندا رهيا. گرمکي سکي هِن گرواڻيءَ جو بہ اڀياس ڪيو.

ڪندا هئا. رائپور ۾ برپا ڪيل شداڻي دربار صاحب سائين ٻوبندرام صاحب جي ساڌنا سبب سنڌين جو هڪ تيرٿ آستان آهي جتي هزارين سنڌ هند جا شرڌالو نتمستڪ ٿي آسيس وٺن ٿا. سنڌن من جون مرادون برثوات ٿين ٿيون.

ڪرم يوگي سنت ٻوبندرام صاحب ۲۲ اپريل سنہ ۱۹۰۳ع ۾ سنساري سفر پورو ڪري سچکنڊ پڌاريا. هزارن دلين جا روحاني راڻا پر اُپڪاري سنت ٻوبندرام صاحب رام جي راهہ ڏانهن رمندا رهيا. سنڌن تيرهيءَ جي موقعي تي سنڌن ٻاديءَ تي سپاتر پياري يڌشنر لعل کي براجمان ڪيو ويو. هوُ صاحب پوجيہ پتا جن جي جڳايل جوت جڳائي رهيا آهن.

سنت بابا مهروان سنگهہ صاحب

هزارن لوڪن کي نام جو امرت پيئارڻ وارا، دکين جا دک درد دور ڪرڻ وارا، سنڌ جي مهان سنت ستپرک بابا ٿاهرياسنگهہ دربار جا مهنت سنت مهروان سنگهہ صاحب ۱ جون سنہ ۱۹۵۱ع ۾ سنت بابا آتماسنگهہ صاحب ڳادي نشين بابا ٿاهرياسنگهہ جي گهر اُلهاسنگر ۾ جنم ورتو. سردار مهروان سنگهہ هتي الهاسنگر ۾ ئي اسڪولي تعليم وٺندي ڳرمکي سکي ڳرباڻيءَ جو اونهو ابياس ڪيو. ڳرو ابناسي گهر ۾ پاپا سنڌن پتا سنت آتما سنگهہ ئي سنڌن مارڳہ درشن ڪيو.

اُلهاسنگر سنت مهروان سنگهہ صاحب جي جنم يومي بہ آهي تہ ڪرم يومي بہ آهي. سنڌن پتا صاحب سنت آتما سنگهہ صاحب سچکنڊ پڌاريا تہ کين ڳاديءَ تي براجمان ڪيو ويو. گهر گرهست ۾

رسوخ وارا سنت هئا. سنڌ چاهي هند جي سياسي اڳوانن سان سندن سنو سنبنڌ رهيو. هوُ سندن آستان تي اچي نت مستڪ ٽيندا هئا. سنت گوبندرام صاحب هر سال سوَن شرڌالو پريمين کي پارت سرڪار کان پروانگي وٺي سنڌ ۾ وٺي ويندا هئا. اُنهن جي کاڌي پيتي جو بہ بهترين بندوبست ڪندا هئا. پريمي ساٿيهہ سنڌ ۾ شداڻي دربار صاحب، شري ساڌ ٻيلا ۽ ٻين آستانن جو درشن ڪري باغ بهار ٿيندا هئا. هي صاحب هر سال سنڌ جي پريمين کي وري پارت پومي ۽ جو درشن ڪرائيندا هئا. سنت سائين راجا رام صاحب جي ورسي ۽ جي موقعي تي اُهي پريمي ميلي ۾ شرڪت ڪري سنتن کان آسيس وٺندا هئا. اِهو سلسلو اڄ بہ چالو آهي. سنت يڌشٽرلعل صاحب اُنهن ياترين جي اچڻ-وڃڻ، رهڻ، کائڻ-پيئڻ جي جوڳي ويوسٿا ڪندا رهن ٿا. ايترن ياترين لاءِ سرڪار کان پروانگي وٺڻ ڏکيو ڪم آهي پر سائين گوبندرام صاحب جي رسوخ سبب اِهو ڪم آسان ٿيندو هو. سائيءَ ريت هاڻي بہ سندن گادي نشين سنت يڌشٽر لعل سندن شروع ڪيل ڪارين جي جوت جڳائي رهيو آهي.

سنت گوبندرام صاحب نہ صرف رائپور ۾ پر جدا جدا شهرن ۾ جدا جدا بيمارن جي علاج لاءِ مفت ميڊيڪل ڪئمپس لڳائيندو رهيو. ممبئيءَ ۾ سندن آسيس سان پيارو ارجنداس واسواڻي ڪيترن ئي دل جي مريضن جي مفت باءِ پاس ڪرائيندو رهيو. ٻاهران آيل بيمارن جي ممبئيءَ رهڻ لاءِ پڻ سائين گوبندرام صاحب بندوبست ڪندا هئا. پريمين جي شرڌا سبب سائين گوبندرام صاحب امراوتيءَ ۾ بہ شداڻي دربار برپا ڪئي. سنت گوبندرام وقت بہ وقت حيات پتافي، سنڌ ۾ وڃي شداڻي دربار جي نگهباني ڪري پريمين جي پياس پوري

...٦...

سياسي پارٽين جا نيتائون نت مستڪ ٽي بابا مهروان سنگهه صاحب کان آسيس وٺندا هئا. سندن آستان تي پوڄن جو پنڌارو سدائين چالو هوندو آهي. هوُ ڳچهه ڳوهه ۾ ڪيترائي پراپڪارجا ڪاريه ڪندا رهيا. هوُ مونکي بہ ڏاڍو پيار ڪندا هئا. مان ننڍپڻ ۾ ڪنڊرن ۾ ميلهي تي وڃي آسيس ورتي.

بابا مهروان سنگهه ٩١ سالن جي عمر ۾ سنساري سفر سماپت ڪري ١٥ آڪٽوبر سنہ ٢٠١٢ع ۾ سچکنڊ پڌاريا. هزارين شرڌالو سندن انتم درشن ڪرڻ لاءِ اَباجن جي اکڙين مان لڙڪ لڙي رهيا هئا. سندن وڏي سپاتر سردار جس ڪيرتسنگهه کي گاديءَ تي براجمان ڪيو ويو. پيارو سنت جس ڪيرتسنگهه ۽ سندس پراتا سردار ٽلو سنگهه پنهنجي پوجيہ پتا سنت مهروان سنگهه جي نقش قدمن تي هلي سندن جوت جڳائي رهيا آهن. هوُ نہ صرف نام جي جوت جڳائيءَ رهيا آهن پر جدا جدا بيمارن جي بيمارين لاءِ خاص ڊاڪٽرن کي گهرائي ڪئمپس لڳائي سندن مفت علاج ڪرائين ٿا. گهرجائن جي ڳچهه ڳوهه ۾ مدد ڪندا رهن ٿا. راڳي جٿا گهرائي پريمين کي نام جو امرت پيئاريندا رهن ٿا. سڳئي ئي اُتساهه اُمنگ سان شري گرونانڪ ديو مهاراجن، بابا سنت ٿاهرپاسنگهه صاحب، امان راڌي ٻائيءَ جي ورسي ٻيا گرپرب ملهائين ٿا.

چاليهہ چاليهه ڏينهن اکنڊ پاٺ جو آيوجن ڪن ٿا. سنت مهروان سنگهه صاحب جا ٻئي سپتر سنت جسڪيرتسنگهه ۽ پيارو ٽلو سنگهه پنهنجن وڏن جي ورثي کي وڌائيندا رهن ٿا. ٻئي نماڻا ۽ پيار وارا سنت آهن. نام پڻ جو خوب پرچار ڪن ٿا. ياترين جي سهوليت لاءِ هوُ هردوار ۾ شري گرونانڪ شاهه ڌرمشالا ٺهرائي رهيا آهن.

رهندي، گاديءَ تي براجمان هوندي هوُ گروباڻيءَ جو پرچار بہ ڪندا هئا تہ پر اُپڪار جا ڪاريہ بہ ڪندا هئا. هوُ هڪ کي پنهنجو پيار ڏيندا هئا. هنن سوَن شرڌالن کي پنهنجي پريم جي ڏوريءِ ۾ ٻڌي ڇڏيو. هنن پنهنجي وڏن جي ورثي کي وڌايو. نت نيم گرباڻيءَ جي امرت ورکا ڪندي هزارين تتل دلين کي ٺاريو. سندن ئي پرپرڻا پرشارت سان بابا ٺاڪرياسنگهہ دربار سامهون نئين سندر عمارت ٺهي تيار ٿي. سندن نام ساڌنا سبب هي آستان ڏيرا بابا ٺاڪرياسنگهہ نالي سان پرسڌ ٿيو آهي جتي روز گرباڻيءَ جي گنگا پرواهت ٿئي ٿي ۽ جدا جدا راڳي جٿا گرباڻيءَ جو امرت پيئاري سوَن جي پياس ٻجهائين ٿا.

سندن هي آستان اُلهاسنگر جي امرتسر آهي. جتي سدائين نام جي ندي پرواهت ٿيندي رهي ٿي. ڪارتڪ ۾ شري گرونانڪ ديو مهاراجن جي جنمدن جي سنٻنڌ ۾ ڪيئن نہ ڏاڍي اُتساهہ اُمنگ سان هتان پرڀات ڦيري نڪري ٿي. امرت ويلي هزارين شرڌالو پرڀات ڦيريءَ ۾ شريڪ ٿي نام جي ڌني لڳائيندا هلن ٿا. شري گرونانڪ صاحب جي جنمدن تي امرت ويلي ڪيئن نہ هيليڪاپٽر دواران گلن جي ورکا ٿئي ٿي. هي اتهاسڪ درشيہ ڏسڻ وٽان هوندو آهي. ان پرڀات ڦيريءَ ۾ پرساديءَ جي بہ سٺي ويوسٿا ٿيل هوندي آهي. هيءَ پرڀات ڦيري سوَن سٽلن کي سجايہ ڪندي آهي.

سنت بابا مهروان سنگهہ، بابا ٺاڪرياسنگهہ صاحب ۽ ماتا راڌي ٻائيءَ جا ورسي اُتسوَ پڻ ڏاڍي اُتساهہ اُمنگ سان ملهائيندا هئا. ڪٿان ڪٿان جا شرڌالو هنن اُتسوَ ۾ اچي آسيس وٺندا هئا. بابا مهروان سنگهہ نام دواران ڪيترن جا ڪشٽ ڪافور ڪيا، ڪيترن جون جهوليون ڀريون ڪيون. هوُ سد نماڻا سنت هئا. سندن آستان تي سيني

ديش جي ورهاڱي سبب وطن جا وڻ ڇڏي ڀڳت ڪنورام صاحب جا سپترپائي پيسورام صاحب ۽ سنت هرداسرام اچي امراوتيءَ ۾ رهيا. مدت بعد بابا هرداسرام اچي جلگانوَ ۾ ديرو جمايو. اُتي هن صاحب بندگي ڪندي خلق خدمت جا ڪاربہ بہ شروع ڪيا. هوُ سدائين پنهنجي مستيءَ ۾ مست رهندا هئا، عجيب ٻول ٻوليندا هئا. منڙي مرشد کان دور رهندي پياري گيللرام جي ورتي ڏنڏي ڏاڙيءَ ۾ ڪين لڳندي هئي. اوچتو ڪيس پرينءَ جو پور پوندو هو تہ خاص ديدار لاءِ جلگانوَ هليو ايندو هو. هڪ دفعي اوچتو ٿي اوچتو صبح جو ڪيس مرشد بابا هرداسرام صاحب جي ايڏي چڪ ٿي جو دڪان ڇڏي جلگانو ڏانهن ويندڙ ٽرين ۾ چڙهي پيو. اچي دلبر جو درشن ڪري باغ بهار ٿيو ۽ سدائين لاءِ سمرپت ٿيو سان سائين هرداسرام صاحب جي خدمت ڪرڻ لڳو.

جن کي لڳي ميخ محبت جي سي ڏينهن نہ ڏسن رات
انئي پهر اندر ۾ تن کي وائي وصل جي تات
سي آهن سدا حيات جانب جوڳي جهان ۾

سنت گيللرام انئي پهر پنهنجي ستگرو سائين هرداسرام صاحب جي شيوا ۾ هڪيو حاضر هوندو هو. هوُ سفر ۾ سدا ساڻ هوندو هون. پيارو گيللرام پيرين اُگهاڙي سفر ڪندو هو. ڪيس نينهن جو نشو چڙهي ويو. سنت هرداسرام صاحب سنساري سفر سماپت ڪيو. پوءِ سنت گيللرام سندن شيوا ڪارين جي جوت جڳائيندو رهيو. هر سال وانگر هوُ امر شهيد ڀڳت ڪنورام صاحب جو ورسي اُتسو ڌوم ڌام سان ملهائيندا رهيا.

سنت گيللرام مونکي بہ ڏاڍو پيائيندا هئا، چوندا هئا تہ پيارا تو جيڪا ساميءَ جي سلوڪن جي ڪئسيٽ ڀري آهي سا مان سفر ۾ ڪار ۾ سدائين ٻڌندو رهندو آهيان. جلگانوَ ۾ سوامي ٽيئونرام پريم

سنت گيلارام صاحب

جلگانوَ جي جانب جوڳي جادوگر سائين هرداسرام صاحب جي برهملين ٿيڻ بعد سندن پرم سيوڪ سنت گيلارام صاحب سندن جوت جڳائيندو رهيو. پيارو سنت گيلارام بہ محبتي منٺار سادگيءَ جي صورت ۽ محبت جي مورت هو. سندس منهن ۾ مٺيا هئي. سادي سفيد لباس ۾ هڪ هڪ درويش دل انسان هو. سپاتر سپتر پنهنجي پتا جي پونجيءَ جي سرڪشا ڪندي اُن جو وڪاس ڪندو رهي ٿو. سنت گيلارام صاحب بہ پنهنجي ستگرو بابا هرداسرام صاحب جي شروع ڪيل شيوا ڪارين کي وڌائيندا رهيا. هن صاحب واگهولي پونا پرسان ٻڌڙن جي شيوا لاءِ ٻڌا آشرم برپا ڪيو آهي. سنڌونگر-۳ ۾ سائين هرداسرام ڌرمشالا آشرم برپا ڪيو آهي ۽ ٻين شهرن ۾ پڻ ستگرن جا مندر برپا ڪيا آهن. هوُ صاحب امر شهيد ڀڳت ڪنورام صاحب ۽ گرو بابا هرداسرام صاحب جو جدا جدا شهرن ۾ يش ڦهلائيندا رهيا.

سنت گيلارام صاحب جو جنم ۱۲ مارچ سنہ ۱۹۳۰ع ۾ جيڪب آباد سنڌ جي ڪنڌ ڪوٽ شهر ۾ ٿيو. هوُ ماتا پتا جو سڪيلڏو سُپتر هو. ننڍپڻ ۾ ئي سندس من پڙهڻ ۾ ڪين لڳندو هو. هڪ دفعي ڪنڌ ڪوٽ ۾ گودڙيءَ وارا بابا هرداسرام صاحب پڌاريا. اُتي پياري گيلارام سندن پهريون دفعو درشن ڪيو. سندن ديدار ڪندي پياري گيلارام صاحب جي دل جي تار بابا هرداسرام صاحب سان جڙجي ويئي. سندن جدائيءَ ۾ پياري گيلارام جو من اُداس رهندو هو. ديش جي ورهاڱي بعد شري گيلارام مائٽن سان اچي رائپور ۾ رهيو. اُتي هن ڪرياني جو ننڍڙو دڪان کوليو. روز پراتهہ ڪال جو اُٿي نام سمرڻ ڪندو هو ۽ پوءِ صبح جو سويل دڪان کوليندو هو. دڪان هلائيندي بہ سندس رڳ رڳ منڙي مرشد بابا هرداسرام صاحب کي ياد ڪندي هئي.

سوامي هرنامداس مهاراج وئراڳي ورڪت سنت هئا. سندن آستان بہ ڪراچيءَ ۾ ڪلفٽن ٽڪريءَ تي هو. هوُ بہ شري هنومان جا ڀڳت هئا. بالڪ لعلچند گهرجي ڀڳتيمہ واتاورڻ ۾ پليو. وڏڙو ٿيو تہ هي صاحب سوامي هرنامداس مهاراجن جي ڇترڇايا ۾ ئي ڀڳتي مارگ ۾ وڌيو ۽ کين ئي گرو ڪيائين.

سوامي هرنامداس مهاراجن وٽان پياري شري لعلچند کي ست سنسڪارن جي پونجي پراپت ٿي ۽ هست ريکائن جو گيان پراپت ٿيو. هوُ وهنوارجي لحاظ کان نوڪري ڪندا رهيا. گهرگرهست ۾ پرويش ڪيائون. ديش جي ورهاڱي سبب پريوار سان گڏ هوُ ڪراچي سنڌ جا وڻ ڇڏي ممبئيءَ ۾ آيا ۽ سنڌونگر-٣ ۾ اچي نواس ڪيائون. هت گهر ۾ شري هنومان جو مندر برپا ڪيائون. روزگار جي خيال کان هوُ ڏن ناڪ صابڻ فئڪٽري ڪرلا ممبئيءَ جا مئنيجر ٿي رهيا. هوُ فئڪٽريءَ جي ملازمن سان بہ پيار وارو ورتاءُ ڪندا رهيا ۽ مالڪن سان بہ محبت جو ناتو رهين. کين پنج پٽ هئا پر هوُ اناسڪت ڀاوَ ۾ زندگي بسر ڪندا رهيا. هوُ سادگيءَ جي صورت ۽ محبت جي مورت هئا. سندن پيشانيءَ ۾ ڀڳتيءَ جو تجلو هوندو هو. سندن ڪيترائي شرڌالو شش آهن.

دادا لعلچند ماڪيجاڻي پروپڪار جا ڪاريہ ڪندا رهيا. هنن پريمين جي سهيوگ سان هردوار ۾ ياترين جي سک سهنج سوڌا لاءِ 'جئہ بجرنگ بلي' ڌرمشالا نهرائي. هوُ وقت بہ وقت سوامي شانتي پرڪاش بدا آشرم ۾ اچي بدڙن جي شيوا ڪندا هئا. هوُ هر سال پنهنجي گرديو سوامي هرنامداس مهاراجن جو ورسي اُتسوَ ۽ شري هنومان جينتي اُتساهہ اُمنگ سان ملهائيندا هئا. هوُ اُتي پاڻ ٻيهي آيلن کي کاڌو

...١٣...

پرڪاش مندر جو مهورتي اُتسوُ ملهايو ويو. ان اُتسوُ سنبنڌ ۾ داس جو جلگانوَ وڃڻ ٿيو. داس سنت گيلارام صاحب سان ملڻ لاءِ ڏيوري صاحب تي ويو. ڏسان تہ سنت گيلارام صاحب بيماريءَ جي بستري تي آهن. چار شيواڌاري سندن خدمت ۾ حاضر آهن. هنن اشاري سان هڪ شيواڌاريءَ کي هڪ شال ۽ پرساد کڻي اچڻ لاءِ چيو. ڌاس کي شال ۽ پرساد ڏنائون. اِها منڙي ملاقات سندن مون سان آخرين ملاقات هئي. درشن ڪري واپس وريس. اڄ بہ اِهو پيار وارو نظارو اکين اڳيان ڦري رهيو آهي. سندن پيشانيءَ ۾ تجلو هوندو هو، منهن تي سدائين مهڪ ۽ مشڪ هوندي هئي.

۸ ڊسمبر سنہ ۲۰۰۸ پرڀات جو سنت گيلارام صاحب پرم ڌام پڌاريا. هزارين پريمين جون اکڙيون اشڪبار هيون !

دادا لعلچند ماکيجاڻي

دادا لعلچند ماکيجاڻي سفيد پوشاڪ ۾ سنت هئا. هوُ سد گرهستي هوندي سنڪٽ موچن شري هنومان مهاوير جا اننيہ اُپاسڪ هئا. هوُ نہ صرف پاڻ شري هنومان جي ڀڳتي ڪندا هئا پر وٽن ڪيترائي سوالي ايندا هئا جن کي مانسڪ، شاريرڪ يا پاريوارڪ دک هوندا هئا، هوُ انهن کي بہ شري هنومان جي پوڄا، شري هنومان چاليسا جو پاٺ پڙهڻ جي صلاح ڏيندا هئا. هوُ هڪ هڪ سواليءَ سان پيار ڀريو ورتاءُ ڪندا هئا. سندن پتني موهني ٻائي بہ سنيهہ جي صورت هئي، هوءَ بہ هڪ هڪ آيل پريميءَ سان پاٻوهہ سان ڳالهائيندي هئي. ڪين ٽول ڪارائيندي هئي، مهمانوازيءَ جي مورت هئي.

دادا لعلچند ماکيجاڻيءَ جو جنم ۲۳ آڪٽوبر سنہ ١٩١٥ع ۾ ڪراچي سنڌ ۾ شري نيڻومل ماکيجاڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. سندن چاچا

اپياس ڪيو. سندن سڪيائن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏني. هي پيارو ڪيترائي سال سنت مالها جو سمپادڪ ٿي پوجيه دادل شاهه جو پيغام پهچائيندو رهيو. ساڌو واسواڻي مشن جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو سڪريه سدسيه رهي نشڪام ڀاونا سان خدمت ڪندو رهيو. هو اڪائونٽس رکڻ جو پورو پڪو پختو هو.

پيارو ڀاءُ آتم واسواڻي مون سان سدائين پيار ۽ نمرتا سان ملندو هو، ڀاوھه مان ڪيڪارپيندو هو. سندس ڏرمپتني پرنسيپال رتنا واسواڻي اعليٰ تعليمدان آهي. ميران گرلس ڪاليج جي ڪيترائي سال پرنسيپال ٿي هزارين نياڻين جي سونهپ ڪندي رهي ۽ هن وقت ساڌو واسواڻي مشن جي چيئرمن آهي پر ڪيڏي نه نماڻي !

پياري آتم واسواڻيءَ جو جنم ۲۱ اپريل سنه ۱۹۲۴ع واسواڻي گهٽي حيدرآباد سنڌ ۾ شري مولچند واسواڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. شري آتم جو پتا شري مولچند واسواڻي ۽ ماتا يميي بائي ڌارمڪ ويچار ڌارا وارا هئا. شري مولچند واسواڻي هر روز پرڀات جو ڀڄن ڳائيندو هو.

گهر جي ڀڳتيميه واتاورڻ ۾ بالڪ آتم جي پالنا ٿي. پيارو ڀاءُ آتم ننڍپڻ ۾ ٽڪاڻي ۾ وڃي شيوا ڪندو هو. منا ڀڄن ڳائيندو هو. ماستر لالچند ۽ ڪاڪي بولچند جي اثر هيٺ پيارو آتم گرسنگت ۾ صبوح ۽ شام وڃي آرتي ڪندو هو، ڀڄن ڳائيندو هو. ڪاليجي تعليم حاصل ڪري هن بجلي کاتي ۾ نوڪري ڪئي. دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جي ستسنگ ۾ سوين پريمي وڃي آنند جو انيو ڪندا هئا. پياري آتم

ڪارائيندي نينهن پري نگاهہ بہ ڪندا هئا. سندن عمر ٩٤ سال هئي تہ بہ هوُ سيني کي ڪيڏو نہ پيار ڏيندا هئا. ڪي سال اڳ داس کي فريڪچر ٿي پيو تہ هن ورڻ اوستائين بہ ڊاڪٽرن مٿي چڙهي اچي داس کي آسيس ڪيائون ۽ پيار ڏنائون. منهنجو من پرجي آيو. هن عمر ۾ بہ هوُ پريمين جي ڪيڏي نہ پرگهور لهن ٿا. منهنجا قدردان مذرياشي منڙا محبوب هئا. سدائين سندن منهن تي مشڪ هوندي هئي. هوُ گهٽين دلين جا پيارا، نينهن ۾ نيارا هئا.

پوجيہ دادا لعلچند ماڪيجا ٩٤ سالن جي عمر ۾ سنساري سفر سماپت ڪري ٢٧ جولاءِ سنہ ٢٠٠٩ع ۾ سومر ڏينهن برهملين ٿيا. داس جي اکين مان لڙڪ لڙيا. ڪيترن پريمين جي دل پرجي آئي. سوَن صدقين جا سونهارا دادا لعلچند رام جي راهہ ڏانهن رمندا رهيا. سندن سپائر پيارو ڪشورلعل ۽ سندن پريمي سندن جوت جڳائي رهيا آهن.

شري آتم واسواڻي

سنڌين جي سونهاري سنت دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جي دربار جي ڇهن رتنن مان پيارو شري آتم واسواڻي بہ هڪ امولیہ رتن هو. هي صاحب محبت جي مورت، سادگي، سيوا، ستيہ، سنيهہ جي صورت هو. سندس منهن تي سدائين مشڪ نمايان هوندي هئي. هي پيارو مذرياشي، ٿورو ڳالهائو، سانتيڪو سيوڪ، روحاني راهہ جو پانڌيئڙو هو. هن ساڌو واسواڻي مشن جي سمرپت ڀاوَ سان شيوا ڪئي. هن پوجيہ دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ ۽ پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي سنگ ۾ سنتن ستپرشن جي زندگيءَ ۽ سندن ٻاڻيءَ جو ڪافي

سچکنڊ پڌاريو. تڏهن ٻه پيارو آتم دادا جن جي آسڻان تي رهندو هو.

هڪ دفعي ٻڌ جينتيءَ جي موقعي تي گرديو ساڌو واسواڻيءَ جو گوتم ٻڌ بابت رڪارڊيڊ ۾ اُپديش ٻڌي پيارو آتم رات جوئي پنهنجي نوڪريءَ جي استعفا لکي پياري دادا جشن کي پنهنجي دل جو احوال ڏيندي ٻئي ڏينهن تپاڪ پتر آفيس ۾ موڪلي ڇڏيو.

پيارو آتم واسواڻي پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي سونهپ ۾ پهرين بردرهوڊ ۽ پوءِ ساڌو واسواڻي مشن جي شيوا ڪارين ۽ ستسنگ ۾ سمرپت ڀاو سان شيوا ڪندو رهيو. پيارو آتم مشن جا اڪائونٽس ٻه ڏاڍي خبرداريءَ سان سنڀاليندو رهيو.

پياري ڀاءُ آتم کي شاهه سچل سامي ۽ ٻين شاعرن جي شاعري ياد هوندي هئي. هوُ ڪڏهن گنگنائيندو هو. روحاني راهه جو راهگير پيارو ڀاءُ آتم واسواڻي ١٩ اپريل سنه ٢٠١١ع ۾ سنساري سفر پورو ڪري سچکنڊ پڌاريو. پياري دادا جشن واسواڻيءَ کيس شرڌانجلي ڏيندي چيو، ”پياري آتم کي ٻيو ڪجهه ڪين کپندو هو، کيس کپندا هئا گرديو جا چرن ! پياري پريوءَ جا چرن ! وري وري ڏسندو هوس. سندس اکيون، آليون لوڪن کان لڪائي ڳوڙها ڳاڙيندو هو. پريوءَ کي دل جي اونهائيءَ سان پڪاريندو هو : پريو ! پريو ! اجان ڪڏهن مونکي تنهنجو درشن ملندو! کيس ٻيو ڪجهه کپندو ڪين هو، نکي دنيا جو مان شان، نکا وڏائي، پئسو پدارٿ.

He always loved to keep himself in the back ground.

ي پتا جو دوست شري ريجهومل هڪ ڏينهن پياري آتم کي ساڌو
اسوائيءَ جي ستسنگ ۾ وٺي ويو. دادا واسوائيءَ جي پهرين نينهن
ري نهار پياري آتم کي نهال ڪري ڇڏيو. پياري دادا واسوائي پاڻ وٽ
ان پياري آتم کي چيو، ”پيارا! مان تو لاءِ تي نهاريو، دير ڪيئهِ.
پياري دادا جي انهن لفظن پياري آتم تي جادوءَ جو اثر ڪيو. هو روز
آفيس مان موٽي سڌو دادا ساڌو واسوائيءَ جي آستان تي اچي شيوا
ڪندو هو. تن ڏينهن ۾ پيڻ شانتي ملڪاڻي بکين پکين پسن گهرجائن
کي اناج ۽ پيون گهربل شيون ڏيندي هئي. پيارو آتم ان شيوا ڪاريه
۾ يوگدان ڏيندو رهيو ۽ سنت مالها جي سمپادن ۾ سهيوگ ڏيندو
رهيو. ائين پيارو آتم دادا واسوائيءَ جي ويجهو ٿيندو ويو. پياري دادا
واسوائيءَ جي پيارءِ آسيس سان هو سمرپت ڀاو سان شيوا ڪندو رهيو.

ديش جي ورهاڱي بعد حيرآباد جا وڻ ڇڏي پيارو آتم پنهنجي
پريوار سان پونا ۾ اچي رهيو. پونا ۾ هن ايم.ئي.ايس. کاتي ۾ نوڪري
شروع ڪئي. آفيس ۾ به پنهنجي قابليت سان آفيسرن ۾ پيارو ٿيو.
نوڪريءَ کانپوءِ باقي وقت صبوح-شام ۽ رات جو گرديو ساڌو واسوائيءَ
جي خدمت ۾ هڪيو حاضر هوندو هو. دادا واسوائيءَ به کيس پائيندا
هئا. آفيس ۾ کيس پروموشن مليو پر هن پياري پوني کان ٻاهر وڃڻ
کان اِنڪار ڪيو. سندس چت جي ورتي دادا واسوائيءَ سان جڙيل هئي
هو دادا جن جي شيوا ڪارين ۾ مشغول رهڻ چاهيندو هو. سنه ١٩٦٠ ع
۾ پياري دادا واسوائيءَ ڏکو ڪاڏو. ان بعد پيارو آتم سندن سيوا ۾ وٺن
ئي رهڻ لڳو. ١٦ جنوري سنه ١٩٦٦ ۾ پوڄيه دادا ساڌو واسوائي

...١٦...

ڀاءُ منگهارام جو جنم ۹ فيبروري سنہ ۱۹۲۵ ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ نيڻومل ٽڏاڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. سندس ماتا جو نالو سوپي ٻائي هو. تن ڏينهن ۾ ديش جي آزاديءَ جو آندولن هلي رهيو هو. مهاتما گانڌيءَ سوديشي هلچل شروع ڪئي. ٻالڪ اوسٿا ۾ ئي پيارو منگهارام مهاتما گانڌيءَ جي ويچارڌارا کان پرڀاوت ٿيو. هوُ اڃان ٻيون درجو پڙهندو هو تہ کاديءَ جي پوشاڪ پهريائين. هوُ وديارٿي جيون ۾ تيز فهم ۽ پروين هو. هن پنهنجي محنت ۽ قابليت سان بي.اي پاس ڪئي. سندس پراتا شري جيئانند ٽڏاڻي وڪالت ڪندو هو. هي اُن مان پريرڻا پراپت ڪري وڪالت پڙهيو. ايل.ايل.بي. امتحان پاس ڪيو. هن پهرين ٻہ سال پنهنجي ڀاءُ سان وڪالت شروع ڪئي. بئريسٽر شري هوتچند آڏواڻي قابل قاعديدان هو. شري منگهارام سال کن دادا هوتچند آڏواڻيءَ جي سونهپ ۾ وڪالت ڪئي. ڀاءُ منگهارام آزاديءَ جي آندولن کان متاثر ٿي سوديشي هلچل ۾ سڪريہ رهيو. هن سوديشي شين واپرائڻ جو پرچار ڪيو ۽ ديش ڀڳتيءَ وارا ڪي ليک لکي قومي جاڳرتا آڻڻ لاءِ يوگدان ڏنو. جوان منگهارام قومي جاڳرتا واريون اخبارون ورهائيندي ڪُئٽ اِنڊيا هلچل وقت ئي چار ڏينهن جيل ۾ بہ رهيو. هي پردي جي پٺيان سڪريہ پرچار ڪندو رهيو.

تن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ قومي جذبات واري روزاني سنڌي اخبار 'هندو' شايع ٿيندي هئي جا ديش جي ورهاڱي بعد ممبئيءَ ۾ 'هندستان' جي نالي سان شروع ڪئي ويئي. هندو اخبار جي سمپادڪن کي قومي جاڳرتا وارا جذباتي ليک لکڻ سبب سرڪار جيل ۾ باندي بڻايو. اُنڪري سنہ ۱۹۴۵ ع ۾ ڀاءُ منگهارام هندو اخبار جو سهہ سمپادڪ ٿي

کھڙي نہ سادي سندس زندگي هئي. ڊريس ۾ سادو، کاڌي ۾ سادو، روز بہ روز جي هلت ۾ سادو. کيئن نہ سانت ئي سانت ۾ اچي ستسنگ ۾ وهندو هو. ستسنگ لاءِ کيس ڏاڍو پيار هو. گرديو ساڌو واسواڻيءَ جي اِڇا هن لاءِ حڪم هوندي هئي. مان نہ سنيران تہ ڪڏهن هن گرديو جو حڪم موٽايو هجي. پيارو آتم نماڻو هوندو هو، هوشيار هوندو هو. سنڌيءَ ۾ ٿورا هوندا، سنڌي ٻولي اهڙي طرح ڄاڻندا جيئن هي ڄاڻندو هو. پيارو آتم آتش جو انسان هو. سندس چرنن ۾ مان سر جهڪايان ٿو. سندس آسيس پنان ٿو. شل اسانجي اندر بہ هن جهڙي پياس اچي. پياس جو انسان هو !.

نشڪام نشتاوان سماج شيوڪ شري منگھارام سپاهيملاڻي

ڪرم ئي اِنسان جي ڪسوٽي آهي. ست ڪرم انسان جو قد وڌائين ٿا ۽ ڪڪرم قد گھٽائين ٿا، شڀ ڪرم ڪرڻ ۾ ئي جيون جي سارٿڪتا آهي. بزرگ پياءُ شري منگھارام سپاهيملاڻي هڪ سچو ڪرم يوگي منش هو. هي صاحب گانڌيوادي ديش ڀڳت، خدا ترس رچ مڙس سڀن جو خير خواهہ پر اُپڪاري پرش هو. هن ڪيترائي لوڪ ڪلياڻ جا ڪاريہ ڪيا. هي صاحب هڪ شخص نہ پر هڪ سنستا هو. هي صاحب ٨٩ سالن جي عمر ۾ ١٨ نومبر ٢٠١٣ سنساري سفر سماپت ڪري سچکنڊ پڌاريو.

ٽرسٽ، جسٽس ايڇ. ڪي. چئناڻي ٽرسٽ، ٽي. جي. ميرچنداڻي ٽرسٽ.

سوتنترتا سنگرام ۾ پين جيني سپاهيملاڻي هڪ نڊر نرڀيڪ نشتاوان ناري هئي. هوءَ بہ مهاتماگنڌيءَ جي ويچارڌاراڪان پرڀاوت ٿي آزاديءَ جي آندولن ۾ سڪريہ رهي. ياءُ منگهارام جو عامل پئنچايت ۾ پين جيني سپاهيملاڻيءَ سان سمپرڪ ٿيو. پين جينيءَ پياري منگهارام جو آگياڪاري سڀاجهو، نهٺو نماڻو سڀاءُ ڏسي ڪيس اُتي هلي پنهنجي گود جو پٽ سويڪار ڪيو ۽ پوءِ هتي ڀارت ۾ ياءُ منگهارام ٿڌاڻي، شري منگهارام سپاهيملاڻيءَ جي نالي سان پرسڌ ٿيو. هيءُ صاحب شري لڌارام هاءِ اسڪول، بڙودا ۽ جئہ هند ڪو آپريٽو بئنڪ جو چيئرمن ٿي رهيو.

شري منگهارام سپاهيملاڻي جو سنڌ ڪان بئريسٽر دادا هوتچند آڏواڻيءَ سان سنبنڌ رهيو. هي ڪيس ڪاليجن جي بهبوديءَ لاءِ سهڻا سجهاو ڏيندو رهيو. دادا هوتچند آڏواڻي هندستان هندواسي اخبار جي بورڊ جو چيئرمن هو. هن صاحب هندستان ۽ هندواسي جي سمپادن ۽ ڪاروبار جي جوابداري پياري منگهارام سپاهيملاڻيءَ کي سونپي. پيارو منگهارام اِها جوابداري بہ بخوبي نباهيندو رهيو. هي نرڀڪش پترڪار هو. ڪن مجبورين سبب هندستان اخبار بند ڪرڻي پيئي. باقي هندواسيءَ جو سمپادن ۽ پرڪاشن ڪندو رهيو. ڪي سال اڳ هن هندواسيءَ جي سمپادن جي جوابداري پين شوپا رام لعلچنداڻيءَ کي ۽ پرڪاشن جي جوابداري ياءُ ٺاڪر چاولاکي سونپي.

اُن ۾ ديش ڀڳتيءَ وارا ليک لکندو رهيو. هي صاحب معياري سمپادڪي ليک لکي قومي سجاڳي آڻڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. هي صاحب ديرينو گنڀير نرڀڪش پترڪار ٿي پنهنجو فرض پاليندو رهيو. ڀاءُ منگهارام هر شيوا ڪاريہ ۾ دادي جيٺي سپاهيملاڻيءَ جو ٻانهن ٻيلي ٿي سگهيو. سندس پتني وشني ڀائي بہ ديش جي آزادي آندولن ۾ چار سال جيل ۾ سزا ڀوڳي آئي. پتي پتني ٻئي ساڳي ويچاردارا وارا هئا، جوڙو جيس هو.

ديش جي ورهاڱي کان پوءِ سنڌي هندو وطن جا وڻ ڇڏي هتي ملٽري ڪئمپ ۾ ۽ ڪالونين ۾ رهيا. سرڪار طرفان اُنهن کي پارت ۾ وسائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. سنڌين جي سارسنڀال لهڻ لاءِ وقت بہ وقت ڀيڻ جيٺي سپاهيملاڻيءَ سان گڏ پيارو منگهارام پڻ ويندو هو. هوُ دکي شرنارٿي ڀائرن جا مسئلا دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ڀائي پرتاپ ڪڇ ۾ نئين سنڌ اڏڻ لاءِ سنستا قائم ڪئي. منگهارام ان سنستا سان بہ جڙيل رهيو.

ڀيڻ جيٺي سپاهيملاڻي ۽ ڀاءُ منگهارام سپاهيملاڻي ممبئيءَ جي وشال نگر ۾ سنڌين کي سکيو ٺانئيڪو ڪرڻ لاءِ سهڪاري متي تي سوڊاجنڪ فلئٽ نهرائي ڏيڻ لاءِ نوجيون ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي برپا ڪئي. ان سنستا طرفان ماهيم، ماٽونگا، چيمبور ڪوليواڊا، ممبئي سينٽرل ۾ سوين شاندار فلئٽ نهرائي هزارين سنڌين کي سکي ڪيو ۽ اُنهن جون دعائون ڪٽيون.

شري منگهارام ڪيترين ئي سنستائن سان جڙيل هو جئن تہ لوڪ شيوا منڊل، ڪماري جيٺي سپهيملاڻي چئرٽيبل ٽرسٽ، گانڌي شيوا

ڪيترائي سنت ۽ سوين پريمي جدا جدا شهرن مان امراپور آستان جئپور ۾ پهچي ويا.

دادا ٽيڪمداس ڀاڳيہ شالي هئا جو سندن گهر ۾ مهان مورتي سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج سنت پيدا ٿيا جيڪي هن وقت هزارين پريمين جي راهہ روشن ڪري رهيا آهن. دادا ٽيڪمداس ڪلناٽيءَ جو جنم ١١ آڪٽوبر ١٩٢۴ع ۾ ٽنڊي آدم ضلع جي ڏبراڳوٺ ۾ ٿيو. هن نندپڻ ۾ ئي پريم پرڪاش منڊل آچاريہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ڪان نام ورتو.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن، ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن، ستگرو سوامي هرداسرام مهاراجن لاءِ سندن من ۾ اتوٽ شرڌا هئي. سرڪاري نوڪري ڪندي هو پريم پرڪاش منڊل جي سنتن سان نڀائيندا رهيا. هو صاحب روز امراپور استان تي شيوا ڪندا هئا ۽ نيمت ستسنگہ شروع ڪندا هئا. ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي ڪرپا سان ئي سندن گهر ۾ سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج جنميو.

دادا ٽيڪمداس داس ڪي بہ ڏاڍو ڀائيندا هئا. امراپور آستان تي وارشڪ اُتسوءَ ۾ ١٩٠٨ ۾ هڪ سؤ روپيہ جو نوٽ داس ڪي خرچي طور مشڪندي ڏنائون پرمان ونڻ ڪان آناڪاني ڪئي. چو تہ نندن جو ڪم آهي وڏن جي شيوا ڪرڻ. ڪين وينتي ڪئي تہ مون تي آسيس ڪيو. اهائي اوهان جي وڏي خرچي آهي.

دادا ٽيڪمداس ڪلناٽي ستگرن سان نينهن جو ناتو نڀائيندي، نام جپيندي پنهنجو جيون سڦل ڪيو.

شري ناري گرسهاڻيءَ چيٽي چنڊ جي اُتسو ۾ شري منگهارام جي قدرشناسي ڪندي جهوليعل ٽرافي ڏيئي سنمانت ڪيو. اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا طرفان شري منگهارام کي سنڌي اخبار نويسيءَ ۾ يوگدان لاءِ ٻارهن هزار روپيا ۽ شيلڊ ڏئي سنمانت ڪيو. اين سي پي ايس ايل طرفان کيس آجيون انعام پنجاهه هزار روپيا عطا ڪيو ويو. شري منگهارام جي من ۾ ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ، سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن، دادا جشن واسواڻي، دادا هري ديوي واسواڻي لاءِ ڏاڍي شرڌا هوندي هئي. هي پيارو ڏاڍو حضور شرم هو، منهنجو ساٺس سالن کان سنبنڌ هو ۽ هوُ سدائين مونکي همٿائيندو رهيو.

دادا ٽيڪمداس ڪلناڻي

پريم پرڪاش منڊلاڌيڪش سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراجن جو پوجنيہ پتا شري ٽيڪمداس ڪلناڻي ۲۴ آگسٽ ۲۰۰۸ پراتهہ ڪال ۴ بجي سنساري سفر سماپت ڪري امراپور ڌام پڌاريا.

شرير تياڳڻ کان اڳ ئي دادا ٽيڪمداس پريوار جي ڀاتين کي آگيا ڪئي تہ هو کين امراپور آستان تي وٺي هلن. ستڪرمن جي پرڀاوَ سبب کين اڳواٽ ئي جيون ليلا سماپت ڪرڻ جا پروُن پئجي ويا. سندن اِڇا انوسار امراپور استان تي وٺي آيا. سندن سپاتر سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج، ڀيو سپتر ٻوڏراج، سندن ڌرمپتني اسانجي ٻہ ماتا ڪوشلياٻائي ۽ پريوار جا سڀ ڀاتي سندن سنمکہ ويٺا هئا.

گروءَ جي گود ۾ دادا ٽيڪمداس ڪلناڻي شري ستنام ساکي اُچاريندي پويون پساهہ کنيو. سندن برهملين ٿيڻ جو شوڪ سماچار ٻڌي

لاءِ آگرهه ڪيو. مان دبئيءَ مان واپس وريس. پنهنجي امڙ کي ٻڌايو ته توهان لاءِ سونو هار مليو آهي. ٻه ٽي ڏينهن پايو. امڙ اُهو سونو هار ڳچيءَ ۾ پاتو ۽ ٻن ٽن ڏينهن کانپوءِ اُهو هار مونکي واپس ڪيائين. مان اُهو سونو هار سوناري کي وڪڻي بروقت اُنهن پئسن جي رسيد ڪڍي پياري موهنلعل منسکاڻيءَ کي دبئي موڪلي. ڪيس ڏک ٿيو پر مونکي سنتوش مليو ته سون جي وڪري مان مليل پئسا دکين ڏريدرن جي شيوا ۾ سڦلا ٿيا. پيارو موهنلعل پياروارو ديالو ڀڳت جن هو. هي پيارو علاج جي خيال کان ممبئيءَ آيو پر پکيئڙو پرواز ڪري ويو !

پيارو ڏولڻ

منهنجو پيارو متر ڏولومل واڌوا هر شيوا ڪاريه ۾ هڪيو حاضر هوندو هو. هي پيارو ڀڳوان شري ڪرشن جو اننيه اُپاسڪ هو. منهنجي ستگرن سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو خاص شرڌالو ڀڳت. پنمهنجو ڏنڌو ڏاڙي ڪندي پيارو ڏولڻ سمرپت ڀاوَ سان ستگرو مهاراجن جي شيوا ڪندو هو. سندس جنم لاڙڪڻ سنڌ ۾ شري دوارڪاداس واڌوا جي گهر ۾ ٿيو. سندس ماتا پتا به ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جا شرڌالو ڀڳت هئا. پياري ڏولڻ جي گهر جي ڀڳتيميه واتاورڻ ۾ پالنا ٿي. ديش جي ورهاڱي بعد هوُ پريوار سان هتي اُلهاسنگر-٢ ۾ اچي رهيو. ڪجهه سالن بعد هوُ اُلهاسنگر-٥ ۾ اچي رهيو.

ديش جي ڪنهن به پرانت ۾ سوڪ، ٻوڏ، زلزلو ٿيندو هو ته پيارو ڏولومل مون سان سدائين ساڻ سرزمين تي شيوا ۾ سڪريه رهندو هو.

پيارو موهنلعل منسڪاڻي

پيارو موهنلعل منسڪاڻي شروع ۾ اُلهاسنگر-۳ ۾ رهندو هو. پوءِ ڏنڌي جي خيال کان هي پيارو دبئيءَ وڃي رهيو. دبئيءَ ۾ هن پير کپايا. هي پيارو شري سندر منگهناڻيءَ جو پيٽڙيو هو. هي سنتن جو صدقي هو. مان جڏهن پهريون دفعو ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن سان گڏ دبئيءَ ويس تڏهن پيارو موهنلعل منهنجي سمپرڪ ۾ آيو. دبئيءَ ۾ مونکي جيڪي پيٽائون ملنديون هيون تن جي بروقت رسيد ڪيڏي اُتان جي پيارن کي ڏيندو هوس. مان هتان جنتا جناردن پريشد جو رسيد بوڪ ڪٽي ويو هوس. پيٽا ڏيندڙ عجب ڪائيندا هئا. مان کين چوندو هوس تہ مونکي پرماتما سٺي نوڪري ڏني آهي. اوهان جيڪي پيٽا ڏيو ٿا اِها شيوا جي ڪمن ۾ خرچ ٿيندي. پياري موهنلعل منسڪاڻي منهنجو اِهو وهنوار ڏسي شيوا ڪارڻ لاءِ چيڪ ڪيڏي ڏنو پوءِ تہ هو هر سال جنتا جناردن پريشد نالي مونکي چيڪ موڪليندو هو.

مان چوٿون دفعو جڏهن سوامي ديو پرڪاش مهاراجن سان دبئيءَ ويس تہ واپس ورڻ واري ڏينهن پياري موهنلعل منسڪاڻيءَ پنهنجي پٽ هٿان سوني جي زنجير پٽلي سان سوکڙي ڪري موڪلي. مان بروقت ئي اُها شوغات وٺڻ کان اِنڪار ڪيو. هن پياري فون ڪيو تہ اِهو سونو هار اوهان پنهنجي ماتا صاحب کي اسان طرفان اِها سوکڙي پيٽ ڪجو. مان وري ڪيس ورجايو تہ منهنجي ٻڍڙي امڙ هاڻي هي سونو هار ڇا ڪندي ! پياري موهنلعل زوريءَ اُهو سونو هار ڪٽي وڃڻ

چندر صاحب جھڙيون سُريليون هستيون وري ملڻ مشڪل آهن. هوُ صاحب عوام ۾ مقبول ۽ پيارا، نينهن ۾ نِيارا، قرب وارا محبتي منٺار دلدار هئا. اڄ به سندن ڳايل ڪلام لکن لوڪن جي لبن تي آهن. سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر جي آواز ۾ سوز ۽ درد هو، ميٺاج هو. جڏهن هوُ ڳائيندو هو تہ آڪاس ۾ پکين کي بہ بهاري چڙهيندو هو. سنڌ ۾ جڏهن سندس ڪنهن بہ شهر ۾ پروگرام ٿيندو هو تہ جدا جدا ڳوٺن مان ماسٽر چندر جا شائق سندس سنگيت ٻڌڻ لاءِ رات جو ايندا هئا. مون ٻچپن ۾ خيرپور ميرس ۾ پهريون دفعو سندس مٺو آواز ٻڌو، اُهو نظارو اڄ بہ منهنجي اکين اڳيان ڦري رهيو آهي. اُن وقت اُتي ترچڻ جي جاءِ ڪين هئي. ڪيترائي سنگيت جا چاهڪ وڻن تي ويهي ماسٽر چندر جي راڳ جو لطف وٺي رهيا هئا. سندس ثاني سنڌ ۾ ڪو ڪين هو.

ماسٽر چندر جو جنم گيتا جينتيءَ جي پوتر ڏينهن ڊسمبر ۱۹۰۷ع ۾ سنڌ جي ناروشاهہ شهر ۾ شري آسنداس دانيءَ جي گهر ٿيو. ننڍپڻ کان ئي کيس ڳائڻ جو شوق هوندو هو. هن گاين وديا ۾ ساڌنا ڪئي. هن گرو گلراج مهاراج کان گرو منترورتو. هي صاحب گهرگرهست ۾ رهندي فقيرن درويشن جي صحبت ۾ رهيو، سندس زندگيءَ ۾ وئراڳہ ورتيءَ وارو دؤر بہ آيو. جواني ۽ وئراڳہ! سندس اُن دؤر جو فوٽو ڏسي سندس وئراڳہ ورتيءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. اُن دؤر ۾ هن جو ڪلام چيو اُن ۾ ورهہ ويدنا هئي، درد ۽ سوز هو، سندس گلي ۾ سرسوتيءَ جو واسو هو. هزارين هندو چاهي مسلمان سندس راڳہ تي مشتاق هوندا هئا.

شروعاتي دور ۾ مون سان گڏ اُلهاسنگر جي جدا جدا ڪئمپن جي گهرجائن کي راشن سندن گهر ۾ پهچائي اچبو هو تہ پيارو ڏولومل ساڻ هوندو هو. گهرجائو گهرن جي جاچ جوچ ڪرڻ جو ڪم بہ هي پيارو ڪندو هو. ڪنهن بہ ڪم ڪرڻ کان ڪڏهن بہ انڪار نہ ڪيو. هو هڪدم ها ڪندو هو. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج بہ سندس سيوا ڀاوي مني سڀاءَ سبب کيس پيار ڪندا هئا. سندس ڪافي عرصو ڪيترن کي فائدو رسايو.

پيارو ڏولڻ ڀڳت جن هو. پياسي روح هو. سندس اکڙين مان اشڪ ٽپڪندو هو. آشرم جي اُتسو ۾ جلوس لاءِ هو سنت جو لباس پهري هري وٺل هري وٺل جپيندو هو. اهڙو منهنجو ڀاوڪ ڀاءُ ڏولڻ سنساري سفر پورو ڪري سچکنڊ پڌاريو.

عظيم سنڌي شخصيت
سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر

سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر صاحب هڪ عظيم سنڌي شخصيت هئا. اڄ بہ هو هند کان وڌيڪ سنڌ ۾ چانيل آهن. هزارين سنڌي مسلمان سندس موسيقيءَ کان متاثر آهن. هو سنڌ ۾ ڪي.ٽي. چئنل سنڌي چئنل تان ماسٽر چندر جا ڪلام گيت ٻڌڻ جا خواهش هوندا آهن. مسلمان گايڪ پڻ هن صاحب جا ڪلام گيت ڳائڻ ۾ فخر محسوس ڪندا آهن.

سنڌي موسيقيءَ جا مالڪ ڀڳت ڪنورام صاحب ۽ جناب ماسٽر

۾ وچي رهيو. هوُ صاحب هر سال گيتا جينتيءَ ڏينهن جنم ڏِن ملهائيندو هو. داس بہ ڪڏهن ڪڏهن شرڪت ڪندو هو ۽ هن عظيم شخصيت کي گيت ذريعي مبارڪون ڏيندو هو. هوُ صاحب مونکي پيائيندو هو ۽ چوندو هو تہ اَسانجي وڃڻ کانپوءِ تون ضرور اَسانجي يادگيري قائم ڪندين. هڪ فعي هِتي اُلهاسنگر ۾ کين هڪ نظم 'سانوڻي گهٽائون' ٻڌائي رهيو هوس. اُن نظم جون هيٺيون مصرائون چيون :

جانب جو جان منهنجي سوڊل جو ساهہ منهنجو،

هر وقت جنهنکي ساريان محبوب سو نہ آيو !

اي سانوڻي گهٽائون احوال ڪجھ ٻڌايو !

هي مصرائون ماسٽر صاحب کي اهڙيون تہ وڻيون جو چيائون 'وڻائي چئہ'. هي صاحب هميشهہ مونکي همٿائيندو رهيو. مان هن صاحب کي ڪڏهن ڪڏهن سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم اُلهاسنگر ۾ اُتسوَن ۾ پروگرام پيش ڪرڻ لاءِ دعوت ڏيندو هوس تہ هوُ هڪدم عرض قبول ڪري اُتسوَ ۾ اچي پنهنجي آواز ۾ گيت ڳائي شروتائن کي منتر مُگڌ ڪندا هئا. سنگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج کيس سنيهہ ۽ سنمان ڏيئي گلي لڳائيندا هئا، کيس آسيس ڪندا هئا. مان کيس ڪڏهن نيتاجي هاءِ اِسڪول تہ ڪڏهن چاندي ٻائي منسڪاڻي ڪاليج ۾ اچڻ جي قربائتي ڪوٺ ڏيندو هوس تہ هي صاحب ڪوٺ قبول ڪري اچي راڳہ جو رس وٺائيندا هئا.

ڊاڪٽر سائين روچلداس، بابا عيدنداس ڪٽ وارا ۽ ٻين درويشن سنتن سان هِن صاحب جي رغبت رهي، اُنهن مان روحاني فيض

سنڌ ۾ هز ماسٽروائيس ڪمپنيءَ سندس آواز ۾ ڪيترائي رڪارڊ پرايا. ماسٽر چندر مايہ ناز گائڪ تہ هو پر ڏٺيءَ ڪيس شاعرائي دل بہ ڏني هئي. هن صاحب جي، شاعر پرسرام ضيا صاحب سان صحبت رهي. هن جي اَندرمان شاعريءَ جو چشمو بہ ڦٽي نڪتو. هن صاحب ڪي پنهنجا غزل گيت تہ ڪجهہ شاعر ضيا صاحب جا گيت پنهنجي مٺي آواز ۾ ڳايا جي اڄ بہ سندس ياد تازي رکن ٿا.

ديش جي ورهاڱي کانپوءِ ماسٽر چندر پريوار سميت ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اچي رهيو. ڀارت جي جدا جدا شهرن ۾ سندس پروگرام ٿيندا رهيا. ڪلياڻ ڪئمپ ٣ جي او.ٽي. سيڪشن ۾ جنهن بئرڪ ۾ سائين پرسرام ضيا رهندو هو، ماسٽر چندر بہ ساڳي بئرڪ ۾ رهندو هو. سائين ضيا صاحب سان منهنجو سنيهہ سنبنڌ هو. اُن ڪري مان بہ ماسٽر چندر جي ويجهو آيس.

ماسٽر چندرءِ سائين پرسرام ضيا صاحب سنڌ ۾ رفيق هئا تہ هت هند ۾ هڪ ٻئي جا سيڻ ٿيا. ماسٽر چندر جي وڏي پٽ گوپ سائين ضيا صاحب جي نياڻيءَ سان لائون لڌيون. وندر جي لحاظ کان ماسٽر صاحب، سائين ضيا صاحب، شري ٺاڪرداس آئلاڻي، شري جيٺانند ڀهراڻي ۽ ٻيا گهر ۾ پتي راند بہ ڪندا هئا. ڀارت جي جدا جدا شهرن مان ماسٽر چندر صاحب کي پروگرام پيش ڪرڻ لاءِ دعوتون ايندڙيون هيون. هي صاحب انهن شهرن ۾ وڃي اُتان جي رهواسين کي سنڌي گيتن ۽ ڪلامن جو لطف وٺائيندو هو. عوام کي هِن صاحب لاءِ بيحد پيار هوندو هو. ڪجهہ سالن بعد هي صاحب شواجي پارڪ دادر ممبئيءَ

گيتڪار شاعر چندر صاحب :

ڪي آلوچڪ ۽ پاڻ کي عالم شاعر سڏائڻ وارا ماسٽر چندر کي شاعرن جي صف ۾ شمار ڪين ڪندا هئا، پر هي صاحب ته عوام جو شاعر هو. مقبول گيتڪار هو. پر افسوس درسي ڪتابن ۾ سندس گيت شايع ڪين ٿيا. انگريزي شاعر شئلي چيو آهي :

My sweetest songs are those
which are full of saddest thought.

''منهنجا مٺي ۾ مٺا گيت اُهي آهن جن ۾ سوز ۽ درد آهي؛ غم جو اِظهار آهي.'' ماسٽر چندر صاحب جي گيتن، نظمن، غزلن جا ٢ مجموعا 'چندر جون رهاڻيون' شايع ٿيا آهن جن مان هِن صاحب جي شاعرائي قوت جي پرورش پوي ٿي. سندس شاعري دماغ جي ڪوٽ ڪوٺان ڪين آهي پر سندس دل جي جذبات، اُمنگن احساسن جو عڪس آهي. سندس شاعريءَ ۾ ڪيتريون ئي شاعرائيون خوبيون آهن، ڪو غواص هجي جو عميق ۾ ٽٻيون ڏيئي لعل لوچي اَچي. سندس ڪي گيت درسي ڪتابن جي سونهن وڌائي سگهن ٿا. پر قدردانن جو قحط آهي ! پيش آهي ماسٽر چندر صاحب جي شاعريءَ جو مختصر جائزو.

ماسٽر چندر صاحب جي ڪلام ۾ موسيقي ۽ ميناج آهي. سندس عاشقاڻي طبيعت جو عڪس سندس شعر مان ملي ٿو. شاعر آفتاب کي عرض ڪري ٿو :

حاصل ڪيائين ۽ سندن ثنا ۾ گيت ڳايائين. شاهپور ٿلهي وارن سنتن سائين هرچورام صاحب جي مهما ۾ هِن صاحب جيڪو رڪارڊ ڀرايو سو قابل ذڪر آهي. سائين جيوڻ رام صاحب ڪيس ڀائيندو هو. ماسٽر چندر ڳائيندو هو تہ سنت جيوٽرام ڪيس پنهنجون سونيون مُنڊيون بہ لاهي ڏيندو هو. سندس سُپاتر سپتر شري مهيش پوجيہ پتاجن ڪي ڳائڻ ۾ ساٿ ڏيڻ لاءِ پنهنجي ڪاليجي تعليم اڌ ۾ ڇڏي آيو. ماسٽر صاحب ديش وديش ۾ پنهنجي سپترن گوپ ۽ مهيش سان گڏ سنڌي راڳہ راڳڻين جو سنڌين کي رس وٺايو. هر ڪيتر ۾ هر ڪنهن جا حاسد هوندا آهن. هڪ حاسد ڦهلايو تہ ماسٽر چندر اَجمير ۾ گذر ڪري ويو. ڪن اخبارن ۾ اِهو شوڪ سماچار ڇپجي ويو پر ماسٽر چندر صاحب تہ زنده هو ۽ هِن وقت بہ هي صاحب پنهنجي يوگدان سبب زنده آهي. ڪي اهڙا بہ پريوءَ جا پيارا هئا جي چوندا هئا تہ ماسٽر چندر پروگرامن پيش ڪرڻ لاءِ پئسا وٺي ٿو. فلاڻو ڳايڪ جيڪي مليس ٿو سو سُڪرت ۾ ڏيئي ڇڏي ٿو. اُهو شخص سُٺي عهدي تي هوندي آجيوڪا ڪيندو هو ۽ سازيندڙن کي پئسا وٺي ڏيندو هو. ماسٽر چندر عيال وارو شخص هو. عيال جي پالنا لاءِ ڳائڻ ئي سندس پيشو هو پر ڪڏهن بہ هوُ شرط ڪين وجهندو هو. هي صاحب درويش دل خدا ترس شخص هو. جيڪڏهن سندس مايا ۾ موهي هجي ها تہ هوُ ممبئيءَ ۾ تنهن زماني ۾ پريوار لاءِ بنگلو ٺهرائي سگهي ها! هوُ شڪر ۽ صبر وارو سدائين رب جي رضا تي راضي رهڻ وارو شخص هو.

درد لئين سِر داغ پُراڻا.

٢- سُکن ۾ پلي ڏکن ۾ پيئي،
دام ۾ ڦاسي دل ڪيئن ويئي،
جنهن گهايا ها چندر گهراڻا،
سا مومل ڪري اڄ نہ پُڇاڻا،
رُس نہ رُسڻ ۾ ڇا هي راڻا!

شاعر چندر معشوق کي ڏوراپو ڏيندي چيو:

”تنهنجي شهر ۾ آيس مان پر سهڻا ڪين رهايو تو.“

سچي عاشق ۽ معشوق جي دل هڪ ٿيندي آهي. پروچ وارا وٽي وجهندا آهن. شاعر چندر چيو:

دل تنهنجي منهنجي هڪ آ،
ڪا اَسان ٻنهي ۾ ڇڪ آ.

سنڌ ۾ ماسٽر چندر صاحب جو مِجازي عشق وارو ڪلام هزارن لبن تي هوندو هو. سندس اِهو عاشقاڻو ڪلام کيس حقيقي عشق جي منزل ڏانهن وٺي آيو. هِن صاحب ذٽيءَ جي ثنا ڳائيندي سِين ۾ هڪ محبوب جو مشاهدو ماڻيو. سندس فيلسوفاڻہ خيالن جي جهلڪ سندس ڪلام ۾ ملي ٿي.

هي شاعر برهم جي مهما ڳائيندي چوي ٿو:

نرالو سِين ڪان سڄڻ تنهنجو ڪاتو،
نہ رنگہ روپ تنهنجي جو ڪنهن اَنت پاتو،
تنهنجي رچيل راند کي ڪنهن ڪنهن سُڃاتو،
تون بي اَنت آهين نہ ڪنهن اَنت پاتو.

سڄ اُڀر سگهو سهڻو يار ڏسان،
مان صورت جو سردار ڏسان.
سڄ اُڀرڻ ۾ تو اوير ڪرين،
ڇو تو عاشق ساڻ اَنڌير ڪرين،
ڪر قياس اَدا، ڇو دير ڪرين،
ڪر دير نہ تون، دلدار ڏسان.

شاعر چندر ڏڻي ء ڌرم ڪان وڌيڪ اهميت عشق کي ڏيندي چيو :

سواءِ عشق جي ٻيو نہ ايمان گهرجي،
دنيا جي نہ عشرت جو سامان گهرجي،
چندر سچ تو چوي نہ پيگوان گهرجي.

فارسيءَ ۾ چوڻي آهي :

مجازي قنطره اَل حقيقت.

مِجازي عشق حقيقي عشق جي منزل تي پهچڻ لاءِ هڪ پُل آهي. ماسٽر چندر صاحب بہ شروعاتي دؤر ۾ مِجازي عشق وارو ڪلام چيو

ڪي مثال پيش آهن. عاشق معشوق کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو :

رُس نہ، رُسڻ ۾ ڇا هي راڻا،
ريت رُسڻ جي رمز نہ ڄاڻا.
١- ريت پراڻي پيچ پراڻا،
عشق اڳوڻو سمجهہ سياڻا،
مومل ساڳي باغ پُراڻا،

’مالڪ تون درد ڪٽيندين، ڪين ڇڏيندين،
هر حال ۾ رانوَل راضي ٿيندين.‘

ماسٽر صاحب جا اِهي گيت ڪافي مشهور ٿيا ۽ رڪارڊن ۾ پڙهيا ويا. جناب چندر صاحب طنزيه ڪلام به چيو آهي. هوُ ڍونگي سالڪن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو :

١. گهر ڇڏي ڪي مندر ۾ ڪي مسجد ۾ بيٺا،
پيٽ جي خاطر پاپ ثواب جا هٽ ڪڍي ويٺا !
ماڻهن کي منجهائڻ خاطر بڻيا پوڄاري.
سائينءَ جي سودي جو ڪو ورلي واپاري.

٢. ڪوڙي شان جي خاطر ڪي ڪيئي ڪوڙ ڪمائن ٿا،
بازي جيتڻ لاءِ بهانا هُنر هلائن ٿا،
چندر تنهن جيتي بازي، جنهن جيتي ئي هاري،
سائينءَ جي سودي جو آ ڪو ورلي واپاري.

پريَن جي پار جا پانڌيئڙا ڪي ڪي آهن. ماسٽر چندر صاحب دنيا جي بي اِثباتيءَ جو ذڪر ڪندي آگاهه ڪري ٿو :

دل ڪنهن سان نه جڳ ۾ اَٽڪايو،
متان پيار ڪري پوءِ پڇتايو،
گُل لاتي صبح گلزاري آ،
ٿيندي شام ته گل جي تياري آ،
ڏينهن چار چمن ۾ بهاري آ،

مٿين مصراعن ۾ شاعر نرگڻ برهم جو ذڪر ڪيو آهي. هوُ اُن نِرگڻ برهم کي وري ڀنَ ڀن روپن ۾ پسي ٿو :

ڪٿي شوَ سڏائين ڪٿي آهين نانڪ،
ڪٿي رام بڻجي تون بيهين ٿو مالڪ.
ڪٿي ڪان ڪرشن، سڏائين ٿو سالڪ،
ڪٿي گيان ڏين ٿو، ڪٿي ٿين ٿو ٻالڪ.

شاعر چندر صاحب آخر آتم اَنيوتي ڪندي هر هنڌ، هر جيوَ ۾ پرماتما کي پسي ٿو :

بيابان بر ۾ ۽ گهر ۾ رهين ٿو،
بني هر بشر جي اَندر ۾ رهين ٿو،
شوالي، مڙهي ۽ مندر ۾ رهين ٿو،
چندر چو ٿو ڀَتڪي 'چندر' ۾ رهين ٿو.

ماسٽر صاحب جي دل ۾ ديش جي ورهاڱي جو درد هو. اُن درد وچان هِن ڪي گيت رچيا ۽ ڳايا جن ۾ حقيقتنگاري آهي. مثال :

'ڦِڪي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا.'

هي گيت ماسٽر صاحب 'اَباڻا' فلم ۾ سوز ڀري سُر ۾ ڳايو آهي جنهن ۾ ورهاڱي جي وقت سنڌين جي لڏپلاڻ جي عڪاسي ٿيل آهي. سنڌي ڀارت ۾ آيا اُنهن مان ڪيترن کي مزورن جهڙو ڪم ڪرڻو پيو. ماسٽر صاحب لکيو ۽ ڳايو :

'سنڌي ڇا پٽر ڪٽيندا، سِر تي ڍوئيندا !'

اَلله کي عرض ڪندي ماسٽر صاحب چيو :

پرائمري اسڪول ۽ سيڪنڊري تعليم بي.جي. تلڪ اسڪول ۾ حاصل ڪئي. اُن بعد هو اسانجي چانديءَ ٻائي منسڪاٽي ڪاليج ۾ پڙهيو. وڪالت پڙهي انڪم ٽئڪس جي پرئڪٽس شروع ڪيائين. ان پيشي ۾ سڦلتا حاصل ڪئي. هن ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن کان گرو منتر ورتو. هوُ مونکي اُستاد ڪري مڃيندو هو. پياري رام کي سندس پتني پارتيءَ جو پورڻ سهيوگ رهيو. سندس سُپتر جيتو ۽ ٻه نياڻيون آهن.

منهنجي سنڌي دوهن جون ٻه ڪئسيٽس پوءِ V.C.D نڪتيون. ’ديال دوهاولي‘ پياري موهنلعل تلريجا جي مڌر آواز ۾ ۽ ٻي ’آشا دوهاولي‘ نياڻي سمن ڪيملاڻيءَ جي مٺي سُر ۾، اهي ٻئي V.C.D لوڪپريه ٿيون. منهنجي دوهن کان متاثر ٿي پياري رام واڌوا پڻ سنڌيءَ ۾ دوها لکي ’سيڪراٽ جون سڪيائون‘ ڪتاب پرڪاشت ڪيو. ان پستڪ ۾ پياري رام کي مان داد ڏيندي مهاڳ لکيو. پياري رام پنهنجا ڪي دوها پڻ سمن ڪيملاڻيءَ جي مٺي آواز ۾ پرائي V.C.D تيار ڪرائي. ان V.C.D جو مهورت پياري رام سوامي ديو پرڪاش مهاراجن کان سوامي ٽيئونرام آشرم ۾ ڪرايو.

پياري رام جي دوهن ۾ خيالن جو ذخيرو آهي، جذبات آهي. هن دوهن جي اصولن سان نباهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن هم آواز، قافيه سان ٻه نباهيو آهي.

پياءُ رام پنهنجي رچنا ۾ نهڪندڙ اصطلاحن ۽ پهاڪن جو ٻه سٺو استعمال ڪيو آهي.

جئن آئي خزان گل مرجهايو !

دل ڪنهن سان نہ جڳہ ۾ اَٽڪايو !

ماسٽرچندرجي ترقي پسند خيالن جي پروڙ بہ سندس ڪلام مان ملي ٿي. سندس دل ۾ دين دکين لاءِ درد هو. مسڪين مظلومن لاءِ محبت هئي. هي صاحب اُنهن جي حالت جي عڪاسي ڪندي اَميرن مالدارن کي مخاطب ٿيندي چوي ٿي :

غريبن جي گهر کي نہ ديوار در آ،
زمين فرش، ڇت عرش نيلو اَمبر آ،
جهنگن جهوپڙين ۾ جنين جو گذر آ !
تڏهن پي زبان تي شڪر ئي شڪر آ !!
لڙي ڪا گهڙي وڃ، وٺن ملڪ والي !
او زردار ! تن سان ٿيءُ حالي احوالي !!

جناب چندرصاحب جي ڪلام ۾ سلاست ۽ فصاحت آهي، موسيقي ۽ ميناج آهي ۽ رنگين زبانيءَ جو بہ اِستعمال سهڄ ٿيل آهي.

هي عظيم شخصيت ٣ نومبرسنہ ١٩٨۴ ع ۾ رب جي راهہ ڏانهن پرواز ڪري وئي.

پيارو رام واڌوا

منهنجو پيارو رام واڌوا انڪم ٽئڪس جو وڪيل هو. وڪالت ڪندي ڪڏهن هوُ ڪن انگريزي اخبارن ۾ جنتا جون شڪايتون ۽ پنهنجا سجهاوَ لکندو هو. سندس جنم ٣٠ جنوري سنہ ١٩٥٢ ع ۾ شري نيينداس واڌوا جي گهر اُلهاسنگر-٥ ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم

٥) پرديسي ۾ پکين سان، کهڙي کجي ياري،
راتِ ڏِکن هڪڙي، صبوح کَن وڃڻ جي تياري.
٦) پنهنجي ڪمائيءَ مان، خرچ ڪر ايترو جيئن تورو بچي،
هل هلت اهڙي جيڪا مينهن وسندي ڪم اَچي.

ڀاڳ رام جي دوهن ۾ سندس دارشنڪ ويچار ملن ٿا.

اَجيہ امر هڪ پرماتما ٻيو سڀ آهي ڪوڙ،
دنيا ساري ناسوَنت تي ويندي ڏوڙ.
سڀ ڪان وڏو پاپ، ٻين جو حَق مارڻ،
انڪان بہ وڏو پاپ، ڪنهنجي دل ڏکائڻ.

ڪويءَ زندگيءَ جي بدلجندڙ ملهن ڏانهن بہ اِشارو ڪندي، طنز ڪندي چوي ٿو:

چڱي مڙس جي جڳت ۾ مهما آهي نياري،
ظلم ڪري ضعيفن تي، ڏاڍي سان ڪري نيزاري.

ڀاڳ رام جي دوهن ۾ ڪافي انداز ۾ اصطلاح ۽ پهاڪا استعمال ٿيا آهن. سندس ٻولي اصطلاحي ٻولي چئجي تہ اِن ۾ ڪو وڌاءُ نہ آهي. هن جي دوهن ۾ اُپما النڪار، روپ النڪار ۽ درشٽانت النڪارن جو سٺو پريوگ ٿيو آهي.

ڀاڳ رام واڌوا جنهن اُمنگ ۽ اُتساهہ سان هي دوها طرز تي رچنا لکي آهي. اُها ساراهہ جوڳي آهي. جو هن ٿورن دوهن ۾ خيالن جو خزانو ڀريو آهي. وهنوارڪ پرمارٿ جي پرگتيءَ لاءِ بہ سندس رچنا ”سيکرات جون سکيائون“ سونهپ ڪري ٿي. ان لاءِ ڀاڳ رام ڪيروُن لهڻيون.

ڀاڳ رام کي ڏنيواد آهي جو هن نئون تجربو ڪيو آهي. هن سنڌي الف بي جي سيني اکرن سان شروع ٿيندڙ رچنا ڪئي آهي ته الف سان شروعات ڪري ٿو :

اَلڪه آهي هڪڙو، نالا روپ اَنيڪ،
سائين توسان ساڻ آ، نِيَت رک تون نيڪ،
بندا بانورو نه ٿي، رکُ نه دل ۾ کوٽ،
سچ جي راهه تي هل، وٺُ پرڀوءَ جي اوٽ.

ڀاڳ رام کي شاعرانو دل آهي.

ڀاڳ رام جي ڪن دوهن ۾ حقيقت نگاري آهي. اَڄ جي اؤلاد جو ذڪر ڪندي طنز ڪري ٿو :

اُها اؤلاد کهڙي ڪم جي جيڪا ڏئي ڏکُ،
مرڻ کانپوءِ مار ڪا ڪري، جيئري ماري ٻُک.

ڀاڳ رام جا ڪيترا دوها نصيحت آميز آهن مثال :

١) ٻج پوکيندين ٻٻُر جا، لُڻي نه سگهندين ٻير،
ٻرو هلندين جڳت سان، ته ڪير پريندءِ پير.
٢) ٻَڌيءَ ۾ آ ٻَلُ، ايڪتا ۾ آ پيار،
ويڙهه ۾ آ وڇوڙو، گهر ۾ پئي ديوار.
٣) ٻه گِڏرا ڦٽ نه اَچن، هڪ ۾ ڏي تون ڌيان،
لالچ ڪندين ٻَئي ويندءِ، اِهو سچو گيان.
٤) بي ايماني ڪري ٻين سان، ڪڏهن رهي نه سگهندين سُکيو،
ڳاهه سائي جو سائو، ڳاهِ ٻُڪئي جو ٻُکيو.

امرت پريمين کي پيئاريندا رهيا. گھر گرهست ۾ رهندي کين هڪ شُپترَ ۽ ٻه سپتريون ڄايون. هو روز آساديوار ڪندا هئا. هر منگل تي شام جو خاص ڪيرتن ڪندا هئا. سندن پتني جانڪي ديويءَ جو کين پورڻ سهيوگ رهيو. پتي پتنيءَ جي دل ۾ دکين دريدرن لاءِ درد ۽ همدردي هوندي هئي. انڪري هو پراُپڪار جي ڪارين ۾ مايا سڦلي ڪندا رهيا. ڪجهه عرصي کان پائي ڪشنسنگهه صاحب جي صحت ناسازتي پيئي. ٣ ٨ ورهين جي عمر ۾ هو سنساري ياترا سماپتَ ڪري سچکنڊ پڌاريا. هوُ صاحب مونکي سنيهه ۽ سنمان ڏيندا هئا ۽ شيوا ڪارين لاءِ سهيوگ ڏيندي سهايتا به موڪليندا هئا. هن وقت سندس پتني جانڪي ديوي جوت جڳائي رهي آهي.

دادا نيوندرام لوڪواڻي

دادا نيوندرام لوڪواڻي اکل سوراشٽر سنڌي فيڊريشن پئنچايت جا برپا ڪندڙ پريزيڊنٽ، نشڪام نشناوان نيتا هئا. سوراشٽر جي سڀني پئنچايتن کي ايڪتا جي سوتر ۾ ٻڌي قابو ڪيائون. هن رچ مڙس اُتان جي سماجڪ ۽ پاريوارڪ مسئلن کي دور ڪرڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي. هن صاحب ڪيترن ئي جوڙن کي ملائڻ جو عملي ڪم ڪيو. هوُ ڪيترن سالن کان سومنات پرپاس پاٽڻ ۾ ساموهڪ وواهن جو آيوجن ڪندا رهيا. ان موقعي تي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جوڙن کي آشيرواد ڪندا هئا. جنتا جناردن پريشد،

منهنجو پيارو ڀاءُ رام ٻه اچانڪ ٢٩ جولاءِ سنه ٢٠١٠ع ۾ الواع ڪري ويو! هوُ اچا وڏيڪ ساهتيه جا گهڙا ڀري ها. سندس سُپتر جيتو سندس جوت جڳائي رهيو آهي. سندس ڏوهن جي V.C.D ٽي.ويءَ تي ڏيکاري وڃي ٿي.

سردار ڪشنسنگهه صاحب

حيدرآباد سنڌ ۾ بابا ڀڳتسنگهه صاحب جي دربار پرسڌ هئي. ان دربار جا گادي نشين سردار ڪشنسنگهه ١٢ نومبر سنه ٢٠١٢ع ۾ سچکنڊ پڌاريا. سندن جنم ١ اپريل سنه ١٩٢٩ع حيدرآباد، سنڌ ۾ شري دولترام ساجناڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. سندن ماتا جو نالو ڪلان ٻائي هو. سردار ڪشنسنگهه بابا ڀڳتسنگهه جا ڀائٽيا هئا. ٻال اوستا کان ئي ڀائي ڪشنسنگهه بابا ڀڳت سنگهه صاحب جي ڇترڇايا ۾ رهيا ۽ اُنهن کان گرو منتر ورتائون. ستگرن ڪيس گرمکي اکر سيکاري گروائيءَ جو ابياس ڪرايو. ساڻ ساڻ شري ڪشنسنگهه اسڪولي تعليم ٻه ورتي.

ديش جي ورهاڱي بعد بابا ڀڳتسنگهه ديولاليءَ ۽ ممبئيءَ ۾ دربار صاحب برپا ڪيون. سردار ڪشنسنگهه جو وواهه جانڪي آهوجا سان ٿيو. هو گهر گرهست ۾ رهندي ستگرن ۽ دربار صاحب جي شيوا ٻه ڪندا رهيا. بابا ڀڳت سنگهه جي برهملين ٿيڻ بعد سردار ڪشنسنگهه کي گاديءَ تي براجمان ڪيو ويو. هو نت نيم ڀائيا بلڊنگ ۾ برپا ڪيل دربار صاحب ۾ ستگرن جي جوت جڳائيندا رهيا. گروائيءَ جو

هوندي هئي. هي صاحب سچا گانڌي وادي هئا. سنگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي برهملين ٿيڻ بعد سوامي ديو پرڪاش مهاراج بہ کين پورڻ سهيوگ ڏيندا رهيا. پڇا آشرم ۾ رهندي پڇرين سندن پتني پرلوڪ پڌاري. ڪجهہ عرصي بعد دادا نيوندرام لوڪواڻي بہ سچکنڊ پڌاريا. سنڌي سماج سدائين سندن آڀاري رهندو.

سنت ٻلرام صاحب

سوامي ڏرمداس مهاراجن جو گاديشين سنت ٻلرام صاحب ۴۴ سالن جي عمر ۾ سنساري سفر سماپت ڪري منگل ۱۲ مارچ ۲۰۱۳ع بڙودا ۾ سچکنڊ پڌاريو. سنت ٻلرام صاحب آکل ڀارت سنڌي ساڌو سماج جو جنرل سيڪريٽري ۽ پوءِ پريزيڊنٽ ٿي ساڌو سماج ۾ سڪريہ رهيو. سندس جنم ۲۶ سيپٽمبر ۱۹۵۹ع ۾ ملند ممبئيءَ ۾ شري گرڏاريلعل لعلواڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو، سندس ماتا گوپي ٻائي سوامي ڏرمداس دربار جي شرڌالو صدقياڻي پيڻ هئي. کيس پٽر سنتان ڪين هئي. ماتا گوپي ٻائي صدق رکي سوامي ڏرمداس دربار او.ٽي. سيڪشن، سنڌونگر-۲ ۾ ايندي هئي. تن ڏينهن ۾ سوامي پيسورام صاحب گاديءَ تي براجمان هئا. ماتا گوپي ٻائي پُٽر سنتان جي اِڇا رکي ڏاڍي شرڌا سان سنتن ۽ دربار صاحب جي شيوا ڪندي هئي. جنهن رات سائين پيسورام صاحب شرير جو تياڳ ڪرڻ وارا هئا، اُن وقت گوپي، ڊاڪٽر هيمنداس عيدناڻي ۽ ٻيا پريمي سندن پرسان وينا هئا. اُن وقت سوامي پيسورام ماتا گوپيءَ کي سڏيندي چيو تہ تون سوامي ڏرمداس

اُلهاسنگر طرفان ساموهڪ شادين ۾ آرٿڪ سهيوگ ڏنو ويندو هو. ڪڏهن ٧٠ ته ڪڏهن ٨٠ شاديون شاديون ٿينديون هيون. دادا نيوندرام لوڪواڻي هر سال فيڊريشن طرفان سماجڪ سڄاڳي آڻڻ لاءِ سميلن آيوجت ڪندا هئا. تڏهن ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج اُنهن سميلن ۾ هلي آشيرواد ڏيئي پياري نيوندرام لوڪواڻيءَ جي همت افزائي ڪندا هئا. پيارو نيوندرام سوتنترتا سنگرامي هو. هن ديش جي آزادي آندولن ۾ سڪريه ڀاڱ ورتو. جيلن ۾ به ويو پر آزاديءَ جي حاصلات بعد هن ڪوبه عهدو ڪين ماڻيو ۽ نه وري سوتنترتا سنگراميءَ جي پينشن ورتي. گجرات ۾ هي پيارو رسوخ وارو شخص هو پر هن ڪوبه شخصي فائدو نه ورتو. پنهنجي گذران لاءِ هو بصرن جو واپار ڪندو هو. هي پيارو ويراول ۾ رهندو هو. دادا نينودرام لوڪواڻي مونکي سدائين سنيهه ۽ سنمان ڏيندا رهيا. مان به سندن سيني پروگرامن ۾ شرڪت ڪندو هوس.

دادا نيوندرام لوڪواڻي دوانديش گنيير رچ مڙس خدا ترس شخص هئا. منهنجي عرض ڪرڻ تي هو زندگيءَ جا ڪجهه پويان سال پنهنجي پتنيءَ سميت اُلهاسنگر ۾ سوامي شانتي پرڪاش ٻيدا آشرم اچي رهيا.

سوراشٽر ۾ ڪڏهن ڪو قدرتي ڪوپ ٿيندو هو، ڪڏهن سوڪ ته ڪڏهن ٻوڏ، ته سندن سهيوگ سان ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهراجن جي آگيا سان جنتا جناردن پريشد طرفان شيوا ڪئي ويندي هئي. دادا نيوندرام راڌا سوامي پنٿ ڪي مڃيندا هئا پر سوامي ليلاشاهه مهاراجن ۽ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۾ سندن اٽوٽ شرڌا

ڪيترائي سپنا اڌورا رهجي ويا! ڏوري ڏاتار هٿ ۾ آهي. ڪام وڃهي پيو ڪاهي. سنت ٻلرام مون وٽ چاندي ٻائي منسڪاڻي ڪاليج ۾ پڙهيو.

سنت لڇيرام صاحب

سائين گرو گلراج ۽ سنت نرئيرام اجوني جي جوت جڳائيندڙ سنت لڇيرام سيرواڻي ڪلمڪ، مڌرياشي سد گرهستي سنت هو. سندس جنم ۲۴ جنوري ۱۹۴٦ع ڪمال خان ڳوٺ، دادو ضلع، سنڌ ۾ شري چاندومل سيرواڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. ديش جي ورهاڱي ڪانپوءِ شري چاندومل سيرواڻي اُلهاسنگر-۳ ۾ اچي رهيو. سندن گهر جي پرسان سائين گرو گلراج جن جي ڪٽيا هئي جتي سنت نرئيرام صاحب نام جي جوت جڳائيندا رهيا. شري چاندومل جي ساري پريوار جو سائين نرئيرام صاحب سان سنيهہ سنٻنڌ ٿي ويو. سنت لڇمڻداس جي ماتا صاحب سنتن جي در جي خوب شيوا ڪندي هئي.

سنہ ۱۹۵۲ع ۾ ستن سالن جي ٻالڪ لڇمڻداس کي سندن ماتا پتا سائين نرئيرام صاحب جي چرڻن ۾ ارپڻ ڪيو. سنت نرئيرام اجوني جي چترڇايا ۾ شري لڇمڻداس اسڪولي تعليم ورتي ۽ ستگرن جي شيوا ۾ سمرپت رهيو. ستگرن مٿس ديا درشٽي ڪري ڪيس ڏارمڪ وديا بہ ڏني. ساڻ ساڻ هي ڪي.سي. ڪاليج ۾ داخل ٿيو. تڏهن مان ڪي.سي. ڪاليج، ممبئي ۾ سنڌي پاڙهيندو هوس. سندس وواهہ سماج شيوڪ، سوتنترتا سنگرامي مکي سندرداس ٻنيجا جي سپتري

جن جي درتي وشواس رکي آئي آهين سائين تنهنجي اڇا پوري ڪندا. جيڪڏهن پنجن سالن اندر توکي پُٽر سنتان ڪين ٿي ته اسان تنهنجي گهر جنم وٺي ايندا سين.

پنجن سالن بعد ماتا گوپيءَ کي گرڀ ٿيو. بالڪ اڃا گرڀ ۾ هو ته سندس پتا شري گرڌاريلعل پرلوڪ پڌاريو. بالڪ ڄائو سندس نالو ديپڪ رکيو ويو. ماتا گوپي ٽن سالن جي عمر ۾ سُپتر ديپڪ کي سوامي ڌرمداس صاحب جي دربار ۾ سونپيو.

سنه ۱۹۸۱ع ۾ سائين وسڻ شاهه جي گادي نشين سنت آتمارام صاحب ۽ ٻين سنتن بالڪ ديپڪ جو نالو ڦيرائي سنت ٻلرام رکيو. ۱۹ مارچ سنه ۱۹۸۸ع ۾ سنت ٻلرام کي بيک منڊل سوامي ڌرمداس مهاراجن جي گاديءَ تي براجمان ڪيو. سنت ٻلرام پنهنجي پڙهائي قائم رکي. سنت ٻلرام صاحب سوامي ڌرمداس جي آستان کي نئون رنگ روپ ڏنو. هن پنهنجي وڏن جي ورثي کي وڌايو. هن گئوشالا به برپا ڪئي ته ڌرمشالا به برپا ڪري اُتم ڪاريه ڪيو. هن سنت ڌارمڪ گرنٿن جو پرڪاشن پڻ ڪيو. هن صاحب شري يوگ وسشٽ شريمد ڀاڳوت، سوامي ڌرمداس مهاراجن تي لکيل مقالن کي پستڪ روپ ۾ ڇپائي شايع ڪيو. هن پياري سنت جدا جدا شهرن ۾ پنهنجي ستگرن جو سنيهو سڻايو. سندس پروچن آنندائڪ هوندا هئا. هوُ اُتساهي اُمنگي سنت هو. هي صاحب سياست ۾ به سڪريه رهيو. هن سياست ۾ سڦلتا پراپت ڪرڻ لاءِ گنگا جل فرنٽ پارٽي وجود ۾ آندي. هي نوجوان سنت اوچتو ئي اوچتو رام جي راهه ڏانهن رمندو رهيو. سندس

سندس ماسڙ آهي، جنهن جو ٻه ڪيس پورڻ سات آهي. پريمي شرڌالن سنت لڇيرام جي ياد ۾ راجڪوٽ ۾ پڻ مندر برپا ڪيو آهي. پيارو سنت لڇيرام مون وٽ پڙهيو انڪري هو ڏاڍي مريادا سان مون سان ناتو نڀاهيندو رهيو. سندس سپترٽوني ٻه پوڄيه پتا جي نقش قدمن تي هلي سيني سان نڀاهي رهيو آهي ۽ سيوا جي ڪيتر ۾ سڪريه آهي.

سنت برهمداس

ڪرم يوگي سنت سوامي تلوڪداس مهاراجن جو پرم شش پيارو سنت برهمداس جئه بابا ڌام ٦٦ سالن جي عمر ۾ سنساري سفر پورو ڪري ٣ جون منگل صبح جو سنه ٢٠١٤ پرم ڌام پڌاريو. سنت برهمداس جي جنم جو نالو شري ڀڳوانداس هو. سندس جنم سکر سنڌ ۾ ١٢ نومبر سنه ١٩٤٨ ع شري ويرومل وليچا جي گهر ۾ ٿيو. ديش جي ورهاڱي بعد سندس پتا پريوار سهت گواليار ۾ اچي رهيو. پيارو ڀڳوانداس اڃا اسڪولي تعليم پڙهندو هو ته سندس پتا ڪيس سوامي تلوڪداس مهاراجن جي ڪمل چرنن ۾ ارپڻ ڪيو.

سوامي تلوڪداس مهاراج پياري ڀڳوانداس کي الهاسنگر ۾ اسڪولي ۽ ڪاليجي تعليم ڏياري ۽ ساڻ ساڻ ڪيس هندي، گرمکي ۽ سنسڪرت جو پڻ اڀياس ڪرايو. سوامي تلوڪداس مهاراج جي ڪمل چرڻن ۾ ويهي سندن سيوا ڪندي پياري ڀڳوانداس ڪافي ڪجهه پرايو. سوامي تلوڪداس مهاراج پنهنجي نماڻي بالڪ ڀڳواني تي ديا درشٽي ڪري

پشپا سان ٿيو. گهر گرهست جي پالنا لاءِ سنت لڇمڻداس ننڍي

پئماني تي ربڙ فئڪٽري شروع ڪئي. گرو نريئرام اجونيءَ جي برهملين

ٿيڻ بعد سنت لڇيرام ستگرن جي جوت جڳائيندو رهيو. ميلا مچائيندو

رهيو. پيارو سنت لڇيرام گهر گرهست سان نباهيندي نام سان به

نباهيندو رهيو. پريمين کي پنهنجي پيار جي ڏور ۾ ٻڌي ڇڏيائين.

سنگيت آچاريه ماسترچندر صاحب به مٿس نينهن جي نوازش ڪئي.

سندس ڪنٺ ۾ سرسوتيءَ جو واسو هو. پيارو سنت لڇيرام ڳائيندو هو

ته سوَن کي متاثر ڪندو هو. سندس دل ۾ درد هو، اُن درد وچان مٺي

سُر ۾ ڳائيندو هو. هوُ نه صرف پنهنجي گرو گلراج ڪٽيا ۾ مگر جدا جدا

شهرن ۾ وڃي پنهنجي ستگرن جو پيغام سڻائيندو هو. سندس آواز

۾ ڪي ڪئسيٽس سي. ڊيون به پريون جي اچ سندس يادگيري تازي

رکن ٿيون. کيس ٽي نياڻيون ۽ هڪ سپتر ديپڪ جائو جو اڄ ٽونيءَ

جي نالي سان پرسڌ آهي. سنت لڇيرام ٦٢ سالن جي عمر ۾ ١٣

ڊسمبر سنه ٢٠٠٧ع ۾ سنساري سفر سماپت ڪري سچکنڊ پڌاريو.

هي پيارو ڪجهه وقت نوجيون هاءِ اِسڪول جو چيئرمن پڻ ٿي رهيو.

هن وقت سندس پتني ڪوتا سيرواڻي ۽ سُپتر ٽوني جوت جڳائي رهيا

آهن ۽ ساڻ ساڻ سماج شيوا ڪاريه ۾ به سڪريه آهن. پيارو ٽوني

سيرواڻي نگرسيوڪ چوندجي آيو. اُلهاسنگر ڪارپوريشن ۾ هڪ رسوخ

وارو ميمبر آهي. رشتي جي خيال کان شري ڪمار آئلاڻي ايم.ايل.اي.

مهاراج کيس ڏاڍو پيائيندا هئا. هي پيارو سوامي ديو پرڪاش مهاراجن وٽ بہ وقت بہ وقت صلاح وٺڻ ايندو هو. هن جڳہ بابا لانس پڻ برپا ڪيو جتي ڪيترپون شاديون ۽ ٻيا اُتسوَ پڻ ملهايا وڃن ٿا.

پيارو سنت برهمداس اکل ڀارت سنڌي ساڌو سماج جو پرچار منتري پڻ ٿي رهيو. هي سنت دکين اناٿن ٻڍڙن ۽ گئو ماتائن جي بہ وقت بہ وقت شرڌا سان شيوا ڪندو هو. هن پنهنجي آواز ۾ چار ڪئسيٽس پڻ پڙيون ۽ هڪ ڪلائڻ جي وي.سي.ڊي پڻ ڪڍي. هوُ ستسنگ پروچن ڪندي شروعاتن ڪي ٺهڪ ڏياريندو هو. هي سنت بيمارن جي علاج لاءِ مفت ڪئمپس پڻ لڳائيندو هو. بيمارن جي سهوليت لاءِ پاڻُ انيل ڪرسيجا کيس هڪ امبولينس وٺي ڏني. هڪ ٻئي پريميءَ پڻ هڪ ائمبولينس سنت برهمداس کي ڀيٽ ڪئي. چار مهنا اڳ ٻنهي ائمبولينس جو مهورت ڪيو ويو.

پيارو سنت برهمداس مون وٽ چانڊي ٻائي منسکاڻي ڪاليج ۾ پڙهيو. هوُ مونکي ڪافي عزت ڏيندو هو. منهنجو پيارو لوڪن جو پيارو سنت برهمداس جيون ليلا سماپت ڪري رام جي راهہ ڏانهن رمندو رهيو. سوَن شرڌالو پريمين جي اکڙين مان لڙڪ لڙندا رهيا.

اَڄ نہ اوطاق ۾ سي طالب تنوارين !
آديسي اُٿي ويا مڙهيون مون مارين
هوُ جي جيئہ کي جيئارين سي لاهوتي تہ لڏي ويا !

(شاهہ لطيف)

گرومنتر ڏنو. پيارو ڀڳونداس سمرپت ڀاوَ سان ستگرو سوامي ٽلوڪداس مهاراجن جي شيوا ڪندو رهيو.

سوامي ٽلوڪداس مهاراج برهلين ٿيا تہ سندن جوت جڳائي رکڻ لاءِ پياري شري ڀڳونداس نيتاجي هاءِ اسڪول پرسان جئہ بابا ڌام برپا ڪيو. ان ڌام جي مهورتي اُتسوءِ ۾ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ۽ بيک منڊل پياري ڀڳونداس کي بيک ڏئي سندس نالو سنت برهمداس رکيو. هي پيارو نت نيم سنجها جو جئہ بابا ڌام ۾ ستسنگ جي جوت جڳائيندو رهيو، سنت برهمداس پنهنجي ستگرن وانگر نند ي ٿهيءِ کي ڌارمڪ سکيا ڏيئي سندن آئيندھ روشن ڪندو هو.

سنت برهمداس مذر ياشي پراون کي پنهنجو ڪندڙ هو. هن سنت نہ صرف سنڌونگر ۾ مگر وقت بہ وقت پمپري، نوساري، سورت، احمدآباد، گواليار ۽ ٻين شهرن ۾ وڃي پنهنجي ستگرن جو سنديش سڻايو، نام سمرڻ سان گڏوگڏ هن سنت سماج شيوا ۽ پراُپڪار جا ڪاريہ بہ شروع ڪيا. هي پيارو هر سال جئہ بابا لانس ۾ ساموهڪ جڻين جو آيوجن ڪندو هو. بالڪن کي مفت جڻيا پائي، کين سندر سکيائون ڏيندو هو، غريب گهرجائن جي بہ شيوا ڪندو هو. هي پيارو سرگہ ڌام شمشان يومِيءِ جو پڻ وائيس پريزيڊنٽ ٿي رهيو. هن سنت ياترين جي سهوليت لاءِ هردوار ۾ جئہ بابا ڌام ڌرمشالا برپا ڪئي. هي سنت ڪنڀ جي ميلي تي ڇانوڻي بہ لڳائيندو هو. هن پياري هانگ ڪانگ، بئنڪاڪ، سينگاپور، جڪارتا وڃي پريمين کي نام جو امرت پيئاريو. هن سماجڪ ڪارين ۾ پڻ پاڻ موکيو. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش

هو. هي صاحب نون ڳايڪن ۽ غير سنڌي ڳايڪن جا سنڌي گيت پڻ منچ تي پيش ڪندي ساراهہ جوڳو ڪم ڪندو رهيو. ڪڏهن ڪڏهن سنڌي سنگيت ۽ سنڌي ايڪانڪي ناٽڪن جون ڇنڇپيئيون پڻ آيوجت ڪري ڪلاڪارن جي قدرشناسي ڪندو هو. سيتا سنڌو پون ۾ ڳايڪن مٿان نوٽن جي برسات وسندي آهي. هن صاحب ڪن سفيد پوش سنڌي ساهتيڪارن سنڌي ڳايڪن ڪلاڪارن جو سندن صحت جي خيال کان ويمو پرايو، سندس اِهي خدمتون وسرڻ جون ڪين آهن. ڀائو چاولا صاحب هر سال ڪن سنڌي ساهيتڪارن کي سندن ڏنل يوگدان لاءِ يارهن يارهن هزار روپيا انعام ڏيئي سنمانت ڪندو هو. سندس آيوجت ڪيل ڪاريہ ڪرمن ۾ ڪي شاعر اديب بہ وقت بہ وقت شرڪت ڪري شوڀا وڌائيندا آهن، ڪيترائي ساهتيڪار وقت بہ وقت بنا خرچ بنا تڪليف ڀاءُ ناڪر چاولا جي سهيوگ سان سيتا سنڌو پون ۾ پنهنجن ڪتابن جو مهورت ڪرائيندا رهيا.

اندس طرفان هر سال سنڌي ساهتيڪارن کي سندن پستڪن پرڪاشت ڪرڻ لاءِ جو آرٿڪ سهيوگ ڏنو ويندو هو، اُن لاءِ بہ مکيہ صلاحڪار ڀاءُ منگهارام سپاهيملاڻي ۽ ڀاءُ ناڪر چاولا هئا، ٻئي سڄڻ رمندا رهيا.

شري منگهارام سپاهيملاڻي هندواسي جي پرڪاشن جي جوابداري بہ ڀاءُ ناڪر چاولا تي رکي. هي صاحب پوريءَ ريت نباهيندو رهيو.

ڪجهہ سال اڳ ڀائو ناڪر چاولا راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد ۽ مهاراشٽرا سنڌي اڪادمي جو سدسيہ رهي سنڌي ٻوليءَ سنڌي

ساهتيڪار پترڪار شري ٺاڪر چاولا

شري ٺاڪر چاولا هر دل عزيز خدا ترس، رچ مڙس سنڌيت جو شيدائي، سنڌي ٻولي سنڌي ساهتيہ سنڌي سڀيتا جو سنرڪشڪ سورمو پترڪار ساهتيڪار ٨٣ سالن جي عمر ۾ سنساري سفر سماپت ڪري ١٢ ڊسمبر وسپت ٢٠١٣ع رب جي راهہ ڏانهن رمندو رهيو. هي صاحب پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي برپا ڪيل سنڌي سڀيتڪ سينٽر سيتا سنڌو ڀون سانتاڪروز ممبئيءَ جو سنچالڪ ٿي سنڌي سنگيت ۽ سنڌيت جي جوت جڳائيندو رهيو. هي صاحب پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي ورثي کي قائم رکڻ لاءِ سندس سپني کي ساڪار ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. اڄ ڪلهہ جي مشغول زندگيءَ ۾ هرڪو پنهنجن ڪمن ۾ پورو آهي. آڱرين تي ڳڻڻ جيترن سنڌي سڄڻن کي سنڌيت جي لوري لڳل آهي. پاڻ ٺاڪر چاولا اهڙن عملي شخص مان هڪ هو. هو صاحب هر هڪ آرتوار تي سيتا سنڌو ڀون ۾ جدا جدا سنڌي گايڪن، ڀڳتن، ڪلاڪارن کي دعوت ڏئي سندن راڳ جو رس سنڌين کي وٺائيندو هو. پروگرام پوري ٿيڻ بعد شروتائن جي ڀوڄن جي وِيوسٿا بہ سهڻي نموني ڪندو هو. ديش وديش مان ڪيترائي سنڌي سڄڻ پنهنجي وڏڙن جي سمرتي يا پنهنجي جنمدن سنبنڌ ۾ ڪيس انهن پروگرامن لاءِ آرٿڪ سهيوگ ڏيندا رهيا. هي صاحب جدا جدا شهرن مان سنڌي گايڪن کي گهرائي سندن سنمان ڪندي همت افزائي ڪندو هو.

پاڻ ٺاڪر چاولا صاحب سيتا سنڌو ڀون ۾ نہ صرف سنڌي سنگيت جا ڪاريہ ڪرم آيوجت ڪندو هو پروقت بہ وقت اُتي سنڌي ساهتيہ سنڌي ٻوليءَ جي سنبنڌ ۾ سيمينار ۽ مشاعرن جو بہ آيوجن ڪندو

جي وڏيڪ سيوا ڪندو رهي. شري ناري گرسهاڻي صاحب انٽرنئشنل سنڌي پنچايت فيڊرس طرفان شري پورڻ جيتواڻي ياءَ چاولا کي گولڊ ميڊل پيٽ ڪندي سندس ڪيل خدمتن جي قدرشناسي ڪئي. سنڌي ٻولي ساهت سڀا پڻ کيس ۱۱ هزار روپيا انعام عطا ڪندي سنمانت ڪيو.

شري ناڪر چاولا صاحب جو جنم ۱۸ فيبروري سنہ ۱۹۲۱ع ۾ خيرپور ميرس سنڌ جي گنبت شهر ۾ شري هيرانند چاولا جي گهر ۾ ٿيو. سندس وڏا اصل گنبت خيرپور رياست جا هئا. هنجي اسڪولي تعليم سنڌ ۾ ٿي، ديش جي ورهاڱي بعد هو پنهنجي پريوار سهت سنڌ جا وڻ ڇڏي ڀارت ۾ آيو ۽ پهرين هوُ ديولالي ۾ اچي رهيو. روزگار جي خيال کان کيس روز ديولالي کان ممبئي اچڻو پوندو هو. سندس زندگي ڪشمڪش واري هئي. سندس وواهہ پارو نماڻيءَ سان ٿيو. ڀيڻ پارو چاولا هن صاحب جي جيون ساٿڻ ۽ ٻانهن ٻيلي ٿي رهي. پريوءَ ڀيڻ پاروءَ کي ڳائڻ ۽ لکڻ جي ڏات ڏني آهي. هن ڪيترائي سال پروفيسر رام پنجواڻيءَ کي ڳائڻ ۾ سات ڏيندي ڪافي ڪجهہ پرايو. پياري ناڪر چاولا جي پرگتيءَ ۾ سندس پتني پاروءَ جو بہ يوگدان رهيو.

ياءَ چاولا جي دل ۾ دين دکين لاءِ درد هو، هيٺين لاءِ همدردي هئي. انڪري هو ٽرسٽ طرفان گهرجائو ڀينرن جي سهائتا پڻ ڪندو رهيو. اهڙا نشڪام منا ماڻهو ملڻ مشڪل آهن.

ساهتيہ جي وڪاس واڌاري لاءِ پنهنجون ڪارگر صلاحون ڏيندو رهيو.
هي صاحب هڪ ڪامياب ڪهاڻي نويس بہ هو. سندس ڪهاڻين جا
ٽي سنگرهہ شاديءَ جي پهرين رات، اڄ جون ڪهاڻيون سنڌي ڪهاڻيون
۽ هڪ سفرنامو تون سنڌ ۾ رهي پئہُ شايع ٿيا جي پڙهڻ وٽان آهن.
سندس تصنيفون زندگيءَ سان وابستہ آهن اُنهن ۾ حقيقتنگاري
آهي. ڪي شخصي آزمودا پڻ پيش ڪيل آهن. جناب چاولا صاحب
معياري سنڌي مخزن سُپون سمپادت ڪري سنڌي ادب جي لاثاني
خذمت ڪئي. سندس سپون رسالو هند سنڌ ۾ مقبول آهي.

شري چاولا صاحب جي ساهتيڪ سيپتڪ سيوائن جي قدرشناسي
ڪندي راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد کيس ١٥ هزار روپيا انعام
عطا ڪري سنمانت ڪيو. ان پريشد طرفان شري چاولا صاحب کي
سندس ڪهاڻي سنگرهہ اڄ جون ڪهاڻيون تي پڻ ٢٠ هزار رپيا انعام
عطا ٿيو. شري نانڪ روپاڻي ۽ شري مرلي ادناڻي پريہ درشني پُرسڪار
٢٥ هزار روپيا انعام چاولا صاحب کي پيش ڪندي سنمانت ڪيو.
ڊاڪٽر رام بخشاڻيءَ پنهنجي پوڄ ماتا ايشوري ٻائي بخشاڻي جي
سمرتي ۾ ٢٠ هزار روپيا انعام پاءِ چاولا ۽ سندس پتني پارو چاولا کي
عطا ڪيو.

دهليءَ سنڌي اڪادمي شري چاولا صاحب کي ١٥ هزار روپيا
انعام عطا ڪري سنمانت ڪيو. پوڄيہ دادا جشن واسواڻيءَ کيس
گولڊ ميڊل ڏيندي آسيس ڪئي تہ هي پيارو سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهتيہ

وفا جي شعر ۾ رواني ۽ پرواز آهي. هن صاحب شعر جي جدا جدا صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي.

پريو وفا ترقي پسند شاعر هو. هن مزدورن کي پيڙجندڙ ڏسي بيدار ڪندي چيو:

اُٿو جفاڪشو، مزورو مفلسو اُٿو اُٿو !
اُٿو اُٿو اي بيوسو اي بيڪسو اُٿو اُٿو !
اوهان جي ڪوشش ڪان باغ بوستان ٿا کلن،
اوهان جي محنتن ڪان محل ۽ مڪان ٿا کلن،
نہ سمجهو پاڻ کي نبل ۽ ناتوان اُٿو ! اُٿو !

شاعر ڏيتي ليتيءَ جي رسم خلاف نوجوانن کي للڪاريندي چوي ٿو:

اي جوان مردو اوهان
پاڻ کي وڪرو ڪريو وينا سري بازار ۾
ڇڻ اوهين واپار جي وٿ آهيو ڪا !

وفا صاحب جي شعر ۾ حقيقت نگاري آهي. شاعر رشوتخور عملدارن جي عڪاسي ڪندي چوي ٿو:

هوُ سرڪاري آهي افسر،
انساني جامي ۾ اجگر،
وات وڏو آ وينو ڦاڙي،
روز شڪار نئون پيو تاڙي.

وفا جا فيلسوفاڻہ خيال بہ سندس شعر ۾ ملن ٿا. شاعر اگياني منش کي جاگرت ڪندي چوي ٿو:

محبوب شاعر پريو ”وفا“

شاعر پريو وفا وفادار هو، قربدار منٺار دلبر دلدار هو، ڪندو سيڻ سان پيار هو، ڏسي مشڪندڙ مکڙا ٿيندو باغ بهار هو. هي صاحب حضور شرم خدا ترس رچ مڙس هو. ٩٧ سالن جي عمر ۾ به سندس دل جوان هئي. سائين پرسرام ضيا صاحب وانگر شري پريو وفا نوَن شاعرن جي پني نپيندي سندن سونهپ ڪندو رهيو. هي صاحب وصيع دل سيڻ جو خير خواه هو.

شاعر پريو ”وفا“ جو جنم ١٩ سيپٽمبر سنه ١٩١٥ پنهجو ڏيري لاڙڪاڻي ۾ شري جوتومل ڇٻاڻيءَ جي گهر ٿيو. وفا به سائين بيوس جي پرمپرا جو شاعر هو. ’جهنڪار‘ ۽ ’پرواز‘ سندس شعرن جا مجموعا آهن. سندس پنجڪڙن جو سنگره ’سرخ گلاب سرها خواب‘ شايع ٿيو، جنهن تي ڪيس ساهتيه اڪادمي طرفان پنج هزار روپيا انعام عطا ٿيو.

شاعر وفا صاحب جي سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن طرفان قدرشناسي ڪئي ويئي. ڪيس پريه درشني طرفان شري نانڪ روپاڻي، پروفيسر رام پنجواڻي انعام ڏئي سنمانت ڪيو ته شري رام بخشاڻيءَ ڪيس ماتا ايشوري بائي بخشاڻي انعام ٢٠ هزار روپيا ۽ شيلڊ ڀيٽ ڪئي. مهاراشٽر سرڪار طرفان ڪيس هڪ لک روپين جو گورو پُرسڪار پراپت ٿيو. ڀارت سرڪار جي راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد طرفان ٥٠ هزار روپين جو چيڪ ۽ شيلڊ پڻ وفا صاحب کي آجيون يوگدان لاءِ ڏنو ويو آهي. پروفيسر رام پنجواڻي لٽرري سرڪل طرفان سيتا سنڌو ڀون ۾ ڀاءُ ناڪر چاولا ۽ سهيوگ فائونڊيشن طرفان ڀاءُ رام جواهراڻيءَ پڻ وفا صاحب کي انعام عطا ڪري سنمانت ڪيو.

...٥٤...

شاعر ڪتنب جي بدليل سرشتي کي کھڙي نہ فنائتي ۽ طنزي نموني پيش ڪري ٿو:

ڪڙم هڪ دونهين دانگي هڪ،
دلين تي پنهنجائيءَ جي پل،
۽ هاٿي سڀ کي پنهنجي چلهہ،
نہ ساڳي پائن ۾ سڪ،
ڪڙم هڪ دونهين دانگي هڪ.

وفا صاحب ملڪي محبت جا نغما بہ ڳايا آهن تہ پريم جا گيت بہ چيا آهن، جن ۾ رس ۽ رواني آهي. ميناج ۽ موسيقي آهي. هن صاحب نيون علامتون ۽ نوان استعارا ۽ تشبيهون استعمال ڪيون آهن. پنهنجي دور جي پنهنجي شعر ۾ هن صاحب پوري پوري ترجماني ڪئي آهي. سندس شعر سليس ۽ فصيح آهي.

پيارو پاءُ وفا صاحب ڪشمش وانگر مٺو بہ هو تہ دل جو نرم بہ هو. سندس پيٽ ڪملا چڱائي جڏهن دادا دڪايل ۽ وفا صاحب جا گيت ڳائيندي هئي تہ دلين کي ڏوڏي ڇڏيندي هئي. سندس پاءُ رتي چڱائي بہ هن جا ڪلام ڳائيندو هو. سندس ڪلام 'منهنجا ڪامل يار ملاح' سڀن جي لبن تي هوندو آهي.

عوام جو شاعر پريو وفا صاحب ١٧ ڊسمبر ٢٠١٢ع ۾ سنساري سفر پورو ڪري رب جي راهہ ڏانهن روانو ٿيو.

ڏن جي ڏن ۾ مورک ويٺين پلجي تون پڳوان،
رانديڪن سان دل ريجهائين پار بڻين نادان!

شاعر وفا صاحب ستيہ ۽ پريم کي پرماتما کري سمجهي ٿو:

پيار ۽ سچ جو ناءُ الله،
پيار جا اوکا آهن پنڌ،
کٿائي کيئي پنهنجا کنڌ،
کري ويا سچ تان صدقي ساهہ.

شاعر موجوده سماجڪ ۽ ملڪي حالتن جو جائزو وٺندي طنز کري ٿو:

ملي ٿو کوڙ پاپ کي ساٿ،
ڏنگايون ڏاڍن جون سڀ معاف،
کٿي ويو پر پائي انصاف؟
کٿي آ سو ترلوڪيءَ جو ناٿ؟
ملي ٿو کوڙ پاپ کي ساٿ.

شاعر مفلسيءَ جي نقاشي کندي چوي ٿو:

الا هيئين لنگهڻ کڍن پيا لوڪ،
سرد ۽ صاف پئي آ چلهہ،
ملي هر چيز مهانگي ملهہ،
ڏين پيا سستا سنت سلوڪ،
الا هيئين لنگهڻ کڍن پيا لوڪ.

ئي پيڻ ايشوري مضمون ۽ ڪھاڻيون لکندي رھي جي جدا جدا رسالن ۾ شايع ٿيا. ديش جو ورھاڱو ٿيو تہ ١٨ سالن جي عمر ۾ پيڻ ايشوري پنھنجي ماتا پتا سان گڏ ممبئيءَ ۾ آئي. اُتي ھن ممبئي يونيورسٽيءَ مان بي.اي پاس ڪئي. ٿوري وقت بعد سندس پريوار پونا ۾ اچي رھيو. پونا ۾ رھندي پيڻ ايشوري سنڌين جي مھان سنت ودوان تعليمدان دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جي سنگ ۾ آئي. ھن سينٽ ميران ھاءِ اسڪول ۾ ماستري ڪندي پنھنجو اڀياس بہ جاري رکيو ۽ پونا يونيورسٽيءَ مان ايم. اي. فلاسافيءَ ۾ پاس ڪئي. ھوءَ وديارٿين کي پاڙھيندي منجھن سٺا سنسڪار وجھندي رھي. پيڻ ايشوري سڀاڳي جو ھوءَ روز پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو درشن بہ ڪندي ھئي ۽ ستسنگہ جو آنند پراپت ڪندي ھئي. تن ڏينھن ۾ دادي ھري ديوي واسواڻي اسڪول جي پرنسيپال ھئي. اُن جو پرڀاو پڻ پيڻ ايشوريءَ تي پيو.

واڊيا ڪاليج پونا ۾ سنڌي وشيہ پاڙھڻ لاءِ پيڻ ايشوريءَ کي پارٽ ٽائيم سنڌيءَ جو پروفيسر مقرر ڪيو ويو. ھوءَ ڏاڍي چاھ سان سنڌي پاڙھيندي وديارٿين کي ماتڙڀاشا سنڌي ڪٺڻ لاءِ اُتسَاھت ڪندي رھي. پيڻ ايشوريءَ سنڌي ساھتيہ جو پڻ سرجن ڪندي رھي. ھن سنڌيءَ ۾ مضمون بہ لکيا تہ ڪھاڻيون بہ لکيون جيڪي 'ھندواسي' نرگس ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿينديون رھيون. سندس ٻہ ناول 'محبت جو تياڳ' ۽ 'اُلفت جي آگ' شايع ٿيا، جن ۾ حقيقتنگاري ھئي. سندس ٻيا ڪتاب 'ڪامل جون ڪھاڻيون'، 'اُمنگن جا آبشار'، مضمون سنگرہ 'سفرنامو'، 'ڇترپتي شواجي مھاراج' جيوني، 'آڪاڻيون پورب

پروفيسر ايشوري جوتواڻي

مهان وڀوتي دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جي پياري، پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي دلاري، نينهن ۾ نياري پروفيسر ايشوري جوتواڻي ٨٢ سالن جو سفر پورو ڪري ٦ فيبروري ايڪادشيءَ جي پوتر ڏينهن پرم ڌام پڌاري. پونا ۾ پوڄيه دادا جشن واسواڻيءَ کيس شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ پياري ايشوري سياڻي جنهن پياري دادا واسواڻيءَ جي پيار جون پياليون پيتيون. هوءَ تعليمدان، ودوان هئي پر کيس ودوتا جو ايمان ڪين هو. نرمل نماڻي نينهن واري ساڌو واسواڻي مشن جو انگ هئي. هن ڪيترائي سال ميران هاءِ اسڪول ۽ ميران گرلس ڪاليج ۾ پاڙهيندي هزارين وديارٿين جي راهہ روشن ڪئي. پرماتما کي پرارٿنا آهي تہ کيس پنهنجي ڪمل چرڻن ۾ نواس ڏئي ۽ سندس ڀيڻ پروفيسر نرملا ڊاڪٽر مونا جوتواڻي ۽ ڀاءُ چندرو جوتواڻيءَ کي هن وڇوڙي سهڻ جي شڪتي ڏئي.

پروفيسر ايشوري جوتواڻيءَ جو جنم ١١ نومبر سنہ ١٩٣٠ع ۾ سنڌ جي اتهاسڪ شهر سيوهڻ ۾ شري ٽوپڻداس جوتواڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. سندس ماتا جو نالو ٽلي ٻائي هو. پياري ايشوري ودياٿي جيون ۾ مهاتما گانڌيءَ جي ويچارڌارا کان پرڀاوت ٿي آزاديءَ جي آندولن ۾ سرڪريہ ڀاڱہ ورتو. انگريزن ٻہ مهنا کيس جيل جي سزا بہ ڀوڳڻي پيئي. سندس من ۾ ديش ڀڳتيءَ جي ڀاونا ڀريل هئي. ڪاليجي جيون ۾ سندس هڪ ڪهاڻي ”اُٺ پار جي سنتان“ قليلي مخزن ۾ شايع ٿي جنهن ۾ قوميت جي ڀاونا ڪُوٽ ڪُوٽ ڀريل هئي. ننڍپڻ کان

بعد هيءَ پيڻ رب جي راهہ ڏانهن رمندي رهي. سنڌ ۾ هيءَ ڏکہ جي خبر ٻڌي جناب تاج جوئي پيڻ ايشوري ءَ کي شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ سنڌي ادبي دنيا ۾ ايشوري جوتواڻيءَ کي هميشه ياد ڪيو ويندو. هوءَ بہ سنڌي جي بي باڪ ليکڪا پوپٽي هيرانندڻيءَ وانگر بيباڪ ليکڪا هئي. سنڌ جي ٻين سنڌي اديبن شوڪت حسين شورو، ڊاڪٽر فهميده حسين، حميد سنڌي، اياز گل، ادل سومري، رکيل موربانيءَ پروفيسر ايشوري جوتواڻيءَ جي وفات تي ڏک جو اِظهار ڪيو. پونا ۾ ساهتيڪار رِيٽا شهاڻي، شاعر گوردن شرما، پترڪار سريچند سنگدل ۽ ٻين ڏک ظاهر ڪيو.

شاعر ڊاڪٽر ارجن سڪايل

جديد سنڌي اديبن ۾ ڊاڪٽر ارجن سڪايل صاحب کي پنهنجو مقام هو. هي صاحب هر دل عزيز شاعر بہ هو تہ علم عروض ۾ بہ ماهر هو. هي صاحب ڪهاڻي نويس، مضمون نويس ۽ ناول نويس بہ هو. هن صاحب پنهنجي قلم جي قوت سان ادب جي هر شاخ ۾ پاڻ موکيو. هي اديب سقل ترجمان بہ هو تہ پترڪار بہ هو. سڀ کان وڌيڪ هي صاحب هڪ سچو پارکو، وسيع دل، خدا ترس، رچ مڙس، سيني جو خير خواه هو. سالن کان منهنجو هن منڙي پياري متر سان سنيهہ سنبنڌ رهيو. هي پيارو شڪل شبيه جو ڪڻڪ رنگو پر دل جو صاف شفاف هو. هي مذرياشي، ساميوادي وچارڌارا وارو سچاڀ ساهتيڪار هو. سڳئي وقت سچو سناتني هندو هو. هي صاحب سالن کان بيماريءَ

RGS ENGLISH HIGH SCHOOL
Library Section

ديس جون'، 'ڪوتڪ گلدستو'، 'ڪرامتي ڪوتڪ' قابل ذڪر آهن. سندس تصنيف 'ڇترپتي شواجي مهاراج' جيوني تي راشٽر سنڌي وڪاس پريشد طرفان ويهه هزار روپيا انعام پڻ عطا ڪيو ويو. پروفيسر ايشوري جوتواڻي ڪيترا سال ممبئي يونيورسٽيءَ جي بورڊ آف اسٽڊيز سنڌيءَ جي ميمبر پڻ ٿي رهي ۽ پونا يونيورسٽيءَ جي بورڊ آف اسٽڊيز سنڌيءَ جي چيئرمن ٿي رهي. هيءَ خوش مزاج پيڻ ڪڏهن ڪڏهن ٺهڪ ڏيندي حقيقتون پيش ڪندي هئي. هيءَ پروفيسر سنڌي ساهتيه سڀا پونا جي ڪجهه سال پريزيڊنٽ ٿي رهي ۽ ساهتيڪ سرگرمين ۾ سڪريه رهي. ڪيس پوجيه دادا جشن واسواڻيءَ جي هٿان سُمن همٿسنگهه آڏواڻي يادگار شيلڊ ڏياري سنمانت ڪيو ويو. مونکي ڪيترائي سال ساڻس گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. زندگيءَ جا پويان ڪيترا سال پنهنجي ڀيڻ پروفيسر نرملا جوتواڻيءَ سان گڏ ميران يوميءَ ۾ گرلس هاسٽل ۾ رهي، اُتي رهندي به هن ٻالڪين ۾ ست سنسڪار وجهندي هئي، اُنهن سان روح رهاڻ ڪندي هئي.

گذريل ١٦ جنوري ٢٠١٤ ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جي پڻيه تٿيءَ جي موقعي تي مان پونا ويو هوس. اُتي ستسنگ هال ۾ پوجيه دادا جشن واسواڻيءَ جي پروچن بعد ڀاءُ موهن بالاڻيءَ نياپو ڏنو ته پروفيسر ايشوري ٻاهر ويل چيئر تي ويٺي آهي، توهانکي ياد ٿي ڪري. مان هڪدم ساڻس ملڻ لاءِ ٻاهر آيس. اٽڪل ڏهه منٽ هن ڀيڻ مون سان مشڪندي ساهتيڪ سرگرمين لاءِ حال احوال ورتو. ڪل ڪين هئي ته ڀيڻ ايشوريءَ سان هيءَ آخرين ملاقات آهي. ٽن هفتن

۾ رهيو ۽ پوءِ وري نظام آباد ۾ رهيو. ڪليمن ۾ ڪيس ٻني ملي. آخرڪار هوُ پريوار سان اُلهاسنگر-۵ ۾ اچي رهيو. سندس ٽي نياڻيون نيتاجي هاءِ اسڪول ۾ پڙهنديون هيون. مان تن ڏينهن ۾ ان اسڪول ۾ پاڙهيندو هوس. ڊاڪٽر سڪايل صاحب وقت بہ وقت پنهنجي نياڻين جي پارت ڪرڻ لاءِ مون وٽ ايندو هو. تن ڏينهن کان هن صاحب سان نينهن جو ناتو شروع ٿيو. هي دلبر دوست ڏاڍو قربدار هو. منٺار هو.

شاعر سڪايل صاحب سٺل پترڪار بہ هو. هن ممبئيءَ مان شايع ٿيندڙ 'سنسار سماچار' روزاني اخبار جي سب ايڊيٽر جي نوڪري ڪئي. سنڌونگر مان شايع ٿيندڙ روزاني نگرواسي چاهي روزاني نگر نيوز ۾ هن صاحب جا سمپادڪي ليک وزنائتا هوندا هئا. ٻنهي اخبارن جي سمپادڪن شري ڪيمچند هرچنداڻي ۽ شري پرسرام پنجواڻيءَ سان هن صاحب جا خوشگوار ناتا هئا. انڪري توڙ تائين اُنهن سان نباهيندو رهيو. سنڌي ٻوليءَ جي هلچل ۾ هن صاحب شري گوبند مالهي، شري ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ شري اُتم اُتمچنداڻيءَ سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي ساٿ ڏنو. سندس عالماڻا ليک وقت بہ وقت 'هندستان'، 'هندواسي'، 'هندو'، 'سنڌو ڌارا' زندگي ۽ ٻين اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا.

ڊاڪٽر ارجن سڪايل ممبئي چاهي سنڌونگر جي ساهتيڪ ۽ سانسڪرتڪ سنسٿائن سان جڙيل رهيو. هي صاحب سيڪرات شاعرن کي سدائين اُتساهت ڪندي سونهپ ڪندو هو. هي وسيع دل پنهنجي علم جو ٻين کي فيض رسائڻ ۾ آنند جو انڀوُ ڪندو هو. هن صاحب

جي بستري تي هو پر سندس سُرتي سالم هئي. هي مقبول اديب ٩٣ سالن جي عمر ۾ ١٩ آگسٽ سنه ٢٠١٢ع آرتوار منجهند جو ١٢ بجي سنساري سفر پورو ڪري پرماتما جي پار ڏانهن رمندو رهيو.

ڊاڪٽر ارجن سڪايل صاحب جو جنم ڪارتڪ پورڻماسي سنه ١٩١٩ع ۾ حڪيم ڏيٺارام ناٿاڻيءَ جي گهر نواب شاهه ضلع جي سڏوجا ڳوٺ ۾ ٿيو. سندس ڏاڏو حڪيم هيرانند ناٿاڻيءَ پتا حڪيم ڏيٺارام ناٿاڻي پنهنجي زماني جا حاذق حڪيم هئا. يوناني طب جا ماهر هئا. سارو پريوار ڌارمڪ ويچارڌارا وارو هو. سندن گهر ۾ وقت به وقت هَون يگيه ٿيندو هو. ڏاڏو هيرانند ناٿاڻي مکي به هو ته شاعر به هو. ڊاڪٽر ارجن ڌارمڪ وايومنڊل ۾ پليو. سندس ابتدائي تعليم ڳوٺ سڏوجا ۾ ٿي. اُن بعد هي ڪنڊياري ۾ پڙهيو. يوناني طب جي ڄاڻ کيس وڏڙن کان ورثي ۾ ملي. هن يوناني طب جي نسخن جو چڱو ابياس ڪيو ۽ آيرويدڪ جو گيان پراپت ڪيو. وڌ تي هن ڊاڪٽري پيشو اختيار ڪيو.

ديش جي آزادي آندولن وقت سڪايل صاحب خوب قلم آزمائي ڪئي. هن ديش ڀڳتيءَ جي ڀاونا وارا گيت رچيا. هن نوجوان هفتيوار سنڌي اخبار جو سمپادن ڪيو. جنهن ۾ قومي سڄاڳيءَ وارا ليک شايع ڪندو هو. سڪايل صاحب جا ڪي مضمون شري بولچند راجپال جي رسالي 'سنڌو' ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا. هن جو وواهه ڪرشنا ديويءَ سان ٿيو. ديش جي ورهاڱي بعد هي سنڌ جا وڻ ڇڏي پريوار سميت ڀارت ۾ لڏي آيو. هي صاحب ڪجهه سال ٻڙودا

سڪايل صاحب کي سندس ساهتيڪ يوگدان لاءِ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا طرفان ٢٥ هزار روپيا شري مورجمل منگهناڻي طرفان، ويهه هزار روپيا ايشوري ٻائي بخشاڻي انعام ڊاڪٽر رام بخشاڻيءَ طرفان راشٽريه سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد ڀارت سرڪار طرفان پنجاهه هزار روپيا، سيتا سنڌو ڀون ۽ ٻين سنسٿائن طرفان مانَ سنمان ڏنا ويا. آجيون يوگدان لاءِ پيڻ آشا چاند پوچيه پتا شري اُتم جي يادگيريءَ ۾ ٥٠ هزار روپيا انعام پڻ عطا ڪيو. ڊاڪٽر سڪايل جدا جدا مشاعرن ۾ صدارت ڪئي. آڪاشواڻي، دوردرشن تان پڻ ڪاويه پاٺ ڪيو.

ڊاڪٽر ارجن سڪايل کي پريوءَ شاعراڻي دل ڏني هئي. هي صاحب پڪو پختو شاعر هو. سندس چند شعرن جو جائزو پيش آهي. آزاديءَ جي آندولن وقت هن شاعر قومي جهنڊي جي مهما ڳائيندي چيو :

اسين ٿا جهنڊي جي سلامي ڪريون،
اچو ديش جي نيڪنامي ڪريون،
اسانکي تو قرباني گيڙو ٻڌائي،
اُميدن جو پيغام سائو سڻائي،
اچو نه دلين کي پوتر بڻايون.

سڪايل صاحب کي سائيهه سنڌ ۽ سنڌ وارن سان ڪيڏو نه لڳاءُ هو ! اُن جي جهلڪ سندس هينين مصرائن مان ملي ٿي : -

اي دل ! خيال آيو، جيئري ملي نه سگهبو.
جن کي سکون ’سڪايل‘ تن کي ڏسي نه سگهبو !

شاعر جي خواهش هئي : -

ئي شهيد هيمون ڪالاڻي لئبرري برپا ڪئي. هي درويش دل سنڌونگر ۾ سرگرمين ۾ سڪريہ رهيو. ڪجهہ سالن بعد ڊاڪٽو پاڻي ڪيس ممبئيءَ ۾ چڪي ويو. اُتي انڌيري ممبئيءَ ۾ وڃي رهيو. سندس پياري پتني ڪرشنا بہ پرلوڪ پڌاري. ممبئيءَ ۾ رهندي هي صاحب سرگرم رهيو. زندگيءَ جا ڪيترا پويان سال هي صاحب بيماريءَ جي بستري تي هوندي بہ قلم هلائيندو رهيو. ورڌ اوسٿا هوندي بہ سندس دل جوان هوندي هئي. سڪايل صاحب تنهائيءَ واري زندگي گذاريندو هو. سندس نياڻيون پرگهور لهنديون هيون. پيارو بهاري شهري ۽ ٻيا ڪي دوست پڻ وٽس وڃي دل وندرائيندا هئا.

ڊاڪٽر سڪايل صاحب جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا جن مان سندس ويچارڌارا جي جهلڪ ملي ٿي. 'ٽندي آدم جو اِتهاس'، 'انارڪلي' (ڪنڊ ڪاويہ)، 'ڏهن خطن ۾ گيتا'، 'امرت ڪلش'، 'هڪ پرش ٽي استريون'، 'سنڌي ٻوليءَ جو خون'، 'ڪپهہ ۽ باهہ'، 'لينن'، 'اندرا گانڌي'، 'تنهنجي رنڌڻي ۾ تنهنجي اسپتال'، 'صحت تنهنجي صلاح منهنجي'، 'هندي-سنڌي ٽيچر'، 'ادب ۽ اديب'، 'سنڌونگر جا سنڌي'، 'تاثرات' وغيره سندس تصنيفون آهن.

ڊاڪٽر سڪايل صاحب کي سرڪاري غير سرڪاري سنسٿائن طرفان انعام سنمان عطا ٿيا. رشيا سرڪار طرفان 'لينن' جيوني تي کيس نهرو امن انعام عطا ٿيو. سينٽرل هندي ڊئريڪٽوريٽ ڀارت سرڪار طرفان ويهہ هزار روپيا انعام، اندرا گانڌي جيونيءَ تي راشٽريہ سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد طرفان 'امرت ڪلش' پستڪ تي ويهہ هزار روپيا.

ڪراچيءَ ۾ ٽي. ڪئمبرج تائين تعليم حاصل ڪئي.

ديش جي ورهاڱي سبب ڪراچي سنڌ جا وڻ ڇڏي هوُ پريوار سميت ممبئيءَ ۾ آيو. پهرين هو ڪلياڻ ڪئمپ ۳ ۾ اچي رهيا. لڪميچند ممبئيءَ جي ٽيليگراف آفيس ۾ نوڪري شروع ڪئي. سنه ۱۹۵۴ع ۾ ڪيس دبئيءَ جي آئل ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ملي. شروع شروع ۾ دبئيءَ جهڙي اُجڙ ايراضيءَ ۾ ڏک ڏاڍا سهي پير ڪپائڻ ڪو کِيي هٽ جو ڪيل ڪين هو. نوجوان لڪي بہ اُن ڏکي دؤرمان لنگهڻو پيو هو. تن ڏينهن ۾ اُتي پيئڻ جو پاڻي ملڻ بہ مشڪل هو. ڪجهہ سالن بعد هي پيارو دبئي نئشنل ٽوئرل ايجنسيءَ ۾ شامل ٿيو. هوُ پنهنجي مٺڙي زبان، قابليت، محنت، ايمانداريءَ سبب دبئيءَ جي اُن وقت جي حاڪم جناب شيخ رشيد بن سعيد صاحب جي ويجهو آيو. اُن جي سهڪار سان هن دبئيءَ ۾ پهريون گيسٽ هائوس 'ايئر لائينس هوٽيل' برپا ڪيو. هن صاحب هوٽيل ايئر لائينس ۾ دبئيءَ ۾ خوب نالو ڄمايو. هن وقت اُتي دبئيءَ ۾ سندس برپا ڪيل ہہ هوٽيل 'ايمبيسڊر هوٽيل' ۽ 'ائسٽوريا هوٽيل' مشهور آهن.

شري لڪميچند لڳا جو وواهہ سنہ ۱۹۵۷ع ۾ سلڇڻي سڀاجهي سُري ٻائيءَ سان ٿيو. جوڙو جيس هو. پيڻ سُري ٻائي پنهنجي پتي لڪميچند کي زندگيءَ جي راهہ ۾ وڌڻ لاءِ پورو پورو ساٿ ڏنو. پتي پتني نہ صرف ڀارت ۾ پر دبئيءَ ۾ بہ شيوا ڪارين ۾ سڪريہ رهيا. شري لڪميچند لڳا ڌارمڪ ويچارڌارا وارو دياوان ۽ خدا ترس شخص هو. هوُ هين جي پيڙا کي پنهنجي پيڙا سمجهي اُن کي دوُر ڪرڻ جو يتن

اي ڪاش ! سنڌ مان ڪو ڪپڙو ملي ڪفن جو.

شاعر پنهنجي شعر ذريعي نئون ماحول پيدا ڪرڻ چاهيو :-

آءُ تہ ساٿي سُر بدلايون، نوان نوان ڪي ٻول ٻڌايون،
ٻڪريءَ ڪي اچ شير بڻايون، جهرڪيون بازن ساڻ لڙايون !

سڪايل صاحب جي رومانوي طبيعت سندس شعر مان ظاهر آهي :-

خوشبو گلاب جي تون، سُرخي گلاب جي تون،
مستي شراب جي تون، گرمي شباب جي تون،

سڪايل صاحب هڪ آستڪ آشاوادي شاعر هو.

شري لکميچند لُلا

دبئيءَ جي دانشمند دلبر دانوير دوستن مان پيارو شري لکميچند لُلا بہ هڪ مذرپاشي متر هو. هوُ پنهنجي اورچائي، ايمانداريءَ سان پنهنجي ڪيتري ۾ اڳتي وڌيو هو. هي اُهو دورانديش شخص هو جنهن دبئيءَ ۾ پهرين هوٽل برپا ڪئي. هن جو جنم ٩ مارچ سنہ ١٩٣٠ع ۾ شڪارپور سنڌ ۾ شري راڌا ڪرشن لُلا جي گهر ۾ ٿيو. شري راڌا ڪرشن لُلا دياوان ڌرشٽ هو. پياري لکميچند جي ماتا دياونتي ٻائي پڻ ڌارمڪ ورتيءَ واري هئي. گهر جي ڌارمڪ وايومنڊل ۾ پياري لکميچند جي پالنا ٿي. شري راڌا ڪرشن ڪي ڪراچي سنڌ ۾ برهماشيل جي گاسليٽ جي ايجنسي هئي. انڪري پياري لکميچند جي پڙهائي

چترڪار پيارو رام لعلچندائي

منهنجو دلبر دوست محبوب مٺو منٺار اوچ ڪوٽيءَ جو چترڪار ڪلاڪار هر دل عزيز چترڪار پيارو رام لعلچندائي سنساري سفر پورو ڪري ١٥ آڪٽوبر پرماتما جي پار ڏانهن رمندو رهيو. سڏڪا پريندي پيڻ شوپيا اِهو دکد سماچار ٻڌايو تہ منهنجون اکيون اشڪبار ٿيون ! دل پرجي آئي ! گذريل چاليهن سالن کان پياري رام سان سنيهہ سٻنڌ رهيو. هوُ منهنجو قدردان هو. ڏاڍي مريادا وارو خدا ترس، رچ مڙس هو. سچ چوڻ ۽ سچ لکڻ کان ڪڏهن هٻڪندو ڪين هو. هن پنهنجي قلم ۽ برش ذريعي سنڌي چترڪاري ۽ سنڌيت کي زنده رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي.

پياري رام جو جنم ٢٨ جون سنہ ١٩٤٨ع ۾ اجمير راجستان ۾ شري گرڌاريلعل لعلچندائيءَ جي گهر ۾ ٿيو. سنڌس پرائمري سيڪنڊري ۽ ڪاليجي تعليم اجمير ۾ ٿي. هوُ پڙهڻ ۾ پروين هو. ننڍپڻ کان ئي ڊرائنگ پينٽنگ ۾ سنڌس دلچسپي رهي ۽ ڊرائنگ جا امتحان پاس ڪيائين، هوُ ڪلا جو پوڄاري رهيو. هن ايم.اي. آرٽ ۾ راجستان يونيورسٽيءَ سان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي. هي پيارو سنہ ١٩٧٣ع ۾ اجمير جا وڻ ڇڏي ممبئيءَ ۾ آيو. هي پيارو مون سان ملڻ لاءِ سوامي ٽيئونرام آشرم، اُلهاسنگر-٥ ۾ آيو. هن ممبئيءَ ۾ پير کپائڻ لاءِ مون کان پڇيو. مون کيس صلاح ڏيندي چيو تہ ڪلا جو پارکو شري جئرام روپاڻي ٽائيمس آف انڊيا ۾ نوڪري ڪندو آهي، تون جيڪر اُن سان ملين تہ هوُ تنهنجي سٺي سونهپ ڪندو. پياري رام ڏيري

ڪندو هو. هو ڪن سماجڪ سنستائن سان بہ جُڙيل هو ۽ اُنهن کي آرٿڪ سهيوگ بہ ڏيندو رهندو هو. سندس بہ آگياڪاري سُپتر راجو ۽ پرڪاش آهن.

پياري لکميچند ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن کان نام ورتو هو. اُنهن لاءِ هن کي ڏاڍي شرڌا هئي. سوامي نارائڻ مندر وارن سان بہ هن جو سنبنڌ رهيو. ڀاءُ لکميچند جو پياري دادا جشن واسوائيءَ سان بہ نينهن جو ناتو هو. هو سڀني سنتن کي مڃيندو هو. هو رچ مڙس وسيع دل هو. پراون کي پنهنجو ڪندڙ هو. دبئيءَ جي حاڪمن سان ڪيئن نہ هن پياري پيار جو رشتو جوڙيو! هي صاحب ڏنوان هو پرڪيس ڏن جو ايمان ڪين هوس. سندس منهن تي سدائين مشڪ نمايان هوندي هئي ۽ لبن تي شڪر شڪر! ڪجھہ عرصي کان سندس صحت سات نہ ڏيندي هئي تہ بہ هو شيوا ڪارين ۾ چاهہ وٺندو هو. سندس سپتر سندس برپا ڪيل هوٽل ۽ ٻيو وهنوار ڪاروبار سنڀالي رهيا آهن.

پيارو ڀاءُ لکميچند دل جو بہ منڙو هو تہ زبان جو بہ منڙو هو. داس کي بہ شيوا ڪارين لاءِ سهيوگ ڏيئي همٿائيندو رهندو هو. سندس پتني پيڻ سُري بہ سنڌي سهيلي سنستا دبئيءَ طرفان خلق خدمت جي ڪارين ۾ سهڪار ڏيندي رهي تي. پيارو لکميچند لُلا بہ ١٢ سيپٽمبر سنہ ٢٠١٢ع سنساري سفر پورو ڪري پريوءَ جي راهہ ڏانهن رمندو رهيو.

ٻڌشياٽي پياري رام ۽ شوپا ہنهي کي گڏ ايشوري ٻائي ٻڌشاٽي يادگار ۲۰ هزار روپيا انعام ڏئي سنمانت ڪيو. شري ناري گرسهاٽي انٽرنئشنل پئنچات فيڊريشن طرفان ڪيس جهوليلعل انعام ڏئي رام جي قدرشناسي ڪئي. مالهي اڪاڊمي سنڌي ٻولي پرچار سڀا، ماستر چندرا اڪاڊمي پڻ پياري رام کي ۽ شيلڊون عطا ڪندي سنمانت ڪيو.

سنڌي سينا ٻرپا ڪرڻ ۾ ٻہ پيارو رام سڪريہ رهيو. پيارو رام سنڌي نئين ٿهيءَ کي سدائين همٿائيندو رهيو. هوُ ٻڌي جيوي هو، بيدار شخص هو. سنڌي تهذيب ۽ تمندن کي برقرار رکڻ لاءِ ڪيترائي سندس سپنا هئا. هن پنهنجي برش ذريعي جو سنڌ جو نقشو تيار ڪيو سو مقبول ٿيو ۽ ڪيترن سنسٿائن اُهو نقشو ڇپائي ورهايو. هوُ صدق وارو انسان هو. سندس اندر ۾ پوڄيہ دادا جشن واسواٽي، سوامي شانتي پرڪاش مهاراج، سوامي ديو پرڪاش مهاراج، سنت ساڌرام صاحب، سنت چانڊورام صاحب، سنت ڀڳت پرڪاش مهاراج ۽ ٻين سنتن لاءِ بيحد شرڌا هئي. هوُ آستڪ ۽ آشاوادي هو. تازو ئي سندس ننڍو ڀاءُ سنڌونگر ۾ گذر ڪري ويو. هوُ ننڍي ڀاءُ جو صدمو سهي نہ سگهيو. سندس صحت تي اُن صدمي جو ٻہ اثر ٿيو جو هوُ جلد ئي اسانکي الوداع ڪري ويو.

وسارڻ سان نہ وسرن ٿيون پنهنجي يار جون ڳالهيون،
سدائين ياد سي رهنديون محبت پيار جون ڳالهيون.

(شاعر پرسرام ضيا)

ڏيري پنهنجي اورچائي اُدم ايمانداري اُتساهه همٿ سان پنهنجي آرٽ ڪيتر ۾ پير پختا ڪيا. سندس ووڌ ساهتيڪار ڀاءُ ٺاڪر چاولا ۽ ڀيڻ پارو چاولا جي سُپتري شوپا سان ٿيو. جوڙو جيس هو. زندگيءَ جي سفر ۾ پياري شوپا پنهنجي پتي رام کي پورو پورو ساٿ سهيوگ ڏنو. ڪين سپتر آنند ڄائو اُن بعد سپتري امرتا ڄائي پياري رام پنهنجي گهر گرهست جون جوابداريون پوريون ڪندي پنهنجي ڪيتر ۾ نالو ڪڍيو. سندس شروعاتي زندگي ڪشمڪش واري هئي پر هن پنهنجي پرشارٿ پريشرم دواران زندگي رنگين بڻائي.

پياري رام جي پريس آرٽ اسپاٽ ۾ سوين سنڌي ڪتاب ۽ گرنٿ ڇپيا جن جا سندر ڊزائين وارا ڪوَر پياري رام تيار ڪيا. ڪتاب جي عنوان موجب نهڪندڙ چتر پيش ڪندو هو. هر نئين مهني سپون مخزن کي بہ سينگاريندو رهيو. منهنجا انڪل ڏيهہ ڪن ڪتاب ونس ڇپيا جن جا نهڪندڙ ڪور تيار ڪيائين. ڪڏهن ڪڏهن خاص موقعن تي هندواسي کي بہ زيبدار بڻائيندو هو. ڀاءُ منگهارام سپاهيملاڻي هندواسيءَ جي سمپادن جي جوابداري ڀيڻ شوپا کي سونپي تہ ڀاءُ رام پتني شوپا کي سهيوگ ڏئي نيمت هندواسي شايع ڪندا رهيا. پوءِ تہ سمپادن سان گڏ ڇپائيءَ جي جوابداري بہ پياري رام تي هئي. هوُ ٻئي گڏ اِها جوابداري نباهيندا رهيا. ڀيڻ شوپا پنهنجي قلم دواران بہ هندواسيءَ جي شيوا ڪندي رهي آهي.

ڀاءُ رام جي ڪيل خدمتن جي قدرشناسي ڪندي اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا ڪيس ڀارهن هزار روپيا انعام عطا ڪيو. ڊاڪٽر رام

ڪونہ ورتي ۽ چيائين تہ اَسان ديش جي آزاديءَ صدقي لوازمي لاءِ
ڪين سنو. اَسان پنهنجو ڪرتويہ سمجهي ماترڀوميءَ لاءِ سزائون سٺيون.

شري گهنشيامداس منگهناڻي پريوار سهت اَڄي اُلهاسنگر ۾ رهيو.
هوُ پنهنجي پرشارٿ ۽ پريشرم سان پريوار جي پالنا ڪندو رهيو. دادا
گهنشيامداس نہ صرف ديش ڀڳت هو پر ايشور ڀڳت بہ هو. اونهو
اَڀياسي بہ هو. گهر ۾ ڪيس ڌارمڪ پستڪاليہ جو خزانو هو. هي پيارو
پريو شري رام جو اننيہ اُپاسڪ هو. انڪري نت نيم رامايڻ جي ڪٿا
بہ ڪندو هو. ڳوٺاڻيءَ ۽ سنتن جي واڻي پيار وچان پڙهندو هو.

پياري سندر جي ماتا سيتا ٻائي بہ ڌارمڪ ويچارڌارا واري زميندار
خاندان مان هئي. پريوءَ ڪيس مٺڙ آواز ڏنو هو. هوءَ پريم سان منا
ڀڄن ڳائيندي هئي. گهر ۾ ديش ڀڳتيءَ ۽ ايشورڀڳتيءَ جي وايومنڊل
۾ پياري سندر جي پالنا ٿي. ڪيس پوجنيہ ماتا پتا وٽان شڀ سنسڪارن
جي پونجي پراپت ٿي. ٻاءُ سندر اسڪولي وديا اُلهاسنگر ۾ ورتي. هيءُ
ٻاءُ پڙهڻ ۾ پروين هو. ڪاليجي تعليم ممبئيءَ ۾ ورتي ۽ پوءِ گجرات
وشوَ ودياليہ احمدآباد مان بي.ئي. اليڪٽريڪل ۽ بي.ئي. مڪئنيڪل
ڊگريون پراپت ڪيائين. پوجيہ پتا وانگر ڪيس پڙهڻ جو چاهہ هو، هوُ
پنهنجي پڙهائيءَ سان گڏ انگريزي، سنڌي، هندي، سنسڪرت جا
پستڪ بہ پڙهندو رهيو. هن پهرين ممبئيءَ ۾ نوڪري ڪئي. سنہ
١٩٦٨ع ۾ هيءُ پيارو دبئيءَ ۾ ويو ۽ اُتي دبئي اليڪٽرسٽي ۽ جل
وڀاڳ جو پرمک آفيسر ٿي رهيو. سندس پتني لتا منگهناڻي بہ سٺن
سنسڪارن واري پياري ۽ سباجهي آهي. پتيءَ جي پرگتيءَ ۾ پتنيءَ

شري سندر منگهاڻي

ڪوينا دل جي اُپج آهي. پياري ڀاءُ سندر منگهاڻيءَ جي دل ۾ پياري پريوءَ لاءِ پياس هئي. اونهي اُڪير هئي. سندس گيت اُن اُڪير جي اُپج آهن. پياري سندر پنهنجي نالي کي سارٿڪ ڪيو آهي. سندس جيون ۾ سنيهه، سهانيوتي، ستيه سادگي سمرپڻ جي سڳنڌ هُئي. سندس هرديه ڀڳتيءَ ۾ ڀنل رهيو. هن پياري گهر گرهست ۾ رهندي، نوڪري، ڏنڌو ڌاڙي ڪندي پريوار جي پالنا به ڪندي پرو اپڪار جي ڪارين ۾ فراخ دليءَ سان يوگدان ڏنو. ساڻ ساڻ منا مناگ ٻيت ناهيا ۽ اُنهن کي مڌر سرم ڳايو. پرماتما کيس ڀڳي ڏات ڏني هُئي.

پياري ڀاءُ سندر جو جنم ٢ جنوري سنه ١٩٤١ع ۾ ٽنڊي آدم سنڌ ۾ شري گهنشيامداس منگهاڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. منگهاڻي پريوار ديش جي آزادي آندولن ۾ سڪريه ڀاڱ ورتو. پياري سندر جو ڏاڏو صاحب شري پرمانند منگهاڻي سچو سوتنترتا سنگرامي هو. سندس وڏو سُپتر شري گهنشيامداس منگهاڻي به پوجيه پتا جي راشٽريه ۽ ڌارمڪ ڀاونائن کان پرڀاوت ٿيو. هن صاحب ديش جي آزاديءَ جي هلچل ۾ ڀرپور ورتو. هوُ ان آندولن ۾ ايڏو ته سڪريه رهيو جو کيس ٢ سال ساڍهه سخت پورهي سان جيل جي سزا ملي. هوُ ديش ڀڳت خوشيءَ سان اُها سزا ڀوڳي آيو. شري گهنشيامداس هڪ خدا ترس نيڪ دل انسان هو. ديش جي ورهاڱي کانپوءِ هو پريوار سهت جڏهن ڀارت ۾ لڏي آيو ته هن رج مڙس سرڪار کان سوتنترتا سنگرامي ناتي پينشن

ڪوي سندر نام جو مهتوَ ٻڌائيندي صلاح ڏئي ٿو :

نام جي مالا جپ تون، پراڻي جيون ڪر تون سڄايو،
نام بنا پل جيڪو گذري، سو پل آهي اَجايو.

ڀاءُ سندر پريم جي مهما ڳائيندي چوي ٿو :

پيار ۾ خود ڀڳوان وسي ٿو، پيار جي مهما نياري،
پيار جي دولت جنهن وٽ ناهي، آهي سو تہ ڀڪاري،
پيار جو شستر جنهن وٽ آهي، تنهن جيتي دنيا ساري،
هر رشتي کان اونچو جڳ ۾، رشتو پيار جو !

ڪوي سندر گرو مهما، ايشور مهما، جڳت جي نشورتا سنٻنڌي ويچار پنهنجي گيتن ۾ پيش ڪيا آهن. ڪي سڪياداڻڪ گيت بہ لکيا آهن تہ ڪن گيتن ۾ سماج جو چتر بہ چٽيو آهي. سندس گيتن ۾ اُپما، روپڪ، اَلنڪارن جو بہ پريوگ ٿيو آهي. گيتن جي ٻولي سرل سپڪ آهي. وديش ۾ رهندي سندس هرديہ مان ڀڳتي ڪاويہ جي ڌارا پرواهت ٿيندي رهي. پيارو سندر ساهتيہ سرجڻ، سمرڻ ۽ شيوا ۾ پاڻ موڪيندو رهيو.

پيارو سندر منگهناڻي سدائين مونکي شيوا ڪارين لاءِ آرٿڪ سهيوگ ڏيندو رهيو. منهنجو منٽرو سندر علاج لاءِ حيدرآباد دکن آيو. اُتي ئي ۱۷ سيپٽمبر ۲۰۱۴ع سنساري سفر سماپت ڪيائين.

پيارو ڀاءُ سندر سنڌي ساهتيڪارن کي قلن مٺ انعام طور ڏئي همٿائيندو هو. ڀاءُ شيام سچاننداڻيءَ جي سهيوگ سان هو ڪن شهرن ۾ سنڌي ست پرشن جي جيون تي وياکيان چٽاپيٽي آيوجت ڪرائي وديارٿين کي انعام ڏيندو هو. خدا ترس شخص پيارو سندر رب جي راهہ رمندو رهيو.

جو ٻہ ڀوڳدان رهي ٿو. ڀيڻ لتا جو پياري پتي سندر کي سنو سهيوڳ رهيو.

پياري ڀاءُ سندر جدا جدا فلمي ڌنن ۾ ڪيترا گيت لکيا آهن. سندس گيتن جو سنگره پرڪاشت ٿيو، جو پريمي پاٺڪن کي ڪافي پسند پيو. سندس ٻين گيتن جو سنگرهہ 'تنهنجي مرلي جڏهن ٻڌا' پرڪاشت ٿيو. ڀاءُ سندر ڀڳوان شري ڪرشڻ جو اُپاسڪ هو. هوُ ڀڳوان شيام سندر کي سمرپت ڀاوَ سان چوي ٿو :

ڪين گهران مان ماڻڪ موتي،
مونکي ڏي بس نام جي جيوتي،
منهنجو مالڪ، منهنجو پالڪ،
تون ئي آهين ! تون ئي آهين !
تنهنجي مرضي جيئن هلائين،
مرضيءَ وارو شيام تون آهين،
منهنجو ناکر، منهنجو ستگر،
تون ئي آهين ! تون ئي آهين !

ڀڳوان ڪرشن جي ورهہ ۾ ويڳاڻو پيارو سندر چوي ٿو :

منهنجي دل ۾ پيار جڳائي،
شيام هليو وئين تون !
راتين جي ننڊ چورائي،
شيام هليو وئين تون !
مرليءَ جي تان ٻڌائي،
شيام هليو وئين تون !

پنهنجي اورچائيءَ سان ايپاس ڪيو ۽ ڪوود پريڪشا پڻ پاس ڪئي. مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ ماستريءَ جو ڪورس پڻ پاس ڪيو. هي پيارو اُلهاسنگر ميونسپل سنڌي اسڪول ۾ ماستر مقرر ٿيو. هي صاحب هڪ آدرشي اڌياپڪ ٿي سوَن وديارٿين جي سونهپ ڪندو رهيو. هي پيارو پنهنجي قابليت ۽ ايمانداري اورچائيءَ سان سنڌي اسڪول جو هيڊ ماستر ٿي رهيو. هي صاحب جنهن جنهن اسڪول ۾ هيڊ ماستر ٿي رهيو اُن اسڪول کي هن نئون رنگ روپ ڏنو. هي انتظام جو ڪوڏيو هو. سندس دل نرم هئي پر اسڪول جي انتظام جي لحاظ کان سختي ڪندو هو جئن ماستر اسڪول ۾ وقت سر اچي حاضر ٿين ۽ وديارٿين جي پڙهائيءَ ڌانهن پورو توج ڏين. مونکي ياد آهي جڏهن هن صاحب اُلهاسنگر-٣ جي سنڌي اسڪول کي نئون رنگ روپ ڏنو، تڏهن هن منهنجي ستگرن سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن کي اُن اسڪول ۾ گهرائي آسيس ورتي. هي پيارو هندي راتري شالا ۾ پڻ هندي پاڙهيندو هو.

اڌياپڪ دوس جنتا جناردن پريشد طرفان ملهايو ويو تہ اُن موقعي تي پياري آسودي مل موهنانيءَ جي قدرشناسي ڪرڻ لاءِ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهارجن هٿان هن کي دشالو پهرائي سنمانت ڪيو ويو.

شري آسودي مل کي سنڌي گرامر جي خاص ڄاڻ هئي. هوُ ايپاسي انسان هو. هوُ ڪيترائي سال مهاراشٽر راجيہ پانيہ پستڪ سنڌي سمتيءَ جو مکيہ سديہ هو. هوُ وقت بہ وقت ڪارگر صلاحون ڏئي سنڌي

آدرشي اُستاد شري آسودومل موهناڻي

آدرشي اُستاد تعليمدان ۽ مڙس خدا ترس شري آسودومل موهناڻي گذريل ١٠ جون سنہ ٢٠١۴ع منگل رات جو ٧ بجي هندوجا هاسپيٽل ۾ سنساري سفر سماپت ڪري پرماتما جي پار ڏانهن رمندو رهيو. هن پياري جو جنم ١۴ مارچ سنہ ١٩۴٠ع ۾ دادو ضلع ۾ راڌڻ ڳوٺ ۾ شري هردومل موهناڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. سندس ابتدائي تعليم سنڌ ۾ ٿي. ديش جي ورهاڱي سبب سندس پريوار او. ٽي. سيڪشن، اُلهاسنگر-٣ ۾ اچي رهيو. مان جڏهن نيتاجي هاءِ اسڪول ۾ پڙهائيندو هوس تہ پيارو آسودومل ٽئين نمبر او. ٽيءَ مان پنڌ ڪري نيتاجي هاءِ اِسڪول ۾ پڙهڻ ايندو هو. هوُ ڏاڍي مريادا سان مون سان ملندو هو. هوُ لکڻ-پڙهڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. سندس اکر موتيءَ جا داڻا هئا. هو سادو سودو نماڻو هو، انڪري مان کيس ڏاڍو ڀائيندو هوس. هوُ منهنجي تمام ويجهو آيو. وديارٿي جيون ۾ هن قلم هلايو. مان جڏهن نيتاجي هاءِ اسڪول طرفان سنڌيءَ ۾ هست لکت مخزن سمپادت ڪئي تہ اُن مخزن ۾ پياري آسودي مل جو بہ هڪ ليک هو. هن پياري پنهنجي سهڻي اکرن سان اُن مخزن کي سجايو. هي پيارو اسڪول ۾ ٿيندڙ وياکيان چٽاڀيٽيءَ ۾ پڻ پاڻ موکيندو هو ۽ کيس اسڪول طرفان انعام عطا ڪيا ويندا هئا. مان سدائين هن جي همٿ افزائي ڪندو رهيس. هوُ هڪ آدرشي وديارٿي هو.

شري آسودومل نيتاجي هاءِ اسڪول ۾ پڙهندي هندي راتري پاٺشالا ۾ پڻ پڙهندو هو. هندي پڙهڻ ۾ بہ هن جي رُچي رهي. هن

...٧٦...

آسودي مل موھناڻيءَ جي قدرشناسي ڪندي ڪيس شيلڊ پيش ڪندي سنمانت ڪيو. سندس تيار ٿيل ٻجھارتن جو ڪتاب پڻ شايع ٿيو. سنڌيءَ ۾ ان قسم جو ھي پھريون ڪتاب ھو. ان ڪتاب تي ڪيس داد مليو. داد سان گڏ ڪيس انعام به عطا ٿيڻ گھربو ھو. ھي صاحب ڏرموارڙي پئنچايت جو سرگرم پريزيڊنٽ رھيو. پنھنجون خدمتون ڏيندو رھيو. ڪيس ٽي سپاترپٽ راجڪمار، ديپڪ ۽ واشولعل ۽ ٻه نياڻيون ھيون. ڪن سالن کان سندس پتنيءَ جي صحت ناساز رھي. ھن اُن جي شيوا ۾ به ڪين گھٽايو. گذريل مھني سندس شاديءَ جو ڏينھن ھو ته ھوُ پنھنجي پتني ۽ پريوارسان مون وٽ سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ خاص ملڻ آيو. منھنجي آفيس ۾ ڪيڪ ڪٽيائون. پتو ڪين ھو ته منھنجو منڙو متر منھنجو قدردان پيارو آسودومل به جلد راھ رباني وٺي ويندو. فصيح زبان، ملنساز ھردل عزيز پيارو آسودومل موھناڻي رمندو رھيو.

لڙڪ نه لڪڻ ڏين ڪريو پون قلم تي.

منٺار ميارام 'درد'

دلبر دوست منڙي منٺار ميارام جو جنم ۱ جون سنه ۱۹۴۳ع ۾ لاڙڪاڻي سنڌ ۾ شري داني مل ڪڪڙيجا جي گھر ۾ ٿيو. ديش جي ورھاڱي سبب ھن ڀارت ۾ ئي پڙھائي شروع ڪئي. بي.اي پاس ڪري ھن ناسڪ ۾ سنڌي ھاءِ اسڪول ۾ ماستريءَ جي نوڪري ڪئي. نوڪري ڪندي ھن ممبئي يونيورسٽيءَ مان ايم.اي سنڌي وشيه ۾ فرسٽ

درسي ڪتابن کي مڪمل تيار ڪرڻ ۾ يوگدان ڏيندو رهيو، سندس علميت جي قدرشناسي ڪندي ڪيس سمن همت سنگهہ آڏواڻي يادگار ٽرافي پيش ڪري سنمانت ڪيو ويو.

پياري آسودي مل موهناڻيءَ کي نہ صرف سنڌي هنديءَ جي صحيح ڄاڻ هئي پر مرهٽيءَ جو بہ هن چڱو اڀياس ڪيو هو، انڪري هن ڪيترائي مرهٽي درسي ڪتاب سنڌيءَ ۾ پڻ ترجمو ڪيا. اسڪول مان رٽايرڊ ٿيڻ بعد هي پيارو الهاسنگر اسڪول بورڊ جو ميمبر ٿي رهيو ۽ اسڪولن ۾ پڙهائي ۽ اِنتظام ڏانهن توجہ ڏنو. رٽايرڊ ٿيڻ کانپوءِ شري آسودومل سماج شيوا جا ڪاريہ ڪندو رهيو. ڏرمواڙي سنڌي پئنچايت ڪيس پريزيڊنٽ چونڊيو. ان پد تي رهندي هو روز ڪجهہ وقت آفيس ۾ ويهي پنهنجي ايراضيءَ جا مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. هن ڪيترن ٽٽل جوڙن کي وري ملائڻ جي بہ قابل داد ڪوشش ڪئي. وٽس ڪوبہ شڪايت کڻي ويندو هو تہ هي پيارو ٻنهي ڌرين کي گهرائي پريم سان سمجهائي انصاف ڪندو هو ۽ ڪورٽ جي خرچ ۽ تڪليف کان بچائيندو هو.

پيارو آسودومل پنهنجو بچيل وقت لکڻ پڙهڻ ۾ سڦلو ڪندو هو. هي سنڌي اکري ڳجهارتون تيار ڪري هندو اخبار ۾ شايع ڪرڻ لاءِ موڪليندو هو. هندو جو سمپادڪ شري ڪشن ورياڻي اُهي ڳجهارتون هر روز هندوءَ ۾ شايع ڪندو هو. شري ڪشن ورياڻيءَ بعد سندس سپتر شري منوج ورياڻيءَ پڻ اهو سلسلو قائم رکيو. شري آسودي مل موهناڻيءَ جي سنڌي اکري ڳجهارتن کان متاثر ٿي شري مرلي ادناڻيءَ شري

جي اکڙيون ڪلهہ ساگر ساگر،
سي اکڙيون اڄ صحرا صحرا.
اکڙيون ڪيڏيون بدليل بدليل،
توڙي ساڳيا چهرا چهرا !
درد اکين جي ٻولي گونگي،
دنيا وارا ٻهرا ٻهرا !

شاعر ميارام جي غزل جا ڪي بند پيش آهن. من مان خرار جي خبر پوندي آهي.

روشن ڏينهن چانڊوڪي رات
محبت وارن جي سوغات.
سانڍي تو جو درد پراوا
شاعر جي آ ڏڪئي ذات.
درد اجايو دل تو هارين،
بس رات وئي آئي پريات.

شاعر درد جو آشاوادي نظريو سندس شعر مان ظاهر آهي. سندس جذبي جو جوش سندس قلم جي جنبش مان ظاهر آهي. ٿوري عرصي ۾ هن ڪافي شعرگوئي ڪئي. هن پنهنجي آزاد نظمن ۾ بہ نوان استعارا، نيون تشبيهون، پرتيڪ استعمال ڪيا. نثر ۾ لکيل سندس ڪيترائي مضمون 'هندواسي' ۾ وقت بہ وقت شايع ٿيندا رهيا.

پياري ميارام درد سنڌي نثر ۾ پڻ پاڻ موکيو. دنيا کي الوداع ڪرڻ کان ڪجهہ عرصو اڳ سوامي شانتي پرڪاش ورڌا آشرم جي مندر هال ۾ پياري درد جي ٻن مضمونن جي مجموعن 'ڀاتي ٻولي' ۽ 'ويچارو

ڪلاس ۾ پاس ڪئي. هن سنڌيءَ سان گڏ هنديءَ جو به ڪافي اَڀياس ڪيو. هوُ هڪ آدرشي اُستاد هو. هوُ سوَن وديارٿين جي سونهپ ڪندو رهيو. هوُ ناسڪ جي ساهتيڪ سپيتڪ سرگرمين ۾ سڪريه رهيو. پرپوءَ ڪيس شاعراڻي دل ڏني هئي. هوُ هندي ۽ سنڌيءَ ۾ شاعري به ڪندو رهيو ته مضمون به معياري لکندو رهيو. هوُ ناسڪ سنڌي پئنچايت جو سيڪريٽري ٿي سماج سيوا جا ڪاريه به ڪندو رهيو. هي پيارو لڳن ۽ اُتساهه وارو شخص هو. ڪيس ناسڪ ضلع سنڌي پئنچايت جو جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. هي پيارو منهنجو ڏاڍو قدردان پئي رهيو. هن مونکي ڪيترائي ڀيرا ناسڪ ۾ جدا جدا موقعن تي ڪڏهن صدر ته ڪڏهن مکيه مهمان روپ ۾ گهرائي سنمانت ڪيو. هيءُ شاعر ليکڪ سان گڏ گايڪ به هو. سماج شيوي به هو. هي پيارو سنو سنچالڪ به هو. هوُ سانوري صورت ۾ محبت جي مورت هو، نمرتا جي تصوير هو.

پيارو ميارام مڌر گايڪ سون ورني دل پياري موهنلعل تلريجا جي تمام نزديڪ رهيو. ڪجهه سال هوُ ٻئي دوست ناسڪ گوداوري نديءَ جي ڀرسان هڪ جهوني مڪان ۾ رهندا هئا. محبت جو رنگ مٿس چڙهيو. ٻئي محبتي انسان هئا.

پياري ميارام جي گيتن-شعرن، آزاد نظمن جا مجموعا ’جهوليلعل گيت مالا‘، ’چٽگون‘، ’پياس‘، ’الجهن‘ شايع ٿيا. هن پنهنجي تخلص ’درد‘ سان نباهيو آهي. سندس دل ۾ درد هو ته سندس شاعري ۾ به درد آهي. سندس ڪلام ۾ موسيقي، ميناج ۽ رواني آهي. اڪثر ين جو ذڪر ڪندي چيائين :

پوجيہ سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ پوجيہ دادا جشن واسوائيءَ جي ويجهو آيا ۽ اُنهن ٻنهي ويوتين جي آسيس ورتي. اُنهن جو پيار پيتو.

هي پيارا ڀيرين سڱان ۾ رهندا هئا. پوءِ هو اچي پيڊر روڊ ممبئيءَ ۾ رهيا. ٻئي پتي پتني وقت بہ وقت اُلهاسنگر ۾ اچي ڪن گهرجائو گهرن ۾ هلي اُنهن جي روبرو سهايتا ڪندا هئا. هنن خلق ۾ خالق پسي خلق جي خدمت ڪئي. پيڻ چترِي پاڻ تہ شيوا جي ڪيتر ۾ پاڻ سڪريہ رهي پر هن پنهنجي ماتا نوند ٻائي هاسانند لڪاڻي ۽ پنهنجي پائرن پياري هيرانند لڪاڻي، پياري پاءُ گل لڪاڻي، پياري پاءُ ڪان لڪاڻيءَ کي بہ شيوا جي ڪيتر ۾ گهيڙيو. اُنهن پنهنجي مايا جو سدا اُپيوگ ڪيو. هوءَ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ماتا ۽ پائرن کي هتي اُلهاسنگر ۾ وٺي ايندي هئي. هوُ دل کولي دان ڪندا هئا. پيڻ چترِي ۽ پاءُ منگهارام بہ پرلوڪ پڌاريا.

شري سندرداس ٻنيجا

شري سندرداس ٻنيجا سوتنترتا سئناني هو. ديش جي آزادي آندولن ۾ هن نڊر نرڀيڪ نوجوان سرگرم ڀهرو ورتو. انگريز ڪيس جيل جي ياترا ڪرڻي پيئي. هو نيتاجي سڀاش چندر بوس جي ويچارڌارا کان پرڀاوت ٿيو انگريز هوُ آزاديءَ جي هلچل ۾ گرم ويچارڌارا وارو هو. سندس پڙهائي تلڪ اسڪول سکر ۾ ٿي. هي ڪسرتي جوان روز ڪسرت شالا ۾ وڃي خوب ڪسرت ڪندو هو، ڪُشتي لڙندو هو. جهڙو بدن جو بهادر هو تهڙو دل جو بهادر هو. نوجوان سندرداس سکر ۾ هندن جو هڪ سنرڪشڪ هو. هو غلط عناصرن کي ٽوٽا چٻائيندو هو. سندس سهرو

مهمان ۾ ڪهاڻي سنگره ’چاڪاڻ ته‘ جو مهورت مون کان ڪرايو ويو. ڏاڍي خوشيءَ جي ماحول ۾ ميارام ۾ ناسڪ مان آيل پريمي نچيا ٽپيا. ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻي، شري گورڌن شرما ’گهايل‘ پياري ميارام جي مذڪور تصنيفن بابت ڳالهائيندي ڪيس داد ڏنو. پياري ميارام ناسڪ ۾ شاعر گورڌن شرما جي يوگدان بابت ڀرپور سيمينار آيوجت ڪيو.

پياري ميارام درد جي صحت ناساز ٿي پيئي. هي منو منتار ميارام ١٩ جون سنه ٢٠١٠ع دنيا کي الوداع ڪري ويو. سندس من ۾ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن لاءِ اگاڌ شرڌا هئي. سائين ضيا صاحب جو شعر آهي : -

وسارڻ سان نه وسرن ٿيون مٺي منتار جون ڳالهيون،
سدائين ياد سي رهنديون محبت پيار جون ڳالهيون.

پيڻ چتري ۾ سندس پتي منگهارام پنجابي

پيڻ چتري منگهارام ۾ سندس پتي شري منگهارام پنجابي پياسي روح هئا. سندن رڳ رڳ ۾ پيگنتي پاونا هئي. سندن دل ۾ هو درد مندا ڪا درد، اُن درد سبب بنهي جڻن خلق خدمت جي ڪارن ۾ پاڻ موڪيو. جوڙو جيس هو. اٽڪل چاليهه سال اڳ هنن پيارن سان منهنجي ملاقات ٿي. هوُ بئي مونکي سيوا ڪارن ۾ آرٿڪ سهيوگ ڏيندا رهيا. هوُ بين جي پيڙا کي پنهنجي پيڙا سمجهي سندن درد کي دور ڪرڻ جو يتن ڪندا هئا. مان ٿي ڪين ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۾ پياري دادا جشن واسواڻيءَ وٽ ڀرين وٺي ويس. پوءِ هوُ ڏيري ڏيري

منهنجو منڙو متر امرلعل ڦيرواڻي

پيارو امرلعل ڦيرواڻي منهنجو منو متر سالن کان سيوا ڪاريه ۾ ساٿي ٿي سهيوگ ڏيندو رهيو. هي پيارو جنتا جناردن پريشد جي ڪاريه ڪارڻيءَ جو سڪريه سدسيه هو. پيشي جي خيال کان هوُ فوٽوگرافر هو. روز نت نيم جنتا جنارن پريشد جي آفيس سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ اچي نشڪام ڀاونا سان سيوا ڪندو هو. ڪٿي به هوڏ پوندي هئي يا سوڪ پوندي هئي يا ڀونڪمپ ٿيندو هو، ساموهڪ شاديون ٿينديون هيون ته پيارو امرلعل سدائين مونسان سيوا ڪاريه ۾ سچو سهيوگي ٿي ساٿ نباهيندو رهيو. سندس دل ۾ دکين دريدرن لاءِ درد هو. ان درد وچان هو دکين جي سيوا ڪندو هو. هن پياري ڪڏهن به ڪم ڪرڻ کان ناڪار ڪانه ڪئي، سدائين مشڪندي هر سيوا ڪرڻ لاءِ تيار هوندو هو. هي پيارو ڀڳوان شنڪر جو اننيه اُپاسڪ هو. هن ستگر سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن کان گر منتر ورتو. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ۽ سوامي ڏيو پرڪاش مهاراج، سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج کيس ڏاڍو ڀائيندا هئا. هي پيارو به ١٠ سيپٽمبر ٢٠١٢ پرم ڌام پڌاريو. جدا جدا اُتسوَن ۾ هن منهنجي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن، بين سنتن، منهنجا ۽ شيواڪارن جا يادگار فوٽا ڪڍيا.

دک جدائيءَ جو ڏيئي امر اوچتو رمندو رهيو. هي دکين جو دوست پريوءَ ڏانهن پرواز ڪري ويو. هو گرهست ۾ رهندي ڪيڏي نه لگن سان

مکي وريلداس ڀهراڻي سکر جو رچ مڙس هو.

ديش جي ورهاڱي بعد هي پهرين ڪجهہ وقت هردوار ۾ رهيو ۽ پوءِ هي پنهنجي پريوار سان اچي الهاسنگر- ٣ جي او.ٽي. سيڪشن ۾ رهيو.

شري سندرداس ٻنيجا لڳن وارو اُتساهي هو، نشڪاوان ڪاريہ ڪرتا هو. هن او.ٽي. سيڪشن جي رهواسين جي نشڪام ڀاونا سان اهڙي تہ شيوا ڪئي جو ٻہ ٽي دفعا اُلهاسنگر ميونسپل جو ميمبر چونڊجي آيو. هوُ پنهنجي وارڊ وارن جا مسئلا هڪدم دور ڪندو هو. هوُ ڪنهن جو ڏکہ درد سهي نہ سگهندو هو. ڏکيءَ جو ڏک دور ڪرڻ لاءِ هڪدم هڪيو حاضر هوندو هو. ڏنگا ماڻهو هن کان ڪنہ ڪائيندا هئا. پيارو سندرداس رباب وارو رحمدل رچ مڙس هو. سدائين سچ جي راهہ تي هلندي سچ چئي ڏيندو هو. هي پيارو اُلهاسنگر- ٣ جي او.ٽي. سيڪشن جو پريزيڊنٽ بہ ٿي رهيو. هوُ عوام جون دقتون دور ڪرڻ جو يتن ڪندو هو. کيس هر مهني سوتنترتا سئناني ناتي سرڪاري پينشن ملندي هئي تہ اُن جو سد اُپيوگ ڪندو هو. ڪن گهرجائن کي مدد ڪندو هو. هي پيارو هر مهني مونکي شيوا ڪاريہ لاءِ اڌائي سو رپيا ڏيندو رهيو. شري سندرداس ٻنيجا نوي سالن جي عمر ۾ بہ ڏاڍي اُتساهہ اُمنگہ سان ڳالهائيندو هو. هن پياري ٩ نومبر ٢٠٠٩ع ۾ سنساري سفر سماپت ڪيو. سندس سپتر ڪمل ٻنيجا بہ منهنجو قدردان آهي. سندس ناني ڪمار آئلاڻي ماضي ايم.ايل.اي. شيوا ڪارين ۾ سڪريہ آهي. سندس ڏوهٽو ٽوني سيرواڻي بہ ميونسپل ڪائونسلر آهي ۽ لڳن سان ڪاريہ ڪري رهيو آهي.

مشن، ممبئي جي سهيوگ سان هن سؤن گهرجائو گهرن کي باٿ روم ۽ سنڊاس ٺهرائي ڏنا. هوُ پنهنجيءَ صحت جو ڪو خيال نہ ڪري سردي گرميءَ ۾ شيوا ڪاريہ ڪندو رهيو. هو پيارو شيوا ڪارين ۾ مونکي بہ سدائين سهيوگ ڏيندو رهيو. ڪيترا سال هي اناج نہ کائي ڦل کائي گذران ڪندو رهيو. هي پيارو ساڌو واسواڻي سينٽر الهاسنگر جو سيڪريٽري ٿي شيوا ڪندو رهيو. هي پيارو ٧٣ سالن جي عمر ۾ سنساري سفر پورو ڪري ٨ ڊسمبر سنہ ٢٠١١ع ۾ پرلوڪ پڌاريو. پياري پريوءَ لاءِ پياسي روح رمندو رهيو. پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي پيار جو پياسي هو سندس دل پنل ۽ اڪڙيل مان پياس جا لڙڪ لڙندا هئا.

پيارو نندلعل هندوجا 'آنند'

منهنجو دلبر دوست قدردان پيارو نندلعل هندوجا هڪ آدرشي اُستاد هو. هن سوَن شاگردن جي سونهپ ڪئي. هي پيارو اديب هو، انڪري ساهتيڪ سرگرمين ۾ سرگرم رهيو. پياري نندلعل جو جنم ٥ اپريل سنہ ١٩٣٨ع ۾ شري پهلاجراءِ هندوجا جي گهر لاڙڪاڻي سنڌ ۾ ٿيو. هن پرائمري تعليم سنڌ ۾ ورتي. ديش جي ورهاڱي بعد پهرين هي گانڌي نگر ڪولهاپور ۾ ماتا پتا سان گڏ رهيو. ڪجهہ عرصي بعد هي پيارو اُلهاسنگر ۾ اچي رهيو. هن پنهنجو اڀياس چالو رکيو. بي.اي. هسٽري ۽ سنڌي وشيہ کڻي پاس ٿيو. هي پيارو پرسرام پارومل نيو ايرا هاءِ اِسڪول ۾ ماستر مقرر ٿيو. ماستري ڪندي هن پنهنجو اڀياس

شيوا ڪندو رهيو. اهڙا ٻانهن ٻيلي ملڻ مشڪل آهن. سندس پتني، سپتر هريش ۽ ٻه نياڻيون آهن.

پيارو نارايڻ پوپٽاڻي

منهنجو پيارو نينهن ۾ نيارو دکين دريدرن جو دوست شري نارايڻ پوپٽاڻي ڪيڏي نه اُتساهه اُمنگ سان خلق خدمت جي ڪارين ۾ پاڻ پتوڙيندو رهيو. سندس رڳ رڳ ۾ هو دادا شيام، هٽ ۾ شيوا ڪم. سندس من ۾ دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي ۽ پياري دادا جشن واسواڻيءَ لاءِ اننيه ڀڳتي ڀاونا هوندي هئي. هو ور ور پونا ۾ پياري دادا جشن واسواڻيءَ جو درشن ڪري باغ بهار ٿيندو هو. پياري نارايڻ جو جنم سنه ۱۹۳۸ع ۾ لاڙڪاڻي سنڌ ۾ شري نانڪ سنگهه پوپٽاڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. سندس ماتا جو نالو جانڪي ٻائي هو. هن آديپور مان انجنيئرنگ ڪاليج مان مڪئنيڪل انجنيئرنگ ڊپلوما پاس ڪئي. روزگار جي لحاظ کان واير جو ڪارخانو کوليو. ڏنڌو وهنوار ڪندي هي پيارو ساڌو واسواڻي سينٽر سان جڙيل رهيو. ڏاڍي شرڌا پريم سان دکين دريدرن جي شيوا ڪندو رهيو. سندس پتني هرديوي هڪ آدرش اڌياپڪا هوندي ڪيئن گهر گرهست ۾ پورڻ سهيوگ ڏيندي رهي. هي پيارو ۲۵ نومبر دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جنمدن ويشنو ڏينهن سنبنڌ لکين صحيون وٽي پونا ساڌو واسواڻي مشن ڪي موڪليندو هو. ساڌو واسواڻي

پروفيسر گوپ روپچنداڻي ۽ پياري نندلعل هندوجا منهنجو سٺ جنمدن ڏاڍي اُتساهه سان ملهايو. مونکي مصريءَ ۾ توري اُها مصري ورهائي ويئي. اسڪول مان رٽاير ٿيڻ بعد هي پيارو دنيچند ڪالاڻي ڪاليج ۾ پروفيسر ٿي رهيو. ڀارت سرڪار جي سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد طرفان شري نندلعل هندوجا کي سندس تصنيف تي ۲۵ هزار اِنعام عطا ڪري سنمانت ڪيو. سندس مشڪندڙ مهانڊو اڄ به اکين اڳيان تري رهيو آهي. زندگيءَ جا پويان ڪجهه مهنا هي پيارو ڪوما ۾ هليو ويو. ۱۷ ڊسمبر سنه ۱۹۱۴ پيارو نندلعل هندوجا دنيا کي الوداع ڪري ويو.

وڃڻ وارن کي وڃڻو هو ويا آخر وڃڻ وارا،

اسان کان ويا ڪري پاسو هئا پاسو ڪرڻ وارا. (پرسرام 'ضيا')

شري موهن ڀهراڻي

شري گوپيچند ڀهراڻي، شري ناڪرداس ڀهراڻي ۽ پيارو موهن ڀهراڻي ٽيئي ڀائر سنڌونگر جي سياست ۾ سرگرم رهيا. ٽيئي ڀائر رسوخ وارا هئا. خاص ڪري اُلهاسنگر-۳ جا سنرڪشڪ هئا. غلط عناصرن سان منهن مقابلو ڪندا هئا. مان سنه ۱۹۶۵ع کان چانديبائي منسڪاڻي ڪاليج ۾ پاڙهيندو رهيس. سندن ڪارخانو ڪاليج پرسان هو. هوُ وقت به وقت مون سان نباهيندا رهيا. مون سان سدائين مريادا وارو وهنوار ڪندا هئا.

پيارو موهن ڀهراڻي مون وٽ ڪاليج ۾ پڙهيو. هوُ هڪ سال ڪاليج

به چالو رکيو. ايم.اي ۽ ايم.ايڊ پاس ڪئي. هن جو وواهه ساوتري پنجومل رپلواڻيءَ سان سنه ١٩٦١ع ۾ ٿيو. پيڻ ساوتري پڻ سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽي جي اسڪول ۾ ماستريءَ جي نوڪري ڪندي هئي. جوڙو جيس هو. پياري نندلعل کي مِن ميلي جيون ساٿڻ ملي ويئي جنهن زندگيءَ پر ساٿس نباهيو. پتي پتني ٻنهي کي لکڻ جو شوق هو. پيارو نندلعل وديارٿين کي ڏاڍو پيائيندو هو.

پياري نندلعل ۽ سندس پتني تعليم ۽ ادب جي کيتر ۾ پاڻ موکيو. پياري نندلعل هندوجا ڏهه ٻارهن سنڌي ڪتاب ’پرواز‘، ’هم راز‘، ’نازِ وَ انداز‘، ’زندگيءَ جو راز لاجواب‘، ’دلبر هن دنيا ۾‘، ’آنند جي راهه‘، ’خوشبو‘، ’روپ آنند سروپ‘ سنڌيءَ ۾ شايع ٿيا ۽ ٻه ڪتاب انگريزيءَ ۾ ’سوال جواب‘ به ظاهر ٿيا. شري نندلعل ڪهاڻي نويس به هو ته ناول نويس به هو. مضمون نگار به هو ته ڪوي هردئه به هو. پيارو نندلعل هندوجا ڪيترائي سال سنڌي ادبي سنگت جو جنرل سيڪريٽري ٿي شاعرن ۽ ادبي بئٺڪن جو آيوجن ڪندو رهيو. هوُ هر سال پياري چندرو منگهناڻيءَ جي سهيوگ سان ممبئي ۾ هوليءَ جو هاسڍو پروگرام رکندو هو. پروفيسر گوپ روپچنداڻي ادبي سنگت جو پريزيڊنٽ هو، اُن بعد پروفيسر گيان شهدادپوري پريزيڊنٽ هو. پيارو نندلعل وقت به وقت ان سنستا طرفان ساهتڪارن جا ڏينهن به ملهائيندو هو ۽ سانسڪرتڪ ڪاريه ڪرم آيوجت ڪري سنڌي ڪلاڪارن جي همٿ افزائي ڪندو رهيو. هي پيارو منهنجو ڏاڍو قدردان خيرخواه هو.

ڪيم. ائين ڪندي پيارو موهن ڀاراڻي نقشو ڪڍي پياري ٻولچند سونيسر کي آشرم وٺي آيو. هن ٻڌايو تہ آشرم کان ٻن منٽن جي مفاصلي تي ميونسپل جا بہ رزروڊ پلاٽ اوهان هلي نظر مان ڪڍو تہ پوءِ اوهان کي اُهي پلاٽ ٽرانسفر ڪري شپ ڪارين لاءِ ڏيون. پروقت ئي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج، پيارو جيئندرام واڌوا، مان، پيارو موهنلعل ڀاراڻي ۽ شري ٻولچند سونيسر سر زمين تي وياسين. پياري موهن ڀاراڻيءَ اُهي بہ پلاٽ ڏيکاريا. ستگرو مهاراجن هڪدم ها ڪئي. پياري موهن سائين جن کي چيو تہ پلي هاڻي ئي هتي لپو لڳايو. اِهي ٻئي پلاٽ اوهان کي قانوني طرح ٺهراءُ پاس ڪري ڏبا. تڏهن ميونسپل جو پريزيڊنٽ پيارو پپو ڪالاڻي هو. پياري موهن ڀاراڻي چيئرمن ٽائون پلئننگ هڪ پلاٽ سوامي شانتي پرڪاش آشرم ٽرسٽ کي اِسڪول لاءِ ۽ ٻيو پلاٽ جنتا جناردن پريشد کي ٻڌا آشرم جي نرماڻ لاءِ ميونسپل ۾ ٺهراءُ پاس ڪري رزروڊ پلاٽ ٽرانسفر ڪرايا. پياري جيون جيون عيدناڻي ۽ پياري منوهر جيسواڻيءَ بہ ٺهراءَ پيش ڪري ٽيڪو ڏنو. اڄ انهن پلاٽن تي سوامي شانتي پرڪاش هاءِ اِسڪول جي شاهي عمارت آهي ۽ ٻئي پلاٽ تي سوامي شانتي پرڪاش ورڌ آشرم جو نرماڻ ڪيو ويو. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو سپنو ساڪار ٿيو. پياري موهن ڀاراڻيءَ جي ان ڏنل سهيوگ سبب اڄ بہ مان کيس ياد ڪندو آهيان.

پياري موهن ڀاراڻيءَ جو جنم ١٥ نومبر سنہ ١٩٤٥ع ۾ سکر سنڌ جي مکي شري وربلداس ڀاراڻيءَ جي گهر ٿيو. هن اِسڪولي ۽ ڪاليجي تعليم هتي الهاسنگر ۾ ورتي. الهاسنگر سنڌس ڪرم ڀومي رهي. ٢٦ جنوري سنہ ٢٠٠٧ع ۾ پيارو موهن ڀاراڻي اچانڪ پرڀوءَ جي پار ڏانهن رمندو رهيو.

جي سنڌي ساهت سنگت جو سيڪريٽري ٿي سرگرم رهيو. پيارو موهنلعل اُلهاسنگر ميونسپل جو ميمبر چونڊجي آيو. ميونسپل جي ٽائون پلئننگ ڪاميٽيءَ جو چيئرمن ٿي رهيو. مونکي منهنجي ستگرن سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن آگيا ڪئي ته پيارا آشرم پرسان ۾ پلاٽ هڪ اسڪول لاءِ، ٻيو ٻيا آشرم لاءِ هٿ ڪر ته اُتي اسڪول ۽ ٻيا آشرم شروع ڪيون. ستگرو مهاراجن جي آگيا اکين تي رکي مان هڪ ڏينهن صبوح جو ڪاليج ۾ پاڙهي اوچتو منيش نگر، اُلهاسنگر-٣ ۾ پياري موهن ڀرائيءَ جي گهر ويس. هي پهريون دفعو مان پياري موهن جي گهر ويس. هن مونکي ڪيڪارينديءَ اچڻ جو حال احوال پڇيو ۽ چيائين اوهان تڪليف ڪري مون وٽ آيا آهيو. مونکي فون ڪريو ها ته مان اوهان وٽ ڪاليج پهچي وڃان ها. مان ڪيس چيو ته منهنجو ڪم هو ان ڪري مان آيو آهيان. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي اِڇا آهي ته آشرم جي پرسان ۾ پلاٽ هڪ هاءِ اسڪول ۽ ٻيو ٻيا آشرم جي نرماڻ لاءِ ملن ته سٺو، ان لاءِ خاص مان آيو آهيان. پياري موهن چيو، ”سائين، مان اڄ ئي آرڪيٽيڪٽ شري بولچند سونيسر کي گهرائي ميونسپل جو نقشو نظر مان ڪڍي ڏسان ٿو ته آشرم پرسان ميونسپل جا ڪهڙا رزروڊ پلاٽ آهن. مان اوهان کي پاڻ فون ڪري سر زمين تي ايندس. توهان ڪو خيال نه ڪريو. ٻن ڏينهن بعد پياري موهنلعل مونکي ڪاليج ۾ فون ڪيو ته اڄ ساڍي يارهين بجي هو شري بولچند سونيسر سان گڏ آشرم ۾ ايندو ۽ مان به آشرم ۾ پهچان. مان آشرم ۾ پهتس ۽ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن کي احوال

منهنجي ڪوجنائمڪ تصنيف ’سنڌي شعر جي تاريخ‘ ڇپجي تيار ٿي تڏهن پياري گوردن گدوائيءَ جي معرفت ئي مهاراشٽرا جي مکيه منتري مانيه وسنت دادا پاٽل ان اموليه گرنٿ جو ممبئيءَ ۾ مهورت ڪيو. سندس وڏي ڀاءُ شري ڪنعيالعل گدوائيءَ وري منهنجي هندي ڪاويه ’اُپهار‘ جو مهورت مکيه منتري ولاسراءُ ديشمکه کان ڪرايو.

پياري گوردنداس جايون جوڙائڻ جو ڪم شروع ڪيو پر هو دليون به جوڙيندو هو. منهنجو منو متر شري گوردن گدوائي ٢٦ مارچ سنه ١٩٠٦ع ۾ سنساري سفر پورو ڪري سچکنڊ پڌاريو. سندس ٻه پٽ جگوءَ ونود، هڪ نياڻي گيتا آهن.

پيارو رمڻ راجپال

پيارو رمڻ راجپال منهنجو پيارو پرتيڀا سمپن وديارٿي هو. جڏهن هو مون وٽ چانڊي ٻائي منسکاڻي ڪاليج ۾ پڙهندو هو، تڏهن هو ڪاليج جي سنڌي ساهت سنگت جو سيڪريٽري ٿي رنگ منچ تي پنهنجو جوهر ڏيکاريندو هو. هر وياکيان چٽاڀيٽيءَ ۾ گهڻو ڪري پهريون نمبر ايندو هو. هو منچ تي ايڪانڪي ناٽڪ پيش ڪري اداڪاريءَ سان پوريءَ ريت نباهيندو هو. آگياڪاريءَ مريادا وارو وديارٿي هو. هو سنسڪاري ٻار هو. ڪيترا دفعا ڪاليج ۾ اِنعام به کٽيائين. سندس جنم ١٥ مارچ سنه ١٩٦٢ع ۾ اُلهاسنگر-٤ ۾ شري هرولعل راجپال جي گهر ۾ ٿيو. شري هرولعل راجپال ڌارمڪ خيالن وارو سماج شيوڪ هو.

پيارو گورڌن گدواڻي

پيارو گورڌن گدواڻي اسانجي گهر جو هڪ ڀاتي ٿي رهيو. هوُ مونکي ڀائو ڪري سڏيندو هو. هو محبتي مريادا وارو شخص هو. سندس جنم ١٥ مارچ سن ١٩٥٣ع ۾ وشنداس گدواڻيءَ جي گهر سانگليءَ ۾ ٿيو. سندس سارو پريوار راڌا سوامي پنٿ سان سنبنڌت هو. سندس پتا شري وشنداس گدواڻي سانگليءَ جي راڌا سوامي ڪيندر جو باني هو. گهر جي ڌارمڪ واتاورڻ ۾ پياري گورڌن جي پالنا ٿي. سندس وڏو ڀاءُ شري ڪنعيالعل گدواڻي سياست ۾ سرگرم رهيو. شري گورڌن پنهنجي ڀائرن سان گڏ ڌنڌي ۾ ڀائيوار هو. ڪن ڪارڻن سبب هن هت اُلهاسنگر ۾ اچي گلوڪوز جو ڌنڌو شروع ڪيو. شروع ۾ پهريان ٻه ٽي سال هوُ اسانجي گهر ۾ گهر جو ڀاتي ٿي رهيو. منهنجو ڀاءُ انندرام ساڻس گڏ ڪم ڪندو هو. سانگليءَ ۾ رهڻ ڪري ساري پريوار جو مهاراشٽرا جي مکيه منتري شري وسنت دادا پاٽل سان گهرو سنبنڌ رهيو. انڪري پيارو گورڌن رسوخ وارو شخص هو. پرسياوَ جو نماڻو، همدرد ۽ هر ڪنهن سان نباهڻ وارو هو.

شري هرداس ماکيجا ماضي ميئر شري امرلعل چاٻڙيا، شري رامچند ٻنيجا سندس خاص دوست هئا. پيارو گورڌن سڀن جو خير خواه هو. سندس ڌرمپتني مايا ديويءَ جو به ڪيس پورڻ سهيوگ رهيو. هن ڪيترن سان ئي ڀلائيءَ جا پير پريا. سندس دل ۾ دکين دريدرن لاءِ درد هو. ڪن ضرورتمندن جي به خدمت ڪندو هو.

پترڪار شري دليپ لعلواڻي

پيارو شري دليپ لعلواڻي هڪ نڊر نشناوان نرڀڪ پترڪار هو. سندس تحرير ۽ تقرير ۾ تاثير هو. هوُ بي انصافيءَ خلاف هڪدم آواز بلند ڪندو هو. هو ڌارمڪ پرورتيءَ وارو سيني سان ناتو نڀائيندڙ هو. سندس جنم ۱۲ سيپٽمبر سنه ۱۹٦۵ ع ۾ اجمير راجسٿان ۾ شري جيئانند لعلواڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. شري جيئانند لعلواڻي پترڪار هو. پياري دليپ جي ابتدائي تعليم اجمير ۾ ٿي ۽ هن مئٽرڪ بياور جي اسڪول مان پاس ڪئي. پوجيه پتا شري جيئانند لعلواڻي ۽ ماتا موهني بائيءَ جي ڌارمڪ سنسڪارن جو پرڀاءُ پياري دليپ تي به خوب هو. هوُ آستڪ ڌرمنشٺ ۽ ڌرم سنرڪشڪ هو. سنه ۱۹۸۳ ع ۾ شري جيئانند لعلواڻي پريوار سميت اچي الهاسنگر ۾ رهيو. ڏيري ڏيري هن هتي الهاسنگر ۾ پير کپايا. پياري دليپ لعلواڻيءَ سنه ۱۹۹۲ ع 'ڌنشڌاري' هندي روزاني اخبار شروع ڪئي. شري جيئانند لعلواڻي انيوي پترڪار هو. سندس آسيس سان پياري دليپ لعلواڻيءَ ڌنشڌاري جو سمپادن ڪندي سياست ۽ سيوا ۾ ڀاڱ وٺڻ شروع ڪيو. هي پيارو راشٽروادي ڪانگريس اُلهاسنگر جو ورڪنگ چيئرمن به ٿي رهيو. ڪيس الهاسنگر ڪارپوريشن جو ميمبر ثابت ويو. هو پنهنجي اخبار ۾ 'بات کهون کري کري' ڪالم ۾ کٽو ستيه لکندو رهيو. ڌنشڌاري اخبار عوام ۾ مقبول ٿي. هوُ دل جو وسيع هو. سيني سياسي پارٽين جي ڪاريه ڪرتائن سان هوُ پيار پريو ورتاءُ ڪندو هو. هن سنت آشارام باپوءَ کان

پياري رمڻ اِسڪولي تعليم گنگارام راماڻي سنڌ نئشنل اسڪول ۾ ورتي. هن بي.ڪام پاس ڪري پنجاب سنڌ بئنڪ ۾ نوڪري ڪئي. اُتي هو ڪامپيوٽر آفيسر ٿي رهيو. بئنڪ ۾ نوڪري ڪندي هي سنڌي سانسڪرتڪ ڪاريڪرمن ۾ سدائين سڪريہ رهيو. هي پيارو آل انڊيا ريڊيو ممبئي تي سنڌي پروگرام جو انائونسر طور بہ نڀائيندو رهيو. سندس پتني ڀاونا راجپال جو بہ ڪيس پورڻ سهيوگ رهيو. ڪن ناٽڪن ۾ هو ٻئي پنهنجو پنهنجو رول نڀائيندا رهيا. جوڙي جيس، ٻئي پنهنجيءَ ڪلا جو جوهر ڏيکاريندا رهيا.

پياري رمڻ سنڌونگر ساهتيہ ڪلا سنگم سنسٿا برپا ڪري ان سنسٿا طرفان هر سال چيٽي چنڊ جو ميلو آيوجت ڪري سنڌي سانسڪرتڪ ڪاريڪرم پيش ڪندو هو. هن سورهن دفعا انٽرڪاليجيئيٽ سنڌي ڊراما چٽاڀيٽيون رکي نوَن نوَن ڪلاڪارن کي منچ تي آڻي اُتساهت ڪيو. راشٽريہ سطح تي پڻ سنڌي ناٽڪ چٽاڀيٽيون رکيون. هوُ پاڻ اداڪار بہ هو تہ نرديشڪ بہ هو. اکل ڀارت سنڌي ساهت سڀا طرفان کيس ٢٥ هزار روپيا اِنعام عطا ڪري هنجي همت افزائي ڪئي ويئي. پيارو رمڻ سٺو آرگنائيزر بہ هو تہ سٺو انائونسر بہ هو.

پيارو رمڻ راجپال ۴٨ سالن جي عمر ۾ ١٥ جنوري سنہ ٢٠١٣ ۾ اچانڪ الوداع ڪري ويو!

پيارو رام چنچلاڻي

پيارو رام چنچلاڻي مون وٽ چاندي بائي منسکاڻي ڪاليج ۾ پڙهندو هو. هوُ پڙهڻ سان گڏ ڪاليج جي مشغولين ۾ به ڀاڱي وٺندو هو. سندس مريادا ۽ پيار واري وهنوار سبب مان به هنکي ڀائيندو هوس. هوُ سنڌي ساهت سنگت جي سرگرمين ۾ سرگرم رهيو. پڙهائيءَ بعد هن پونديءَ ۾ اپسرا پارت سئنيما جو مالڪ هوندي ۽ ٻيو ڪاروبار سنڀاليندي اُلهاسنگر-٣ جي شيوا ڪارين ۾ سدائين هڪيو حاضر هوندو هو. سندس جنم ١٥ جون سنه ١٩٥٤ع ۾ شري گهنشيامداس چنچلاڻيءَ جي گهر اُلهاسنگر ۾ ٿيو. سندس منهن تي سدائين مشڪ نمايان هوندي هئي. هوُ يارن جو يار هو، قربدار هو، سڀن سان ناتو نڀائيندو رهيو.

پياري رام چنچلاڻيءَ، پياري رميش آهوجا ۽ پياري وجئه منگناڻيءَ مونکي بنا ٻڌائڻ جي مونکي سنمانت ڪرڻ لاءِ ٻجاج هال، اُلهاسنگر-٢ ۾ اُتسو آيوجت ڪيو. انهن پيارن پروگرام رٿي پوءِ مونکي ٻڌايو ته اوهانکي اسين سونو ميڊل پيت ڪري سنمانت ڪنداسين. اُنهن ڪاميٽي ناهي اُن اُتسو ۾ منهنجي ستگرن سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن، برک وڪيل سنڌين جي ندر نشڪام ڪرم يوگي شيوڪ شري تاري گرسهاڻي، شري گوپيچند ٻهراڻيءَ جي هٿان مونکي 'سونو ٻلو' عطا ڪري سنمانت ڪيو.

نام ورتو هو، پر هو سيني سنتن کي نتمستڪ ٿيندو هو. هو ڪيترا دفعا ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي سمرتي آستان تي اچي ڏيان ۾ گذاريندي مونکي چوندو هو تہ مان هت ايندو آهيان تہ تناو مڪت ٿي ويندو آهيان. پيارو دليپ گهر گرهست جون جوابداريون پوريون ڪندي ٻارن سان بہ نباهيندو رهيو. 'ڏنش ڏاري' سمپادن ۾ سندس پراتا ٽوني ۽ سپتر للت جو بہ پورڻ ساٿ سهيوگ رهيو.

شري دليپ لعلواڻي نہ صرف سڦل پترڪار هو پر ڪامياب فلم پروڊيوسر ڊئريڪٽر بہ ثابت ٿيو. هن پياري سنڌيءَ ۾ 'جيون چڪر'، 'جيون ساٿي' بہ سماجڪ پاريوارڪ فلمون تيار ڪري سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌيت جي لاثاني خدمت ڪئي. ڀارت جي جدا جدا سنڌي بستين ۾ پاڻ وجي اُهي فلمون سنڌي سماج کي ڏيکاريون. انهن ٻنهي سنڌي فلمن سبب جدا جدا شهرن ۾ ڪيس سنڌي سنستائن سندس سنمان ڪيو. سندس مذڪور ٻنهي فلمن مقبوليت حاصل ڪئي. پيارو دليپ هر سومر ڏينهن اکين جي علاج جي شيوا ڪندو هو. ڪين مفت ڊپ وڌو ويندو هو. آيل دکين کي چانهہ پاڻي بہ پيئاريندو هو. هي پيارو مونکي بہ ڪافي عزت ڏيندو هو.

پيارو دليپ ايشور ڀڳت بہ هو تہ ديش ڀڳت، گئو ڀڳت، ماتر پتر ڀڳت بہ هو. مريادا وارو انسان هو. هي پيارو بہ ۵ فيبروري ۲۰۱۵ تي سنساري سفر پورو ڪري سچکنڊ پڌاريو.

ڪجھ سالن بعد هن پريس جو نالو بدلائي گيتا پريس رکيو. هي صاحب پريس اونرائسوسيئيشن جو ڪي سال پريزيڊنٽ تي رهيو. هن ڪلياڻ سماچارماسڪ پتريڪا بہ سمپادت ڪئي. هن پريس جي نئين عمارت ٺهرائي. ٢٧ آڪٽوبر ١٩٨٧ع ۾ ان عمارت جو مهورت سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ڪيو. پياري ماڌوداس جي من ۾ هيٺن لاءِ همردي هئي. هوُ گهرجائن جي پرگهور لهندو هو. منهنجو سنہ ١٩٥٤ع کان پياري ماڌوداس سان سنيهہ سنٻنڌ رهيو هو. هوُ قابل قدردان شخص ١٤ نومبر ٢٠٠٨ع ۾ سنساري سفر سماپت ڪري سڇکنڊ پڌاريو. سندس وڏي فرزند ڪيئلداس رزرو بئنڪ مان رٽايرڊ ڪيو آهي ۽ سندس ٻيون سپتر اجيت اڄڙا گيتا پريس سنڀاليندو آهي.

قربدار ڪمل پارواڻي

قربدار ڪمل پارواڻيءَ پنهنجي نالي کي سارٿڪ ڪيو. هوُ هن دنيا ۾ ڪمل جي گل جيان رهيو. هن وهنوار ۾ بہ نيڪي ڪئي تہ پرمارٿ جي پٿ ۾ بہ پرگتي ڪئي. گهرگرهست هوندي هن نام سان بہ ناتو جوڙيو تہ شيوا ڪارين ۾ بہ پاڻ موکيو. پياري ڀاءُ ڪمل جو جنم ٤ جولاءِ سنہ ١٩٤٥ع ۾ سنڌ لاڙڪاڻي شهر ۾ شري لڇمڻداس پارواڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. سندس پتا ۽ ماتا ديوي ٻائي ڌارمڪ ويچارڌارا وارا هئا. پياري ڪمل کي شڀ سنسڪارن جي سمپتي ملي. ديش جي ورهاڱي کان پوءِ هن هتي اُلهاسنگر ۾ اِسڪولي تعليم حاصل ڪري بي.اي

ڪيترائي سال اڳ اُلهاسنگر ۾ ٻن ڌرين جي سياسي متڀيدن سبب اشانتيءَ جو وايومنڊل پئدا ٿيو. تڏهن پياري رام چنچلاڻيءَ، رميش آهوجا ۽ وجيه منگتاڻيءَ اُهي متڀيد دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انڪري ٻنهي سڄڻن کي شانتي دوت سڏيو ويو. پيارو رام سين جو خير خواهه هو. پيارو رام چنچلاڻي ١٦ فيبروري سنه ٢٠١٤ع ۾ اچانڪ سنساري سفر پورو ڪري پرماتما جي پار ڏانهن رمندو رهيو.

ماستر ماڌوداس آچڙا

شري ماڌوداس اچڙا سنڌي ٻوليءَ جو ماهر هو، پترڪار هو، سماج سيوڪ هو، رچ مڙس، خدا ترس شخص هو. سندس جنم ١ اپريل سنه ١٩١٩ع ۾ عبدو ڳوٺ سنڌ ۾ شري جئرامداس اچڙا جي گهر ۾ ٿيو، پوءِ هوُ شڪارپور ۾ اچي رهيو. هي پڙهڻ ۾ پروين هو. سنڌي فائينل پاس ڪرڻ بعد هن ماستريءَ جي نوڪري ڪئي. ماستري ڪندي هوُ شاگردن جي پڙهائيءَ ڏانهن ڌيان ڏيندو هو. هوُ ودیارٿين ۾ شڀ سنسڪار وجهندو هو. ماستري ڪندي شري ماڌوداس پريس ۾ به ڪم ڪندو هو. ديش جي ورهاڱي بعد هوُ پريوار سان گڏ اُلهاسنگر-٢ ۾ اچي رهيو. هن صاحب اُلهاسنگر-٣ ۾ شواجي پرنٽنگ پريس شروع ڪئي. مان سنه ١٩٥٤ع ۾ پهريون پستڪ 'سنڌي سونهون' ان پريس مان ڇپايو. ماستر ماڌوداس سوين سنڌي ڪتاب پنهنجي پريس ۾ ڇپيا. هي صاحب پروف پڙهڻ وقت ليڪن جون غلطيون سڌاريندو هو.

شري فتحچند ٺڪر بابا

شري فتحچند ٺڪر هڪ درويش دل خدا ترس نيڪ انسان هو جنهن پنهنجي زندگيءَ جا ڪيترا پويان سال دکين دريدرن پکين پسن جي شيوا ۾ سڦل ڪيا. هوُ تياڳ ۽ تپسيا جي تصوير هو. هوُ پياري پريوءَ جي رنگ ۾ رنڱجي لعل ٿي ويو. سندس جنم ۱۴ اپريل سنه ۱۹۲۴ع ۾ ڪراچي سنڌ ۾ شري جيتانند ٺڪر جي گهر ۾ ٿيو. هوُ امر اڏيري لعل جا اُپاسڪ هئا. ديش جي ورهاڱي بعد پيارو فتحچند پريوار سان اُلهاسنگر ۾ آيو. هن فوٽوگرافر جو ڪم شروع ڪيو. سندس وواهه رائيپور ۾ آشا ديويءَ سان ٿيو. ڪجهه سالن بعد سندس من ۾ وئراڳ ورتي ۽ شيوا ڀاونا پيدا ٿي. هن پياري سنت ڪرپال سنگهه روحاني ستسنگه وارن کان گرو منتر ورتو. ستگروءَ ۾ سندس ڪافي نشٺا هئي.

پيارو فتحچند ٺڪر روز پرڀات جو بائيڪ تي چڙهي پرسڌ ڳايڪ شري پرشوتم جلوٹا جي ڪئسيٽ رام جپو رام جپو بانوري وڄائيندي اُلهاسنگر جي جدا جدا ايراضين ۾ وچي ستل لوڪن کي سجاڳ ڪندو هو. ڳانين ۽ ڪتن لاءِ ماٽيءَ جا ڪونريون رکندو هو. پنهنجي دڪان جي ٻاهران ٻه پياسين لاءِ ماٽيءَ جا مٽ ڀري رکندو هو. هي پيارو روز پکين پسن کي کاڌو کارائيندو هو ته سينٽرل اسپتال ۾ وڃي بيمارن جي سار ٻه لهندو هو. کين ميوو وغيره کارائيندو هو. هن پياري رام جپو آشرم برپا ڪيو جتي هن سمرڻ ۽ شيوا جي جوت جڳائي. هيءُ شاهي عمارت سندس امر يادگار ٿي رهندي. هن پياري شيواڌارين جي ٽولي ٺاهي جا جدا جدا هنڌن تي وڃي دکين بکين جي سار لهندي هئي. هي پيارو هرچند تي سوامي شانتي پرڪاش ورڌا آشرم ۾ ڏيڏن لاءِ ٽول ڪڍي

پاس ڪئي ۽ اُن بعد ايل.ايل.بي. وڪالت جو امتحان پڻ پاس ڪيو. سندس پتا صاحب کي صابڻ جي فئڪٽري هئي. هن پڙهائي ڪندي پوجيہ پتا کي ڏنڌي ۾ ساٿ ڏنو.

پيارو ياءُ ڪمل سنڌو يوٿ سرڪل جو ڪيترا سال چيئرمن ٿي رهيو. هي پيارو الهاسنگر سوپ ائسوسيئيشن جو چيئرمن بہ هو تہ الهاسنگر مئنيوفيڪچرر ائسوسيئيشن UMA جو وائيس چيئرمن بہ ٿي پنهنجون ڪارگر صلاحون ڏيندو رهيو. هن پياري سدا بهار سينئر سٽيزن سنستا بہ برپا ڪئي جنهن جو هوُ فائونڊر جنرل سيڪريٽري ٿي هر سومر صبح جو روٽري مڊ ٽائون هال ساڌو واسواڻي باغ ۾ ميلا مچائيندو رهيو. پياري موهنداس ڪوڙيمل جو بہ ان ڪاريہ ۾ ڪيس پورڻ سهيوگہ رهيو. هن پياري لاڙڪاڻي پئنچايت جو بہ عهديدار رهي شيوا ڪئي. پيارو ڪمل پارواڻي يو.ايس.اي. چئنل تي سنڌي سڱنڌ پروگرام پيش ڪندو رهيو. هي مڌرڀاشي سهڻي انداز سان اِهي ڪاريہ ڪرم پيش ڪندي ڪلاڪارن جي همت افزائي ڪندو هو. هن پنهنجي سنگرو سنت آشارام جي آشرم ۾ بہ خوب شيوا ڪئي. سندس من ۾ سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن لاءِ بہ اگاڌ شرڌا هئي. انهن شيوا ڪارين ۾ ڪيس سندس پتني رجني ۽ سپتر راجيش جو پورڻ سهيوگ رهيو. هي پيارو منهنجو بہ ڏاڍو قدردان هو. سدائين پيو مشڪندو هو. هر دل عزيز ڪمل، مسڪينن جو متر ڪمل ٢٦ مارچ سنہ ٢٠١۴ع ۾ سنساري سفر پورو ڪري رام جي راهہ ڏانهن رمندو رهيو. سندس ڪيل شيوائون وسرڻ جون ڪين آهن.

پريوار سان سنڌونگر ۾ اچي رهيو. اسڪولي پڙهائيءَ بعد هن ڪپڙي جي دڪان تي نوڪري ڪئي. آزمودو پرائي هن هتي سنڌونگر ۽ ممبئيءَ ۾ ڪپڙي جا دڪان کوليا. هي پيارو پنهنجي سائينءَ سان گڏ جدا جدا آستانن تي پڄڻ ڪيرتن ڪندو هو. مليل پيئائون پر اُپڪار جي ڪارين ۾ خرچ ڪندو هو. پنهنجي هڙا وڙان به دل کولي دان ڪندو هو. هي پيارو حضور شرم هوندو هو. مان ڪيترا ئي دفعا هن پياري ڪان سووينئر لاءِ فوٽو گهريو. پڇاڙيءَ تائين فوٽو ڪين ڏنائين. هر آرتوار تي پنهنجي سائينءَ سان گڏ صبح جو ناشتو ڪرائيندو هو. هي پيارو نياڻين جي شادين ۾ به گهرجائو نياڻين کي مدد ڪندو هو ته بيمارن کي دوائون وٺي ڏيندو هو. ڪين روڪ سهاينا ڪندو هو. پيارو آسومل هري ڪيرتن دربار ۾ به شيوا جي جوت جڳائيندو رهيو. هي پيارو سفيد پوشن جي شيوائن ۾ سدائين سڪريه رهيو. پيارو آسومل سمرڻ ۽ شيوا ۾ جيون سڦل ڪري ١٥ نومبر سنه ٢٠١٤ع ۾ سچکنڊ پڌاريو. سندس سپاتر پيارو سربش لعل ۽ ديال سندس جوت جڳائي رهيا آهن.

ڊاڪٽر ياوَن واڌواڻي

ڊاڪٽر ياون گرمکداس واڌواڻي هڪ اعليٰ تعليمدان هو پر کيس علم جو ايمان ڪين هو. هوُ ملنسار ۽ هردل عزيز خُدا ترس شخص هو. شروعاتي زندگيءَ ۾ هن ڪافي جفاڪشي ۽ جاکوڙ ڪئي. هي پيارو ڪشمڪش جي دور مان گذريو، پورهيو ڪندي پڙهندو رهيو. هن پهرين پرائمري اسڪول ۽ پوءِ سيڪنڊري اسڪول ۾ ماستري ڪندي سوَ وديارٿين جي سونهپ ڪئي. ماستري ڪندي هن اعليٰ تعليم جو

ايندو هو. هن تن من ڏن سان شيوا جو ڪاربہ ڪيو. رام جهو آشرم ۾ هن سورداسن جي شيوا بہ شروع ڪئي. بزرگن جي گڏجاڻيءَ جو پروگرام بہ هر هفتي ان آشرم ۾ ٿيندو رهيو. ڪيس جنتا جو بہ پورو پورو سهيوگ ملندو رهيو. هي پيارو مونکي بہ سدائين سنيهہ سنمان ڏيندو هو.

فقيرتن بابا ٺڪرصاحب ۱۷ ميءِ سنہ ۲۰۱۴ع ۾ سنساري سفر سماپت ڪري سچکنڊ پڌاريو. سندس سپاترپياري جڳديش لعل رام جهو آشرم برهمڪماريز سينٽرکي شيوا ڪارڻ لاءِ سپرد ڪيو جئن ان آشرم ۾ سمرڻ ءِ شيوا جي جوت جڳندي رهي.

شري آسومل شهاڻي

پيارو آسومل شهاڻي ڏنوان هو پرڪيس ڏن جو ايمان ڪين هو. نهنو نماڻو نشڪام خلق جو خذمتگار هو. هي پيارو پنهنجو ڏنڌو وهنوارسنڀاليندي، گهرگرهست ۾ رهندي ڪيترائي پراُپڪارجا ڪاربہ ڪندو رهيو. ڪيترا سال اڳ هي پيارو لوڪل ٽرين ۾ ممبئيءَ ويندي صبح جو ءِ رات جو واپس ورندي هڪ مقرر ڪمپارٽمينٽ ۾ ڀڄن ڳائيندي ڏنيون لڳائيندي سميہ سڦلو ڪندو هو. ٽرين جو اهو ڳاڏو جڻ مندرٿي پوندو هو. اُن ۾ ڀڳوان جون مورتون بہ ٽنگي منا ڀڄن پاڻ بہ ڳائيندو هو تہ ٻيا پريمي بہ ڀڄن ڳائيندا هئا. وي.ٽي. اسٽيشن اچڻ کان اڳ پرساد ورهائيندو هو. پوءِ اها منڊلي جهوليلعل لوڪل ٽرين منڊليءَ جي نالي سان مشهورٿي. پياري آسومل کي جيڪي بہ پيٽائون ملنديون هيون سي هوُ سڪرت جي ڪمن ۾ لڳائيندو هو.

پياري آسومل جو جنم ۲ نومبرسنہ ۱۹۳۵ع ۾ شري نارائڻداس شهاڻيءَ جي گهرڳڙهي ياسين سنڌ ۾ ٿيو. ديش جي ورهاڱي بعد هوُ

ENGLISH HIGH SCHOOL
Library Section
Ulhasnagar - 421 004.

اپياس جاري رکيو. هن پنهنجي پرشارٿ پريشرم سان چئن وشين
ايم.اي. پاس ڪئي ۽ پوءِ ايڊيوڪيشن ۾ پي.ايڇ.ڊي ڊگري پراپت
ڪئي. هي پيارو سيوا سدن ڪاليج آف ايڊيوڪيشن الهاسنگر ۾ پهرين
پروفيسر ۽ پوءِ پرنسيپال رهي وديارٿين جو مارگ درشن ڪندو رهيو.

پيارو ڊاڪٽر واڌواڻي جنون وارو اُتساهي اُستاد هو. ڪنهن زماني
۾ هي پيارو مون وٽ پڙهيو هو. انڪري مونکي سدائين عزت ڏيندو
هو. وقت به وقت مونکي ڪاليج ۾ گهرائي سنمانت ڪندو هو. هي
صاحب ڪن سرڪاري ڪاميٽين تي نامزد ڪيو ويو ۽ پنهنجون
ڪارگر صلاحون ڏيندو رهيو. هي پيارو ڪڏهن گيت به گنگنائيندو
هو ته ڪڏهن پاڻ به شاعري لکندو هو. سندس جنم ٢٧ فيبروري سن
١٩٤١ع ۾ گنبت خيرپور ميرس سنڌ ۾ ڀائي گرمکداس واڌواڻيءَ جي
گهر ۾ ٿيو. سندس گهر ۾ شري گرو گرنٿ صاحب براجمان هو. ڌارمڪ
واتاورڻ ۾ سندس پالنا ٿي.. هي پيارو مهاراشٽر راڄيه سنڌي اڪاڊمي،
ايس.ايس.سي. بورڊ بيوريو آف بئڪسٽ بوڪ بال ڀارتيءَ جو به ميمبر
رهي سهڻا سجهاءُ ڏيندو رهيو. هي پاڻ ڳائيندو به هو ته ساز به وڄائيندو
هو. سيوا سدن مان رٽايرڊ ڪرڻ بعد به وري ٻين ڪاليجن ۾ پرنسيپال
جو پد ماڻڻ بعد وديارٿين جو مارگ درشن ڪندو رهيو. منهنجو قربدار
قدردان پيارو ڊاڪٽر ڀاون واڌواڻي به ٢٢ ميءِ سنه ٢٠١٥ع ۾ سنساري
سفر پورو ڪري رب جي راهه ڏانهن رمندو رهيو.

Published by : Meena (Richa) Hardayal Atlani
Kamal Koonj, Opp. Jai Baba Dham, Ulhasnagar-421 005.
Printed By : Vishal Enterprises, Ulhasnagar-421 004.


پروفيسر ايشوري جوتواڻي


ڊاڪٽر ارجن سڪايل

شري لڪميچند للا

شري سندر منگهناڻي


شري آسودومل سوماڻي

شري ميارام درد


شري رام چناچلاڻي


شري سندرداس ٻنيحجا


شري موهن منسڪاڻي


شري نارائڻ پوپٽاڻيُ


شري نندلعل هندوجا


شري موهن ٻهراڻي

شري گورڌن گدواڻي


شري رمڻ راجپال

شري دليپ لعلواڻي


شري ڪمل پارواڻي


شري يولومل دوارڪاداس


شري آسومل شهاڻي


شري فتحچند ٺاڪر


ڊاڪٽر ياون واڌواڻي